ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 30 آگسٽ 2026ع 16 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (15)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پمز سانحو: ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سميت 8 آفيسر معطل، وزيراعظم پاران فوجداري ڪارروائي جو حڪم

وزيراعظم جي صدارت هيٺ لاهور ۾ پمز واقعي بابت اعليٰ سطحي اجلاس ۾ وزيراعظم کي جاچ ڪميٽي جي عبوري رپورٽ پيش ڪئي وئي، ڪميٽي جي نشاندهي تي 8 ڄڻن کي فوري معطل ڪرڻ جي منظوري

پمز جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عمران سڪندر، جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز ڊاڪٽر مظاهر شاهه، ڊاڪٽر اويس علي شاهه، ڊاڪٽر نوشابا امجد، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سيڪيورٽي محمد عثمان

سي ڊي اي جي ايمرجنسي سروسز جو ڊي جي عبدالرحمان، نيو نيٽل ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر سعديه رياض ۽ سينيئر رجسٽرار پڻ معطل ڪيل عهديدارن ۾ شامل، لاڳاپيل آفيسرن خلاف ڪارروائي جو حڪم

متاثر وارڊ ۾ موجود هڪ نرس ۽ عورت گارڊ کي او ايس ڊي بڻائي وڌيڪ جاچ جي هدايت، پمز واقعي دوران هڪ ٻار جي جان بچائيندڙ نرس لاءِ ”ستاره خدمت“ ڏيڻ جي منظوري به ڏني وئي، نون آفيسرن جي مقرري جي هدايت

باهه لڳڻ کان 6 منٽ پوءِ ايمرجنسي سروسز کي ڪال ڪئي وئي، هنگامي صورتحال بابت تفصيلي ايس او پيز يا تربيت موجود نه هئي، پمز جي 13 ايس او پيز ۾ رڳو 2 ماتحت سيڪشنز ۾ باهه يا هنگامي صورتحال جو ذڪر موجود هو: جاچ رپورٽ

ذميواري، غفلت ۾ ملوث ماڻهو ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن، پمز واقعي جي ذميوارن کي انجام تائين پهچايو ويندو معصوم ٻارن جي موت انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو آهي، جنهن تي سڄي قوم ڏکاري آهي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف پمز سانحي تي اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عمران سڪندر سميت 8 ڄڻن کي فوري معطل ڪري سندن خلاف ڪارروائي منظوري ڏئي ڇڏي وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب، وزيراعظم بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

جعلي لائسنس جا الزام، 50 پائلٽن جا لائسنس رد، 33 معطل

پي آءِ اي کي آگسٽ 2020 کان ڊسمبر 2024 تائين 200 ارب رپين جو نقصان ٿيو

اهم قدمن طور وفاقي حڪومت 50 پائلٽن جا لائسنس رد ۽ 33 لائسنس معطل ڪيا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت 50 پائلٽن جا لائسنس رد ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته 33 پائلٽن جا لائسنس معطل ڪيا ويا آهن. بچاءَ واري وزارت طرفان جمعي ڏينهن سوالن جي وقفي دوران بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران ايران خلاف نئين اقتصادي پابندين جو اعلان

لڪ پڙهه تي ٻڌل بينڪاري تائين پهچ ختم ڪرڻ لاءِ ضابطا تجويز

اهم قدم ايران خلاف نئين پابندين جي مهم آپريشن اڪنامڪ ائرٽ ڪاسٽ تحت کنيو ويو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ايران خلاف نئين اقتصادي پابندين جو اعلان ڪندي گڏيل عرب امارات ۾ قائم بئنڪ مصر يو اي اي جي آمريڪي مالياتي ادارن تائين لڪ پڙهه تي ٻڌل بينڪاري تائين پهچ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ قيد پنجويهه پاڪستاني شهري ڏيهه واپس پهچي ويا

سمورن شهرين جي آزادي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکنداسين: پاڪستان اختيارين

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت ۾ قيد 25 پاڪستاني شهري واڳها-اٽاري سرحد ذريعي وطن واپس پهچي ويا. پاڪستان هاءِ ڪميشن موجب، 25 پاڪستاني شهرين کي واڳها-اٽاري سرحد بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ وينزويلا وچ ۾ دنيا جي تاريخ جو سڀ کان وڏو تيل معاهدو

ٻنهي ملڪن ۾ ڳالهيون وينزويلا جي عارضي حڪومت ۽ نجي شعبي جي شراڪت سان ٿيون

آمريڪا وينزويلا جي ثابت ٿيل 65 ارب بيرل کان وڌيڪ تيل جي ذخيرن مان اڌ کان وڌيڪ تي ڪنٽرول حاصل ڪري وٺندو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته واشنگٽن وينزويلا سان هڪ معاهدو ڪيو آهي جنهن کي هن دنيا جي تاريخ جو سڀني کان وڏو تيل معاهدو قرار ڏنو هن مطابق ڳالهيون وينزويلا جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

پرڏيهه ۾ ترسيل پاڪستاني ملڪ ۾ سيڙپڪاري ڪن، سهڪار ڪنداسين: نائب وزيراعظم

ملڪي معيشت جو ڦيٿو هلي پيو آهي، برطانيه جو دورو انتهائي مثبت ۽ ڪامياب رهيو: اسحاق ڊار

پاڪستان آمريڪا ۽ ايران تڪرار ۾ ڀرپور سفارتي ڪوششون ڪيون ۽ ٻنهي ملڪن کي هڪ ميز تي ويهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

پاڪستان جي معيشت ۾ هاڻي استحڪام اچي چڪو آهي، پاليسي ريٽ 22 سيڪڙو کان گهٽجي 11 سيڪڙو تي اچي ويو آهي

لنڊن (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان جي سفارتڪاري ۽ معيشت ۾ مثبت تبديلي آئي آهي، پرڏيهه ۾ ترسيل پاڪستاني ملڪ ۾ سيڙپڪاري بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال مفتي عبدالرحيم سان ملاقات ڪندي

روس ۾ يوڪرين جي ڊرون جو مٽي بس تي حملو، 2 ڄڻا فوت، 6 زخمي

ماسڪو (اي پي پي) روس جي بيلگورود خطي ۾ يوڪرين جي ڊرون حملي ۾ هڪ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

جاپان ۾ 5.1 شدت جو زلزلو

بيجنگ (اي پي پي) جاپان جي بيٽ هونشو جي اوڀر ساموٿي ڪناري ويجهو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

فتنه الهندستان جي بلوچ ڇوڪرين کي آپگهاتي حملي لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام

ڏکڻ بلوچستان ۾ فتنه الهندستان ننڍي عمر وارين ڇوڪرين کي ورغلائي آپگهاتي حملو ڪرائڻ جي ڪوشش

دهشتگرد بلوچ روايتن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، بلوچن جي اها روايت ناهي: گهرو وزير ضياءُ الله لانگو

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان جي گهرو وزير مير ضياءُ الله لانگو چيو آهي ته ڏکڻ بلوچستان ۾ فتنه الهندستان ننڍي عمر وارين ڇوڪرين کي ورغلائي آپگهاتي حملو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻائي ڇڏيو. ڪوئيٽا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ضياءُ لانگو چيو ته دهشتگرد چادر ۽ چئو ديوارين جي تقدس کي پائمال ڪرڻ چاهين ٿا، دهشتگرد بلوچ روايتن کي ختم ڪرڻ جي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ صحت کاتي پاران آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ ڪاغذي موڪلن جو نظام ختم

کاتي اندر 16 کان 20 گريڊ جي آفيسرن جون موڪلون صرف پورٽل ذريعي منظور ٿينديون

روايتي يا ڪاغذي درخواستون قبول نه ٿينديون، منظوري ڪانسواءِ غيرحاضري غيرقانوني قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صحت کاتي سنڌ آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ موڪلن جو روايتي ڪاغذي نظام ختم ڪندي موڪلن جون بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 515 ميٽر ڊگهي فلاءِ اوور جو افتتاح، عوام جي خدمت حڪومت جي ذميواري آهي: ناصر شاهه

بلديات کاتي جي صوبائي وزير ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب ڪورنگي لانڍي فلاءِ اوور جو افتتاح ڪيو

وڏو وزير ۽ سندس ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪري پيئي وڏا ترقياتي منصوبا مڪمل ڪرڻ عوام تي احسان ناهي

ڪوشش آهي ته صنعتن کي بهتر انفراسٽرڪچر فراهم ڪيو وڃي، جيئن روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿين

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) صوبائي مڪاني کاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب ڪورنگي نمبر 5 جي 12 هزار روڊ تي تعمير ٿيل ڪورنگي لانڍي فلاءِ اوور جو افتتاح بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: صوبائي وزير سيد ناصر شاهه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ڊرگ ڊيلر انمول عرف پنڪي جي ڏن ڪيسن ۾ بريت خلاف اپيل داخل

پراسڪيوٽر جنرل سنڌ جي هدايتن تي فيصلن خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وئي

داخل ڪيل اپيل ۾ ماتحت عدالت جا فيصلا ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊرگ ڊيلر انمول عرف پنڪي جي ڏن ڪيسن ۾ بريت وارو معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو. پراسڪيوٽر جنرل سنڌ جي هدايتن تي ماتحت عدالت جي ڏنهي فيصلن خلاف بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

INAUGURATION CEREMONY OF
CONSTRUCTION OF FLYOVER OVER 12000 ROAD AT KORANGI NO
PERFORMED BY HONOURABLE
SYED NASIR HUSSAIN SHAH
MINISTER LOCAL GOVERNMENT & HOUSING TOWN
ALONG WITH
BARRISTER MURTAZA WAHAB
MAYOR KARACHI

ڪراچي: صوبائي وزير سيد ناصر شاهه ڪورنگي لانڍي فلاءِ اوور جو افتتاح ڪندي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايجوڪيشن سٽي جي نالي تي ڳوٺاڻن جي زمينن تي مبينا والار خلاف ڏرڻو، مزاحمت جو اعلان

ڳوٺاڻن، مختلف سياسي ۽ سماجي ڌرين ضياءُ الدين يونيورسٽي هاسپيٽل جي مک گيٽ اڳيان احتجاج ڪيو

فقير محمد بلوچ ڳوٺ تي ايجوڪيشن سٽي انتظاميا جي مبينا چڙهائي ۽ ڀڃ ڊاهه جي سخت لفظن ۾ مذمت

صدين کان آباد ڳوٺن جي زمينن تي قبضو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪبو سخت مزاحمت ڪئي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايجوڪيشن سٽي ۽ ڳوٺاڻن جي زمينن تي والار خلاف قوميپرست ڌرين، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ڳوٺاڻن جو لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڌرڻو ايجوڪيشن سٽي جي نالي تي ڳوٺن جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فنڪشنل ليگ اڳواڻ سردار عبدالرحيم جي پيءُ مرحوم جو ٽيجهو ٿي گذريو

سياسي، سماجي، مذهبي، وڪيلن ۽ صحافتي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شرڪت ڪندڙن پاران ورثن سان مرحوم سردار حنيف جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم، سردار امين، سردار عبدالقيوم، سردار عبدالخالق ۽ سردار عبدالعزيز جي پيءُ مرحوم سردار حنيف جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪراچي ۾ دهلي گورنمينٽ اسڪول جي عمارت جو قبضو اولڊ بوائز ايسوسيئيشن حوالي ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ دهلي گورنمينٽ اسڪول جي عمارت جو قبضو اولڊ بوائز ايسوسيئيشن حوالي ڪرڻ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽائون سطح تي ٽيپ بال ٽائون پريميئر ليگ جي افتتاحي تقريب منعقد

بلديات واري صوبائي وزير ۽ ليگ جو پيٽرن ان چيف ناصر شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

رانديگرن جي مثبت طاقت ذريعي 25 ٽائونز کي هڪٻئي سان ملائڻ ساراهه جوڳو قدم آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر ۾ رانديگرن جي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪراچي ۾ ٽائون جي سطح تي ٽيپ بال ٽائون پريميئر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اي اين ايف جون منشيات اسمگلنگ خلاف ڪارروائيون، 75.57 ڪلوگرام منشيات هٿ، 3 جوابدار گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نوم پين، ڪمبوڊيا: پاڪستان سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ٻي بين الپارلياماني اسپيڪرز ڪانفرنس جي موقعي تي خطاب ڪندي

سڄي پنجاب ۾ گذريل 24 ڪلاڪن دوران 1331 روڊ حادثن ۾ 9 ڄڻا فوت، 1533 زخمي

لاهور (اي پي پي) سڄي پنجاب ۾ 1331 ٽريفڪ حادثن ۾ 09 ڄڻا فوت جڏهن ته 1533 زخمي ٿي پيا. چنچر ڏينهن ريسڪيو 1122جي ترجمان بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهري کي ڪرين سان اونڌو لٽڪائي تشدد، وڊيو وائرل، 4 جوابدار گرفتار

منگهوپير روڊ تي شهري کي اونڌو لٽڪائي تشدد جو نشانو بڻائڻ واري وڊيو سامهون اچڻ بعد ڪيس داخل ڪيو ويو

وائرل وڊيو جي مدد سان جوابدارن شير محمد، نصيب زادو، حضرت علي ۽ مزمل کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن چوري جي شڪ ۾ هڪ شخص کي پڪڙي غيرقانوني طور تشدد ڪرڻ جو اعتراف، جاچ جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پيرآباد پوليس منگهوپير روڊ تي شهري کي ڪرين سان اونڌو لٽڪائي تشدد ڪرڻ واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ ڪارروائي ڪندي 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب شهري کي اونڌو لٽڪائي تشدد ڪرڻ واري وڊيو وائرل ٿيڻ تي سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ٻون صوبن جي بحث واري رٽ واپس وٺي، سنڌ جي وحدت ۽ سالميت بابت واضح ٺهراءُ آندو وڃي: اياز لطيف پليجو

سنڌ اسيمبلي ۾ صوبي جي ورهاڱي بابت بحث نه ٿيڻ گهرجي. سنڌ کي پٽ سان نه لڳايو وڃي

ميمبرن ۽ حڪمرانن کي وحدت جو دفاع ڪرڻو آهي، سودن، ڌمڪين، تقريرن در نه کولڻا آهن

اسيمبلي ورهاڱي تي بحث لاءِ نه پر سنڌ جي حفاظت لاءِ وجود ۾ آئي وحدت ۽ سالميت بابت واضح ٺهراءُ منظور ڪيو وڃي

ڪراچي (هر د) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو ٻون صوبن بابت بحث واري رٽ واپس وٺي سنڌ جي وحدت ۽ سالميت بابت واضح ٺهراءُ منظور ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو جاري ڪيل بيان ۾ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

شڪارپور ۾ مبينا ملڪيت تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ رٽائرڊ هيڊ ڪانسٽيبل مارجي ويو

عطا محمد پاڙي ۾ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ جي فائرنگ ۾ عاشق چوهاڻ ٿلهي تي دم ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

شڪارپور (ڊ ر) گذريل ڏينهن شڪارپور جي اسٽيوٽ گنج ٿاڻي جي حد عطا محمد پاڙي ۾ ملڪيت جي تڪرار تي نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪئي فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ رٽائرڊ پوليس ڪانسٽيبل عاشق چوهاڻ جي نالي سان ٿي آهي جوابدار واقعي کان پوءِ فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ملتان: عورتون عارضي ترپال جي ڇانو هيٺ ويٺيون آهن

حيدرآباد جي ڪمشنر بدين ۾ قائم يتيم ٻارن جي اعتماد هوم جو دورو ڪيو

بدين (ڊ ر) حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر فياض حسين عباسي بدين ۾ يتيم ۽ مستحق ٻارن جي ڪفالت، تعليم ۽ تربيت لاءِ قائم فلاحي اداري اعتماد هوم جو دورو ڪيو ۽ ٻارن کي فراهم ڪيل تعليمي ۽ رهائشي سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي پڻ بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاڪستان جي سڀ کان وڏي دفاعي صنعتي ڪامپليڪس، فيڪٽري جو دورو ڪندي

فيلڊ مارشل عاصم منير پاران دفاعي صنعتي ڪامپليڪس، پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري واهه جو دورو

چيف آف ڊفينس فورسز پي او ايف جي پيداواري، روانگي واپار جي صلاحيت ۽ ملڪ جي دفاع ۾ صنعت جي ڪردار جي شراڪت جو جائزو ورتو

آرمي چيف پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري جي جدت، پائيپور ۽ پاڪستان جي دفاعي پيداواري صلاحيتن ۾ اضافي جي عزم کي به اجاگر ڪيو

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير نشان امتياز (ملٽري) هلال جرائت واهه ۾ قائم پاڪستان جي سڀ کان وڏي دفاعي صنعتي ڪامپليڪس پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري (پي او ايف) جو دورو ڪيو. آءِ ايس پي آر پاران ڇنڇر ڏينهن جاري پريس پڌرائي موجب پنهنجي دوري دوران چيف آف بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

مصطفيٰ ڪمال جو پمز جو دورو، ٻارن جي وارڊ جو معائنو

اسپتال انتظاميه مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي خدمتن بابت بريفنگ ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) صحت واري وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال ۽ پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي 3 سيپٽمبر تي پيٽروليم ليوي خلاف شٽر ڊائون هڙتال جو اعلان

صوبائي مجلس شوريٰ اجلاس ۾ حڪومتي ليوي ۽ ٽيڪسن خلاف ڀرپور احتجاج جو فيصلو

واپاري تنظيمون، دڪاندارن، مزدورن، آبادگارن ۽ شاگردن کي هڙتال ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ۾ آهي، صوبي جو جو عوام ورهاڱي کي رد ڪري ٿو: پيپلزپارٽي

اِهي بل بابت عوام لاءِ خوشخبري آهي ته حڪومت اهو بل واپس وٺي ڇڏيو آهي: پلوشه خان، سحر ڪامران ۽ سبط الحيدر

حڪومت ان کي تڪراري بل تسليم ڪندي واپس ورتو، جنهن کي ساراهيون ٿا، ان جو ڪريڊٽ عوام ڏانهن وڃي ٿو

اِهي بل عوام تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪڏهن ڪو پنهنجي گهر تي تالو لڳائڻ جي اجازت نه ڏئي ها ته ان کي ڊنڊ ڪي مٿهن ڏيڻو پوي ها

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻن چيو آهي ته ايم ڪيو ايم ڏکيءَ عرصي کان سنڌ جي ورهاڱي جي ڪوشش ۾ رڌل آهي، سنڌي قوم صوبي جي ورهاڱي کي رد ڪري ٿي وفاقي راڄڌاني ۾ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ مٽي جون ڇپون ڪرڻ سبب متاثر علائقن مان 626 لاش هٽ

ڪٺمنڊو (اي پي پي) نيپال ۾ مٽي جون ڇپون ڪرڻ جي نتيجي ۾ متاثر علائقن مان 626 لاش هٽ ڪيا ويا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب نيپال جي ڊزاسٽر اٿارٽي ٻڌايو ته ڇنڇر جي صبح جو 10 بجي تائين مٽي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز پي ايس او جي انتظاميا سان ملاقات ڪندي

آءِ ورڪ فار سنڌ نوجوانن لاءِ مڪمل ڊجيٽل ڪيريئر ايڪو سسٽم بڻجي چڪو آهي: شرجيل ميمڻ

هن پليٽ فارم تي فعال نوڪرين جي موقعن جو تعداد 16,200 کان وڌي 19,973 ٿي ويو آهي

نوجوانن کي روزگار جا موقعا، جديد ڪورس ۽ مختلف سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

سنڌ حڪومت جو مقصد رڳو نوجوانن کي نوڪريون ڏيڻ نه پر جديد معيشت جي گهرجن لاءِ تيار ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سيفي اسپتال جي 75 بسترن ۽ جديد ڪيٿ ليبز سان دل واري وارڊ جو افتتاح

نارٿ ناظم آباد ۾ وڏي وزير جديد ڪارڊياڪ ونگ جو افتتاح ڪري مختلف حصن جو دورو ڪيو

نئين ڪارڊياڪ ونگ ۾ جديد ليبارٽريون، ڪارڊياڪ آپريشن ٿيئٽرز ۽ سرجيڪل آءِ سي يو شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ناٽي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب سان گڏ ڇنڇر جي شام سيفي هاسپيٽل جي نئين اڏاوت ٿيل 11 ماڙ ڪارڊياڪ ونگ جو افتتاح ڪيو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي بابت جوڊيشل ڪميشن پاران مختلف ادارن جي گڏيل غفلت جاني نقصان جو ذميوار قرار

پلازا جي خطرناڪ حالت ۽ فائر سيفٽي قانونن جي ڀڃڪڙين باوجود عمارت جو تجارتي استعمال جاري رهيو: رپورٽ

فائر بريگيڊ جي دير سان پهچڻ، پاڻي جي کوٽ، بجلي بند ٿيڻ سبب ڦاٿل ماڻهن جي بچاءَ جا موقعا گهٽجي ويا

سول ڊفينس، ايس بي سي اي، ضلعي انتظاميا، ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي ناقص قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي بابت سنڌ جي گهرو کاتي پاران قائم ڪيل جوڊيشل ڪميشن پنهنجي رپورٽ ۾ حادثي جي ذميوارين جو تعين ڪندي قرار ڏنو آهي ته سانحي جو ذميوار ڪو هڪ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

بهاولپور: پ پ اڳواڻ علي حيدر گيلاني پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ گٽر ۾ ڪري فوت ٿيل ٻنگري والدين کي ڏيڍ ڪروڙ رپيا معاوضو ڏيڻ جو حڪم

ماڙيپور روڊ تي 2021ع ۾ 8 ورهين جي حبيبه، کليل گٽر ۾ ڪري فوت ٿي هئي

ٻنگري جي والدين پاران اڍائي ڪروڙ رپين جي معاوضي جي دعوي داخل ڪئي هئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سٽي ڪورٽ ۾ سينيئر سول جج ويسٽ جي عدالت 8 ورهين جي ٻنگري حبيبه جي گٽر ۾ ڪري فوت ٿيڻ واري واقعي بابت والدين پاران سنڌ حڪومت ۽ واٽر بورڊ خلاف داخل ڪيل بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن سبب 2 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. تفصيل موجب شاهه لطيف ٿاڻي جي حد قائد آباد بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڪابينا جي فيصلي موجب 3 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ درآمد ڪئي ويندي: مخدوم محبوب الزمان

صوبائي حڪومت قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق کي ڪڻڪ درآمد ڪرڻ لاءِ درخواست موڪلي آهي

پاسڪو کان صرف مقرر معيار مطابق ۽ استعمال لائق ڪڻڪ ئي خريد ڪئي ويندي: اجلاس کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جي خوراڪ بابت ڊيلي ڪميٽي جو اجلاس صوبائي وزير خوراڪ ۽ ڪميٽي جي ڪنوينر مخدوم محبوب الزمان ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ جي گڏيل صدارت هيٺ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

مورو پرسان گهر ۾ تيار ٿيل زهريلو حلوو کائڻ سبب ٻن نينگرين والد فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ بنگل بڙدي ۾ سڪندر بڙدي ۽ ڌيئر 12 ورهين فرزانه ۽ 15 ورهين جي عرفانان حلوو کائڻ سبب بيهوش ٿي ويون

ٽنهي متاثرن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ٻنهي نينگرين ۽ والد علاج دوران دم ڏئي ڇڏيو

گهر ۾ تيار ڪيل حلوو کائڻ کانپوءِ ٽنهي ڄڻن جي اوچتو طبيعت خراب ٿي، شڪ آهي ته زهر وڌو هجي: وارث

مورو (رپورٽ خدا بخش سيمڻ) مورو ويجهو ڳوٺ بنگل خان بڙدي ۾ مبينا طور زهريلو کاڌو کائڻ سبب ٻن نينگرين سميت هڪ شخص جي حالت خراب ٿي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 12 ورهين جي فرزانه ۽ 15 ورهين بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ بوهري برادري جي شهزاده قسائي وحيد الدين جي آمد، شاندار استقبال

ڪراچي ايئرپورٽ تي صوبائي وزير رياض شاهه ۽ بوهري برادري جي معززين پاران آجيان ڪئي وئي

ملاقات دوران باهمي احترام، مذهبي هم آهنگي، رواداري، بين المذاهب رابطن کي هٿي وٺرائڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي پاران بوهري برادري جي تنظيم ”دعوتِ هاديه“ جي ممتاز ۽ معتبر شخصيت ۽ موجوده (بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سنڌ گورنمينٽ سروسز اسپتال جي منتقلي وارو سرڪار معطل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ گورنمينٽ سروسز اسپتال ڪراچي کي موجوده عمارت مان سرفراز رفيقي شهيد اسپتال منتقل ڪرڻ بابت جاري ڪيل بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو ترقياتي ڪمن جي حوالي سان پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان لاڙڪاڻي پهچي ويو، شاندار استقبال

لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ مختلف تنظيمي ۽ عوامي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو

عالمي امن اجتماع ۽ بين الاقوامي امن ڪانفرنس جي ڪاميابي لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويندا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام جو سربراهه مولانا فضل الرحمان لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ مختلف تنظيمي ۽ عوامي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ڪالهه ڪراچي جناح ايئرپورٽ ڪراچي کان خاص اڏام ذريعي موهن جو دڙو ايئرپورٽ پهتو مولانا فضل الرحمان سان گڏ جي يو آءِ پاڪستان جو بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ قيد پنجويهه پاڪستاني شهري واڳها بارڊر رستي ڏيهه واپس پهچي ويا

لاهور (هر د) ڀارت ۾ قيد 25 پاڪستاني شهري واڳها-اٽاري سرحد ذريعي وطن واپس پهچي ويا. پاڪستان هاءِ ڪميشن موجب، 25 پاڪستاني شهرين کي اڄ واڳها-اٽاري سرحد رستي پاڪستان آندو ويو هاءِ بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ ڦلپوٽا ۽ چانڊيا برادري ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي، احتجاج

چانڊيا موڙ واري علائقي ۾ جهيڙي دوران غلام نبي ڦلپوٽو زخمي ٿي پيو

وارثن زخمي کي اسپتال داخل ڪري احتجاج ڪندي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو

خيرپور (ڊ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ چانڊيا موڙ واري علائقي ۾ ڦلپوٽا ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ،گوليون لڳڻ سبب هڪ ڄڻو سخت زخمي ، متاثر ڌرجي ماڻهن پاران سول اسپتال اندر جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو، مظاهري جي اڳواڻي الله وسايو ڦلپوٽو، غلام شبير، بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

لاهور: ڀارتي جيلن مان آزادي ماڻي لاهور پهتل مهاڻن جو گروپ فوٽو

عالمي توانائي مارڪيٽن تي اثرانداز ٿيڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن: ايران

آمريڪي حڪومت سان واڳيل ڪجهه عنصر اڳهين تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

اسرائيل جون حامي ڪجهه ڌريون جنگ بابت حد کان وڌيڪ پراميد انداز پيش ڪري رهيون آهن

تهران (هر د) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي الزام لڳايو آهي ته عالمي توانائي مارڪيٽن تي اثرانداز ٿيڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن ۽ ان جو سڌو اثر عام آمريڪي واهپيدارن تي پئجي رهيو آهي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي عدالت لياري گينگ وار جي جوابدار ملا نثار جي ضمانت منظور ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) دهشتگردي ڪورٽ عدالت ڪراچي لياري گينگ وار جي جوابدار ملا نثار جي ضمانت منظور ڪري ورتي عدالت ۾ جوابدار ملا نثار خلاف قتل، قتل جي ڪوشش ۽ پوليس مقابلي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اڳوٽي ايم پي اي غلام رسول انڙ پنهنجي اڳوٽي گهرواري خلاف ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوٽي سنڌ اسيمبلي ميمبر غلام رسول انڙ پنهنجي اڳوٽي گهرواري خلاف ڌوکي بليڪ ميلنگ ۽ مبينا طور تي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ جي الزام هيٺ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ڏنل درخواست واپس وٺي ڇڏي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ سائوٿ ۾ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بينڪ آف مصر پاران آمريڪي پابندين خلاف قانوني جنگ وڙهڻ جو اعلان

گڏيل عرب امارتن ۾ ان جون شاخون ضابطن موجب واهپيدارن کي بينڪنگ جون سهولتون فراهم ڪن پيون

بينڪ خلاف آمريڪي قدم ايران کي عالمي مالياتي نظام کان وڌيڪ ڌار رکڻ جي مهم آهي

قاهرا (هر د) بينڪ آف مصر چيو آهي ته هو آمريڪي ناڻي کاتي جي ان فيصلي خلاف قانوني ڪارروائي ڪندو جنهن تحت گڏيل عرب امارتن ۾ سندس شاخن جي آمريڪي مالياتي نظام تائين پهچ ختم ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي مصر جي وڏن بئنڪن ۾ شمار ٿيندڙ بينڪ آف مصر بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سجاول پيلو لڳ ٽرڪ جي ٽڪر ۾ 13 ورهين جو نينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

لڳ پيلو پرسان ٽرڪ جي ٽڪر ۾ ٽائر هيٺيان اچڻ سبب خالد ملاح موقعي تي فوت

پوليس فوتي نينگر جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

سجاول (ڊ ر) سجاول لڳ پيلو پرسان افسوسناڪ روڊ حادثي ۾ ٽرڪ جي ٽڪر ۽ ٽائر هيٺان اچڻ سبب 13 ورهين جو نينگر خالد ولد پنهون ملاح فوت ٿي ويو حادثي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

پنجاب ۾ تعليمي ادارن جي نگراني لاءِ فوجي اهلڪارن جي ڀرتي جو فيصلو، عمل شروع

صوبائي حڪومت تعليمي ادارن جي مانيٽرنگ لاءِ فوجي اهلڪارن کي ڀرتي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

صوبي جي 22 ضلعن ۾ فوجي ملازمن کي مانيٽرنگ اينڊ ايووليوشن آفيسرز طور ڀرتي ڪيو ويندو

هڪ سال جي ڪانٽريڪٽ تحت ماهوار پگهار ۽ تعليم کاتي جي رولز موجب سموريون سهولتون حاصل هونديون

لاهور (هر د) پنجاب حڪومت تعليمي ادارن جي مانيٽرنگ لاءِ فوجي اهلڪارن کي ڀرتي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جڏهن ته ڀرتين جو عمل به شروع ڪيو ويو آهي رپورٽ موجب، پنجاب جي 22 ضلعن ۾ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌو درياءَ ۾ مڇي مارڻ دوران ماهيگير ٻيڙين تي بيٺل آهن

شهباز شريف جي صدارت هيٺ لاهور ۾ پمز واقعي بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم کي جاچ ڪميٽي جي عبوري رپورٽ پيش ڪئي وئي. پڌرائي موجب، وزيراعظم ڪميٽي جي نشاندهي تي 8 ڄڻن کي فوري معطل ڪري سندن خلاف ڪارروائي جي منظوري ڏني وزيراعظم ذميوارن خلاف کاتي ۽ فوجداري قانون تحت ڪارروائي جي هدايت پڻ ڪئي. انهن 8 ڄڻن ۾ پمز جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عمران سڪندر جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز ڊاڪٽر مظاهر شاهه ۽ ڊاڪٽر اويس علي شاهه شامل آهن. ان ڪانسواءِ ڊاڪٽر نوشيله امجد، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سيڪيورٽي محمد عثمان سي ڊي اي جي ايمرجنسي سروسز جو ڊي جي عبدالرحمان نيو نيٽل ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر سعديه رياض ۽ سينيئر رجسٽرار پڻ معطل ڪيل عهديدارن ۾ شامل آهن وزيراعظم آفيس موجب، سيڪيورٽي تي مقرر ڪمپني ۽ لاڳاپيل عهديدارن خلاف ڪارروائي جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي معائنو وارڊ ۾ موجود هڪ نرس ۽ عورت گارڊ کي او ايس ڊي بڻائي وڌيڪ جاچ جي هدايت ڪئي وئي آهي وزيراعظم جاچايل ماڻهن خلاف بنا فرق جي فوجداري ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي پمز واقعي دوران هڪ ٻار جي جان بچائيندڙ نرس لاءِ "ستاره خدمت" ڏيڻ جي منظوري به ڏني وئي آهي. وزيراعظم ڊاڪٽر محمد سلمان کي پمز جو قائم مقام ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ته هٽايل عملدارن جي جاءِ تي نون ماڻهن جي ترت ۽ گڏيل طور مقرري ڪرڻ جي به هدايت ڪئي وئي جڏهن ته مڪمل رپورٽ صحت واري وزارت جي ويب سائيٽ تي جاري ڪئي ويندي باهه لڳڻ کان 6 منٽ پوءِ ايمرجنسي سروسز کي ڪال ڪئي وئي پڌرائي موجب، شروعاتي جاچ ۾ معلوم ٿيو ته پمز ۾ هنگامي صورتحال بابت تفصيلي ايس او پيز يا تربيت موجود نه هئي پمز جي 13 ايس او پيز ۾ رڳو 2 ماتحت سيڪشنز ۾ باهه يا هنگامي صورتحال جو ذڪر موجود هو اجلاس کي بريفنگ ڏني وئي ته پمز واقعي وقت سپروائزري اسٽاف ڊيوٽي تي موجود نه هو وارڊ ۾ 2 نرسون، هڪ عورت گارڊ ۽ هائوس آفيسر موجود هئا بريفنگ موجب، باهه لڳڻ ۽ سڄو وارڊ سڙڻ ۾ رڳو 2 منٽ لڳا، جڏهن ته هڪ نرس وارڊ ۾ باهه پکڙجڻ کان اڳ هڪ ٻار جي جان بچائي باهه لڳڻ کان 6 منٽ پوءِ ايمرجنسي سروسز کي ڪال ڪئي وئي جڏهن ته پمز اسپتال ۾ پهريون ايمرجنسي رسپانس ڪال کان 15 منٽ پوءِ پهتو اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ڏوهاري غفلت ۾ ملوث ماڻهو ڪنهن به رعايت جا حقدار ناهن هن چيو ته پمز واقعي جي ذميوارن کي انجام تائين پهچايو ويندو معصوم ٻارن جي موت اهڙو ڏکوئيندڙ واقعو آهي، جنهن تي سڄي قوم ڏکاري آهي. وزيراعظم چيو ته ٻارن جي والدين سان سندس ۽ سڄي قوم جون همدرديون آهن. جڏهن ته پمز واقعي جي ذميوارن کي مثالي سزا ڏياري ويندي.

ڊفينس فورسز پي او ايف جي پيداواري، روانگي ۽ اپار جي صلاحيت ۽ ملڪ جي دفاع ۾ صنعت جي ڪردار جي شراڪت جو جائزو ورتو ان موقعي تي چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز کي پي او ايف جي آپريشنز جي مختلف رخن ۽ مختلف قسم جي فوجي سازو سامان جي مقامي سطح تي ترقي ۽ پيداوار ذريعي قومي دفاع کي مضبوط بڻائڻ جي حوالي سان ڪردار تي بريفنگ ڏني وئي هن مقامي طور تي تيار ڪيل هٿيار ۽ بارودي مواد جي ٽيسٽ ۽ ٽرائلز جو به مشاهدو ڪيو آرمي چيف پاڪستان آرڊيننس فيڪٽري جي جدت، پائيپرو ۽ پاڪستان جي دفاعي پيداواري صلاحيتن ۾ اضافي جي عزم کي به اجاگر ڪيو چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز کي ڊي آءِ پي آر اي آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ڪارپوريٽائيزيشن جي عمل جي اڳڀرائي جي حوالي سان به آگاهه ڪيو فيلڊ مارشل کي به نوان صنعتي پلانٽس لڳائڻ ذريعي مقامي سطح تي مصنوعات جي تياري ۽ اپگريڊيشن ڪوششن بابت به آگاهه ڪيو ويو جن جي پيداوار هلندڙ سال جي آخر تائين شروع ٿيڻ جي اميد آهي آءِ ايس پي آر چيو آهي ته چيف آف ڊفينس فورسز جو اهو دورو پاڪستان جي دفاعي شعبي ۾ پائيدار ٿيڻ مقامي پيداوار ۽ فني جدت کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان پاڪ فوج جي عزم کي اجاگر ڪري ٿو.

چنچر ڏينهن پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز[پمز] جو دورو ڪيو ۽ اسپتال جي ٻارن واري وارڊ جو معائنو ڪيو وفاقي وزيرن ٻارن جي وارڊ ۾ طبي سهولتن ۽ انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسپتال انتظاميه کين مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي خدمتن ۽ ٻين سهولتن بابت بريفنگ ڏني ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال چيو ته حڪومت پمز ۾ پيش آيل ڏاڍي واقعي بابت وزيراعظم طرفان قائم ڪيل انڪوائري ڪميٽي جي رپورٽ جو انتظار ڪري رهي آهي، جيئن ته انڪوائري جي حقيقت ۽ نتيجن سان واقعي جي حالتن ۽ واقعن جي باري ۾ صورتحال واضح ٿي ويندي.

پ پ جي سينيٽر پلوشه خان قومي اسيمبلي جي ميمبر سحر ڪامران ۽ سيد سبط الحيدر بخاري گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته آءِ ٽي بل بابت عوام لاءِ خوشخبري آهي ته حڪومت اهو بل واپس وٺي چڪي آهي سينيٽر پلوشه خان چيو ته حڪومت ان کي ٽڪراءِ بل تسليم ڪندي واپس ورتو جنهن کي ساراهيون ٿا، ان جو ڪريڊٽ عوام ڏانهن وڃي ٿو جن پنهنجي بنيادي حقن تي سمجهوتو نه ڪيو جڏهن ته پيپلز پارٽي به بل روڪڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پلوشه خان پمز جي افسوسناڪ واقعي جو ذڪر ڪندي چيو ته ان ۾ 14 ٻارن جون جانيون ضايع ٿيون هن خدشو ظاهر ڪيو ته ثبوت مٽائڻ ۽ حقيقتون لڪائڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي، تنهن ڪري رپورٽ فوري طور عام ڪئي وڃي سينيٽر پلوشه خان سوال اٿاريو ته 3 سالن دوران ملندڙ 22 ارب رپيا ڪٿي خرچ ٿيا ۽ ان رقم جو آڊٽ ڪرايو وڃي هن چيو ته هي سڀ ڳنڍ جوڙ آهي. اهڙي صورتحال ۾ شفاف جاچ ڪيئن ٿيندي؟ قومي اسيمبلي جي ميمبر سحر ڪامران به مطالبو ڪيو ته پمز واقعي جي رپورٽ عوام آڏو پيش ڪئي وڃي هن خدشو ظاهر ڪيو ته ننڍن آفيسرن تي ملبو وجهي اصل ذميوار وڏن اختيارين کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي سحر ڪامران چيو ته آءِ ٽي بل عوام تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيڪڏهن ڪو پنهنجي گهر تي ڊالر لڳائڻ جي اجازت نه ڏئي ها ته ان کي ڏنڊ جي منهن ڏيڻو پوي ها، جڏهن ته سينيٽر پلوشه خان جرئت جو مظاهرو ڪندي بل جي مخالفت ڪئي هن چيو ته قومي اسيمبلي ۾ جنهن طريقي سان قانون سازي ٿي رهي آهي، ان تي ڪيترن خدشا آهن هن مطالبو ڪيو ته ايندڙ قومي اسيمبلي ۾ قانون سازي جي عمل کي شفاف بڻايو وڃي سحر ڪامران پمز واقعي بابت چيو ته انهن مائرن جي ڏک جو ڪو ازالو ناهي، جن جا جگر جا ٽڪرا ڪانٽڻ رهڙي ويا. پلوشه خان الزام لڳايو ته پمز ۾ ويٺل اعليٰ اختيارين ثبوت لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن سينيٽر پلوشه خان چيو ته پيپلز پارٽي هن معاملي کي قائل ۾ دبجڻ نه ڏيندي ۽ ٻنهي ايوانن ۾ ڀرپور آواز اٿاري رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته مطالبو اهو ئي آهي ته رپورٽ عوامي ڪئي وڃي ۽ حقيقتون عوام آڏو اچڻ گهرجن سنڌ جي ورهاڱي بابت ڳالهائيندي پلوشه خان چيو ته ان حوالي سان ڳالهائيندڙن کي روڪي نٿو سگهجي ايوان ۾ ٺهراءُ پيش ٿيو آهي، جيڪو اڪثريت سان منظور ٿيندو جڏهن ته سنڌ جو عوام به صوبي جي ورهاڱي کي رد ڪري ٿو سينيٽر پلوشه خان وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم ڪافي عرصي کان سنڌ جي ورهاڱي جي ڪوشش ۾ لڳل آهي

نعيم الرحمان جي اپيل تي پيٽروليم شين تي لاڳو حڪومتي ليوي ۽ پيٽرو ٽيڪس خلاف 03 سيپٽمبر تي ڪراچي کان ڪشمور تائين سڄي سنڌ ۾ ڀرپور شٽر ڊائون هڙتال ڪئي ويندي هڙتال کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ واپاري تنظيمن، دڪاندارن، ٽرانسپورٽرن، مزدورن، آبادگارن، شاگردن ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن سان رابطا ڪيا ويندا حڪمران عوام کي رليف ڏيڻ بدران روزانو نت نوان ٽيڪس ۽ پيٽرو ليوي ذريعي سندن کيسن تي ڌاڙو هڻي رهيا آهن پيٽروليم شين تي ڳري ليوي سبب مهانگائي ۾ لاڳيتو اضافو ٿي رهيو آهي جنهن جو سڌو سنئون اثر غريب ۽ وچولي طبقي تي پئجي رهيو آهي حڪومت کي عوام تي وڌيڪ بار وجهڻ بدران پنهنجي غير ضروري خرچن، شاهاڻي ساراهن ۽ ڪرپشن جو خاتمو ڪرڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن قباءِ آڊيٽوريم ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي صوبائي مجلس شوريٰ جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ميمبرسازي مهم، تنظيمي معاملن، سنڌ جي سياسي صورتحال ۽ صوبي کي درپيش مختلف مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو جڏهن ته مختلف معاملن تي قراردادون پڻ منظور ڪيون ويون جاري تنظيمي ۽ عوامي رابطا مهم جو جائزو وٺندي ايندڙ لاءِ عمل پڻ طئي ڪيو ويو ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف اجلاس ۾ ميمبرسازي مهم ۽ مختلف عوامي، تنظيمي مهمن ۽ اڳڀرائي بابت رپورٽ پيش ڪئي صوبائي امير ڪاشف سعيد شيخ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ وڏيرا شاهي جبر ۽ ڪرپشن جو اهڙو چار رڇايل آهي جنهن صوبي جي عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم ڪري پٿر واري دور ۾ پهچائي ڇڏيو آهي لاڳيتو اڙهن سالن کان وڌيڪ عرصي کان سنڌ جي اقتدار تي قابض رهندڙ پيپلزپارٽي جي حڪومت عوام کي تعليم، صحت، روزگار، صاف پاڻي ۽ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام رهي آهي سرڪاري وسيلا عوام جي ڀلائي بدران ڪرپشن ۽ پنهنجا نوازي جي نذر ٿي رهيا آهن غربت جي خاتمي لاءِ شروع ڪيل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تي 26 سوارب رپيا خرچ ڪرڻ باوجود غربت ۾ گهٽتائي بدران چار سيڪڙو اضافو ۽ وڌيڪ 17 لک ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ هليا ويا آهن اهي انگ اکر سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي ۽ غربت جي خاتمي جي دعوائن تي وڏو سواليا نشان آهن رڳو امدادي پروگرامن سان غربت ختم نٿي ٿي سگهجي ان لاءِ ميرٽ تي روزگار جا موقعا معياري تعليم، صحت جون سهولتون ميرٽ تي ٻڌل معاشي نظام ضروري آهي جماعت اسلامي سنڌ جي امير وڌيڪ چيو ته ملڪ کي موجوده معاشي، سياسي ۽ سماجي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ موجوده ڪرپٽ ۽ ٻاهرين خارج نظام جو خاتمو اڻ ٽر آهي. شريعت جو انصاف جي بنياد نظام، ايماندار ۽ صالح قيادت ئي ملڪ کي موجوده بحرانن مان ڪڍي ۽ عوام کي مهانگائي، بيروزگاري، غربت ۽ بدامني جهڙن مسئلن مان نجات ڏياري سگهي ٿي جماعت اسلامي عوام جي حقن لاءِ پنهنجي پرامن جدوجهد جاري رکندي ۽ حڪمرانن کي عوام دشمن پاليسين کان پاسو ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو هن صوبائي اڳواڻن کي هدايت ڪئي ۽ هو 03 سيپٽمبر تي اعلائيل شٽر ڊائون هڙتال کي تاريخي ڀرپور بڻائڻ لاءِ ڪراچي کان ڪشمور تائين سمورن ضلعن ۾ واپاري تنظيمن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن سان مؤثر رابطا مهم هلائين ۽ عوام کي حڪومتي ليوي جي اثرن ۽ ان خلاف احتجاج جي اهميت کان آگاهه ڪيو وڃي اجلاس جي شروعات ۾ جماعت اسلامي پاڪستان جي قيم اميرالعظيم، ميان مقصود احمد، نعمان پنو پروفيسر مسعود علي شهيد طارق سهڻڙي سميع الله پٺو سميت ٻين مرحومين لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي وئي.

جون چيون ڪرڻ سبب متاثر علائقن سان مجموعي طور تي 626 لاش هٿ ڪيا ويا آهن آفاڪاري ٻڌايو تهن وقت تائين وڌيڪ 2426 ماڻهو گم آهن

ميمڻ چيو آهي ته آءِ ورڪ فار سنڌ سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ مڪمل ڊجيٽل ڪيريئر ايڪو سسٽم بڻجي چڪو آهي. جتي نوجوانن کي روزگار جا موقعا، جديد ڪورس ۽ مختلف سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ته جيئن انهن جي صلاحيتن کي عالمي مارڪيٽ سان هم آهنگ ڪري سگهجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته پليٽ فارم تي فعال نوڪرين جي موقعن جو تعداد 16,200 کان وڌي 19,973 ٿي ويو آهي جڏهن ته رجسٽرڊ اميدوارن جو تعداد 121,000 تائين پهچي ويو آهي ساڳي ريت، پوسٽ ڪيل نوڪرين جو تعداد 23,400 کان وڌي 26,890 ٿي ويو آهي. جيڪو پليٽ فارم جي مسلسل واڌ ۽ نوجوانن جي وڌندڙ دلچسپي جو واضح ثبوت آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آءِ ورڪ فار سنڌ جي هاٽي تائين 457,000 کان وڌيڪ نوڪرين جون درخواستون گڏ ڪيون ويون آهن اهو سنڌ جي نوجوانن جي عملي شموليت ۽ روزگار لاءِ عزم کي ظاهر ڪري ٿو هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد صرف نوجوانن کي نوڪريون فراهم ڪرڻ نه پر انهن کي جديد معيشت جي گهرجن لاءِ تيار ڪرڻ آهي لرن اينڊ ارن پروگرام تحت ڪورس مڪمل ڪندڙ نوجوانن جو تعداد پڻ 2,735 کان وڌي 3,270 ٿي ويو آهي جڏهن ته 1,200 کان وڌيڪ بين الاقوامي ڪورس ڪيا پيا وڃن ته جيئن سنڌ جي نوجوانن کي عالمي نوڪري مارڪيٽ لاءِ تيار ڪري سگهجي هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد نوجوانن کي صرف نوڪري ڳوليندڙ ۾ نوڪري لاءِ تيار ڪرڻ آهي ان سلسلي ۾ اي آءِ آٽو سي وي ڪريئٽر جهڙي جديد سهولت متعارف ڪرائي وئي آهي جيڪا نوجوانن کي مصنوعي ذهانت ۽ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي دنيا جي سامهون پنهنجي صلاحيتن ۽ تجربي کي مؤثر طريقي سان پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري رهي آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن کي موقعا فراهم ڪري رهي آهي ۽ انهن جي صلاحيتن کي روزگار سان ڳنڍڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت پرعزم آهي ته نوجوانن لاءِ روزگار جو رستو روايتي آفيس تائين محدود نه هجي جو ڊجيٽل پليٽ فارمن ذريعي انهن جي دروازي تائين ۽ پهچي هن ويزن تحت، آءِ ورڪ فار سنڌ نوجوانن کي تعليم، تربيت، صلاحيتن ۽ روزگار جي موقعن سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

جيڪو ڪراچي جي هيلٿ ڪيئر انفراسٽرڪچر ۾ هڪ وڏو اضافو آهي جيڪو هڪ ئي ڇت هيٺ دل جي بيمارين جي جديد تشخيص، علاج، سرجري، آءِ سي يو ۽ بحالي جون سهولتون فراهم ڪندو هي مقصد تحت اڏيل سهولت ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين جي رهنمائي ۽ سرپرستي هيٺ قائم ڪئي وئي آهي جيڪا پاڪستان ۾ صحت جي سار سنڀال ۽ سماجي ترقي ۾ داؤدي بوهرا برادري جي حصي ۾ هڪ اهم سنگ ميل جي نمائندگي ڪري ٿي افتتاحي تقريب نارٿ ناظم آباد ۾ الجامع السيفيه يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ حضور عالي ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين جي نمائندگي ڪندي شهزاده قصي وجيهه الدين، وفاقي وزير خزانه سينيٽر محمد اورنگزيب، صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي، ايم اين اي اختيار بيگ، ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، سائبر نائف سيفي جا پروفيسر طارق محمود، صحت جا پيشور ماهر سفارتڪار ڪاروباري اڳواڻ، داؤدي بوهرا برادري جا ميمبر ۽ ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي پچڻ تي وڏي وزير باقاعدي طور تي جديد ترين ڪارڊياڪ ونگ جو افتتاح ڪيو ۽ نئين مڪمل ٿيل سهولت جي مختلف حصن جو دورو ڪيو جنهن ۾ دل جي جديد طبي سامان، دل جي سار سنڀال جي مخصوص خدمتن، جديد تشخيصي نظام ۽ علاج جي سهولتن بابت بريفنگ ڏني وئي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه داؤدي بوهرا برادري، سيفي هاسپيٽل جي ٽرسٽين ۽ طبي برادري کي مبارڪباد ڏني جنهن جي ان هڪ عالمي معيار جو هيلٿ ڪيئر پروجيڪٽ قرار ڏنو جنهن سان نه صرف ڪراچي پر سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جي مريضن کي فائدو ٿيندو هن چيو ته اهو ڏسي حوصلا افزائي ٿئي ٿي ته ڪراچي جي سڀ کان وڌيڪ گنجان آبادي وارن ضلعن ۾ اهڙي جديد ۽ ترقي يافته دل جي اسپتال قائم ڪئي وئي آهي هي سهولت اعليٰ معيار جو ڪارڊياڪ علاج فراهم ڪندي ۽ صوبي ۾ دل جي بيمارين جي مخصوص هيلٿ ڪيئر سروسز کي نمايان طور تي مضبوط ڪندي وڏي وزير حضور عالي ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين جي قيادت کي عوامي فلاح ۽ بهبود، صحت ۽ تعليم لاءِ سندن اٽل عزم تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته سندن رهنمائي ۾ قائم ٿيل ادارا انسانيت جي بي غرض خدمت جي جذبي جي عڪاسي ڪن ٿا هن وڌيڪ چيو ته جيڪو فلسفو انهن ڪوششن جي رهنمائي ڪري ٿو اهو آهي 'خدمت' - انسانيت جي خدمت. اهو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته جڏهن به اسان وٽ ڪنهن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ جي صلاحيت هجي، اسان کي اهو ضرور ڪرڻ گهرجي هي اصول سيفي برادرين ۽ پس منظرن کان معائنو آهي ۽ هڪ انسان جي حيثيت ۾ اسان جي گڏيل ذميواري جي عڪاسي ڪري ٿو وڏي وزير داؤدي بوهرا برادري ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ديرينه لاڳاپن کي نمايان ڪيو ملڪ جي شروعاتي سالن دوران قائد اعظم محمد علي جناح سان گڏ حضور اقدس ڊاڪٽر سيدنا طاهر سيف الدين جي موجودگي کي ياد ڪيو هن چيو ته برادري صحت، تعليم ۽ سماجي فلاح و بهبود جي شعبن ۾ قدمن ذريعي پاڪستان جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي آهي نئين افتتاح ٿيل ڪارڊياڪ ونگ جو حوالو ڏيندي وڏي وزير ان کي مخصوص صحت جي خدمتن ۽ انساني جانيون بچائڻ ۾ هڪ وڏي اڳڀرائي ۽ هڪ اهم سيڙپڪاري قرار ڏنو هن چيو دل جي بيماري اسان جي دور جي وڏن صحت جي چئلينجن مان هڪ آهي وقت سر ۽ مخصوص ڪارڊياڪ ڪيئر تائين پهچ زندگي ۽ موت جي وچ ۾ فرق ثابت ڪري سگهي ٿي ڪارڊياڪ ونگ رڳو انفراسٽرڪچر جي توسيع ناهي پر جانيون بچائڻ ۾ هڪ سيڙپڪاري آهي هن چيو ته هي سهولت دل جي سار سنڀال جي سموري سلسلي کي گڏ ڪري ٿي جنهن ۾ ايمرجنسي ريسپونس، تشخيص، انٽروينشنل ڪارڊيالوجي، ڪارڊياڪ سرجري، انتهائي نگهداشت، داخل مريضن جي صحتيابي ۽ بحالي شامل آهن وڏي وزير چيو ته هو خاص طور تي عمارت جي اڏاوت جي معيار جديد ڪيٿ ليبن جديد آپريشن ٿيئٽرز ۽ نصب ڪيل جديد ترين طبي ٽيڪنالاجي جي معيار کان متاثر ٿيو آهي هن چيو ته اسان سهولت جي سيني مائن جو دورو ڪيو ۽ اڏاوت جي معيار کي غير معمولي ڏٺو طبي سامان، ڪيٿ ليبن آپريشن ٿيئٽرز ۽ مريضن جي سار سنڀال جا نظام واقعي متاثر ڪندڙ آهن ۽ معيارن جي هيلٿ ڪيئر لاءِ هڪ معيار قائم ڪن ٿا. سنڌ جي مخصوص ڪارڊياڪ ادارن جي وڌندڙ نيٽ ورڪ کي نمايان ڪندي وڏي وزير چيو ته صوبو اڳ ئي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪولر ڊيزيز (NICVD) ۽ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيوويسڪولر ڊيزيز (SICVD) جهڙن ادارن تي فخر ڪري ٿو جيڪي گڏجي لڳ ڀڳ 2,100 بسترن جي سهولت فراهم ڪن ٿا هن وڌيڪ چيو ته سنڌ هن وقت 10 ڪارڊياڪ اسپتالون، 29 چيسٽ پين يونٽس 14 ڪيٿ ليبز ۽ نو ڪارڊياڪ آپريشن ٿيئٽرز هلائي رهي آهي وقت سر علاج جي اهميت تي زور ڏيندي هن چيو ته ڪارڊياڪ ايمرجنسي ۾ هر منٽ اهم هوندو آهي ۽ وڏي آبادي وارن مرڪزن جي ويجهو مخصوص سهولتن جي دستيابي پهچ بقا جي شرح کي نمايان طور تي بهتر بڻائي سگهي ٿي هن چيو ته ضلعي سينٽرل کي اهڙي نوعيت جي هڪ جديد ڪارڊياڪ سهولت جي سخت ضرورت هئي دل جي مريضن لاءِ وقت انتهائي قيمتي آهي ۽ اسپتال تائين جلدي پهچڻ سان جانيون بچي سگهن ٿيون هن هيلٿ ڪيئر جي چئلينجن کي رڳو حڪومتون حل نٿيون ڪري سگهن انهن لاءِ پارٽنرشپ، جدت ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ گڏيل عزم جي ضرورت آهي سيفي هاسپيٽل جو ڪارڊياڪ ونگ ان ڳالهه جو هڪ شاندار مثال آهي ته اهڙي تعاون ذريعي ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته سون ذاتي طور تي داؤدي بوهرا برادري جي وقف ۽ بي غرض جذبي جو مشاهدو ڪيو آهي ۽ عزم ۽ مقصد سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي سندن صلاحيت واقعي غير معمولي آهي پروجيڪٽ جي مستقبل جي اثر تي اعتماد جو اظهار ڪندي وڏي وزير چيو ته نئون ڪارڊياڪ ونگ نه رڳو ڪراچي ۾ سڄي ملڪ لاءِ هڪ نمونو هيلٿ ڪيئر ادارو بڻجندو ۽ ميرٽ جو معيار ذاتي طور تي ڏسڻ ڪانپوءِ مان وثوق سان چئي سگهان ٿو ته اها دنيا جي ڪنهن به بهترين ڪارڊياڪ اسپتال جو مقابلو ڪري سگهي ٿي هي هڪ رهنما مثال بڻجندو ته عوام کي اعليٰ معيار جون هيلٿ ڪيئر خدمتون ڪيئن پهچائيجن آهن. وفاقي وزير خزانه سينيٽر محمد اورنگزيب تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ داؤدي بوهرا برادري جي ديرينه ڪردار جي تعريف ڪئي ۽ دل جي هن نئين سهولت کي ڪراچي جي عوام لاءِ هڪ قيمتي تحفو قرار ڏنو هن چيو ته ڪنهن قوم جو حقيقي ماپو ان جي دولت ناهي پر اهو آهي ته اها پنهنجي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور شهرين سان ڪيئن پيش اچي ٿي هن چيو قومي ترقي جو حقيقي معيار صرف معاشي انگ اکر ناهن پر غريبن، پٺتي پيل ۽ سماج جي سڀ کان وڌيڪ ڪمزور ميمبرن جي فلاح و بهبود آهي وفاقي وزير خزانه زور ڏنو ته حڪومتن ۽ ادارن کي پنهنجي مشڪل ترين لمحن دوران شهرين جي تحفظ ۽ مدد کي ترجيح ڏيڻ گهرجي هن چيو ته پائيدار معاشي ترقي ان وقت تائين اڌوري رهندي جيستائين ان جا فائدا عام ماڻهن خاص طور تي سڀ کان وڌيڪ ضرورت مندن تائين نه پهچن ڪراچي جي روشنين امينن ۽ وسيع صلاحيتن جو شهر قرار ڏيندي جناب اورنگزيب چيو ته هي شهر ۽ ان جا ماڻهو پاڪستان جي معيشت ۽ قومي ترقي جو ڪرنگهو آهن هن اعتماد جو اظهار ڪيو ته سيفي هاسپيٽل جي ڪارڊياڪ ونگ جهڙيون سهولتون هيلٿ ڪيئر جي منظرنامي کي مضبوط ڪنديون ۽ ايندڙ نسلن جي خدمت ڪنديون حضور عالي ڊاڪٽر سيدنا مفضل سيف الدين جي نمائندگي ڪندي شهزاده قصي وجيهه الدين مهمانن کي ڀليڪار چيو ۽ پروجيڪٽ جي پويان واري ويزن کي شيئر ڪيو هن چيو ته هي قدم حضور اقدس جي ان عزم جي عڪاسي ڪري ٿو ته صحت جون اهڙيون سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيڪي اعليٰ بين الاقوامي معيارن تي پوريون لهن ۽ زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ دستياب هجن نئون افتتاح ٿيل ڪارڊياڪ ونگ هڪ خاص مقصد تحت تيار ڪيل 11 ماڙ سهولت آهي جيڪا سيفي هاسپيٽل جي دل جي بيمارين جي علاج جي صلاحيت ۾ نمايان اضافو ڪري ٿي ان جي اڏاوت 2022 جي شروعات ۾ شروع ٿي هئي ۽ هن پروجيڪٽ کي ايندڙ نسل جي طبي ٽيڪنالاجي ۽ ڪلينڪل سسٽم سان ليس ڪيو ويو آهي هن سهولت ۾ 75 مخصوص بسترن جديد ڪيٿيٽرائيزيشن ليبارٽريون مخصوص ڪارڊياڪ آپريشن ٿيئٽرز، هڪ جديد ترين سرجيڪل آءِ سي يو ۽ هڪ مخصوص بحالي مرڪز شامل آهن هي جامع خدمتون پيش ڪري ٿو جيڪي ايمرجنسي ڪارڊياڪ ريسپونس ۽ ماهرن جي مشاورت کان وٺي جديد تشخيص انٽروينشنل ڪارڊيالوجي، ڪارڊياڪ سرجري، نازڪ سار سنڀال ۽ بحالي تائين پکڙيل آهن سيفي هاسپيٽل جيڪو حضور عالي مرحوم ڊاڪٽر سيدنا محمد برهان الدين پنهنجي معزز والد حضور اقدس مرحوم ڊاڪٽر سيدنا طاهر سيف الدين جي ياد ۾ قائم ڪيو هو ڪراچي جي اهم ملٽي اسپيشلٽي هيلٿ ڪيئر ادارن مان هڪ بڻجي چڪو آهي سالياني لڳ ڀڳ 360,000 مريضن ۽ پنهنجي ايمرجنسي ۽ او پي ڊي شعبن ذريعي روزانو تقريبن 1,000 ويزيٽرن کي خدمتون فراهم ڪندي هي اسپتال معياري هيلٿ ڪيئر جي فراهمي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جاري رکي ٿي ڪارڊياڪ ونگ جو افتتاح اسپتال جي سفر ۾ هڪ نئين اهم باب جو نشان آهي ۽ صحت جي سار سنڀال ۽ سماجي ترقي جي شعبن ۾ پاڪستان لاءِ داؤدي بوهرا برادري جي دائمي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو.

ادارو يا هڪ حڪومت نه پر مختلف ادارن جي گڏيل غفلت، غير مؤثر حفاظتي نظام ناقص آڊٽ ۽ ريسڪيو آپريشن ۾ دير سبب وڏو جاني نقصان ٿيو جسٽس آغا فيصل جي سربراهي ۾ تيار ڪيل رپورٽ جي ديباچي ۾ مصطفيٰ زيدي جو مشهور شعر به شامل ڪيو ويو آهي: "مين ڪس ڪي هٿ پر اپنا لهو تلاش ڪرون، تمام شهر ني پهني هوئي هين دستاني" رپورٽ موجب گل پلازا جي عمارت خطرناڪ حالت ۾ هجڻ ۽ فائر سيفٽي قانونن جي مسلسل ڀڃڪڙين باوجود تجارتي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندي رهي عمارت جي انتظاميا موجود خطرن ۽ نقائص کي ختم ڪرڻ لاءِ مؤثر قدم نه کنيا جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته سول ڊفينس جي 2024ع ۽ 2025ع جي رپورٽن ۾ عمارت ۾ فائر سيفٽي اوزارن جي کوٽ، ٻاهر نڪرڻ جو سبب بڻجندڙ سامان جي موجودگي ۽ ايمرجنسي رستن ۾ خامين جي نشاندهي ڪئي وئي هئي پر انهن خامين کي ختم ڪرائڻ لاءِ ڪا مؤثر قانوني ڪارروائي نه ڪئي وئي رپورٽ موجب باهه لڳڻ ڪانپوءِ فائر بريگيڊ کي اطلاع ڏيڻ ۾ به غيرمعمولي دير ڪئي وئي جڏهن ته بجلي بند ٿيڻ سبب عمارت اندر اونداهه پکڙجي وئي جنهن ڪري مٿين منزلن تي موجود ماڻهن جي ٻاهر نڪرڻ جا امڪان وڌيڪ گهٽجي ويا. عمارت ۾ اسپيڪر يا اناؤنسمينٽ سسٽم موجود هجڻ باوجود ان کي ڪو به استعمال نه ڪيو ويو ڪميشن موجب گل پلازا جي ريگيولرائيزيشن پلان ۾ 1102 دڪان هئا، جڏهن ته عملي طور تي دڪانن جو انگ 1153 هو دڪانن ۾ وڏي مقدار ۾ آتش گير ۽ باهه پکڙيندڙ تجارتي سامان موجود هو جنهن سان باهه جي شدت ۽ پکڙجڻ ۾ اضافو ٿيو رپورٽ ۾ فائر بريگيڊ جي ڪارڪردگي تي به سوال اٿاريندي چيو ويو آهي ته فائر بريگيڊ مقرر معيار مطابق وقت تي نه پهتي، جڏهن ته موثر فائر فائٽنگ تقريبن 35 کان 40 منٽن جي دير بعد شروع ٿي پاڻي جي کوٽ ۽ بار بار پاڻي ڀرڻ جي عمل فائر فائٽنگ ۽ ريسڪيو آپريشن کي سخت متاثر ڪيو ڪميشن موجب فائر بريگيڊ جو بنيادي اوزار ۽ جديد اوزار وقت تي موجود نه هجڻ سبب عمارت ۾ ڦاٿل ماڻهن کي بچائڻ جا موقعا گهٽجي ويا. فائر اسٽيشنن تي پاڻي جا ذخيرا موجود هجڻ جي دعويٰ باوجود شروعاتي مرحلي ۾ پاڻي فراهم نه ٿيڻ پڻ اهم انتظامي سوال آهي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته سول ڊفينس جي 2024ع ۽ 2025ع جي معائنن ۾ نشاندهي ڪيل خامين باوجود قانوني ڪارروائي اڳتي نه وڌائي وئي 2025ع ۾ عدالتن جي فعال ٿيڻ ڪانپوءِ به معاملو موثر انداز ۾ اڳتي نه وڌايو ويو ڪميشن سول ڊفينس جي ناڪامي کي خطري کان بي خبري نه پر ڄاڻايل خطري خلاف ڪارروائي نه ڪرڻ جي ناڪامي قرار ڏنو ضلعي انتظاميا بابت رپورٽ چيو ويو آهي ته هاءِ ڪورٽ جي هدايتن تحت قائم ڪن سطحي فائر آڊٽ نظام باوجود گل پلازا جو گڏيل فائر آڊٽ نه ڪرايو ويو ڊپٽي ڪمشنر ساؤٿ جي آفيس جي موجود آڊٽ ۽ نگراني واري نظام کي فعال نه ڪرڻ تي ادارتي طور ذميوار قرار ڏنو ويو آهي ايس بي سي اي بابت ڪميشن چيو ته اڏاوت ۽ عمارت جي شڪايت ملڻ ڪانپوءِ معائنو ڪرڻ واري موقف جي پويان لڪي پنهنجي ذميواري کان بچي نٿو سگهجي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس تحت خطرناڪ عمارتن خلاف اصلاحي ڪارروائي جا مڪمل اختيار موجود هئا پر گل پلازا جي نامڪمل رڪارڊ ۽ فائر سيفٽي جي موثر نگراني نه ڪرڻ تي ايس بي سي اي کي ذميوار قرار ڏنو ويو رپورٽ ۾ ريسڪيو 1122 جي ڪردار جو پڻ جائزو ورتو ويو آهي ڪميشن موجب ريسڪيو 1122 جا اهلڪار باهه لڳڻ ڪانپوءِ دير سان پهتا، جڏهن ته ان ڪانپوءِ به ماڻهن کي بچائڻ لاءِ موثر موقعو موجود هو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته رات 11:15 کان 11:20 وڳي تائين ڪجهه متاثر ماڻهو نظر اچي رهيا هئا ريسڪيو ممڪن هو جڏهن ته رات 11:30 وڳي تائين ريمپ ذريعي عمارت تائين رسائي پڻ ممڪن هئي، پر موجود وقت کي موثر طريقي سان بامعني ريسڪيو آپريشن ۾ تبديل نه ڪيو ويو برقي نظام بابت ڪميشن چيو ته قانون موجب برقي تنصيبات ۽ اوزارن جو باقاعدگي سان معائنو لازمي هو پر اليڪٽرڪ انسپيڪٽر جي بيان موجب ان جو ڪو باقاعده برقي معائنو نه ٿيو هو جوڊيشل ڪميشن پنهنجي نتيجي ۾ قرار ڏنو آهي ته گل پلازا ۾ ماڻهو صرف باهه لڳڻ سبب فوت نه ٿيا، پر ريسڪيو ۾ دير اونداهه، بند ۽ رڪاوٽ ٻڌيل رستا ۽ دونهين پڻ جاني نقصان جا اهم سبب بڻيا. رپورٽ موجب سانحي جي مجموعي ذميواري مختلف ادارن ۽ انتظامي نظام تي لاڳو ٿئي ٿي، جاچڪار ۽ مختلف دورن ۾ قانوني اختيارن آڊٽ نظام، بلڊنگ ڪنٽرول، فائر فائٽنگ ۽ ايمرجنسي ريسڪيو جا ادارا موجود هجڻ باوجود اهي گڏيل طور تي موثر طريقي سان ڪم نه ڪري سگهيا. ڪميشن جو مجموعي نتيجو آهي ته غير فعال حفاظتي نظام، غير موثر آڊٽ، ادارتي ذميوارين جي ورهاست، قانون تي عملدرآمد ۾ ناڪامي ۽ دير سان ريسڪيو جا موقعا استعمال نه ڪرڻ گل پلازا سانحي ۾ وڏي جاني نقصان جا بنيادي سبب بڻيا.

ٿيو اجلاس ۾ ڪميٽي جي ميمبرن صوبائي وزيرن جام خان شورو، مڪيش ڪمار چاولا، محمد بخش مهر ۽ وڏي وزير سنڌ جي صلاحڪار گيان چند ايسراڻي شرڪت ڪئي جڏهن ته خوراڪ کاتي جي سيڪريٽري، چيئرمين چيف منسٽر انسپيڪشن ٽيم ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ڪڻڪ جي درآمد لاءِ تجويز ڪيل ٽه ڌري معاهدي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان چيو ته سنڌ ڪابينا جي فيصلي موجب صوبائي حڪومت 3 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ درآمد ڪندي هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي درآمد لاءِ وفاقي وزارت قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق کي باضابطا درخواست موڪلي چڪي آهي اجلاس ۾ تجويز ڪيل ٽه ڌري معاهدي جي مختلف شقن سميت انتظامي، مالي ۽ عملي معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ڪڻڪ جي درآمد بابت تجويز ڪيل ٽه ڌري معاهدو ذيلي ڪميٽي جي سفارشن سان گڏ سنڌ ڪابينا آڏو پيش ڪيو ويندو ذيلي ڪميٽي طرفان وفاقي حڪومت کي درخواست ڪئي ويندي ته 15 ڊسمبر کان اڳ ڪڻڪ جي درآمد يقيني بڻائي وڃي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پاسڪو کان صرف مقرر معيار مطابق ۽ استعمال لائق ڪڻڪ جي خريد ڪئي ويندي پاسڪو کان حاصل ٿيندڙ ڪڻڪ مان هڪ لک ميٽرڪ ٽن ڪراچي جڏهن ته 90 هزار ميٽرڪ ٽن حيدرآباد ۾ ذخيرو ڪئي ويندي اجلاس ۾ سڄي صوبي ۾ ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف جاري ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو ذيلي ڪميٽي چيو ته ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف بلاامتياز ۽ جامع ڪارروايون جاري رکيون وينديون

جي علائقي ماروي گوٺ مدينا ڪالوني هائوس نمبر R 6 بلڊنگ جي چوٿين فلور تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 46 سالن جو شير ولي ولد مير احمد فوت ٿي ويو فوتي جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو سپر هاءِ وي تي احسن آباد اداور سوسائٽي جي ويجهو گهر جي دوران زير تعمير عمارت جي ڪين منزل تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ مزدور 45 سالن حسين ولد الله ڏنو فوت ٿي ويو آهي

جي عرفاتان فوت ٿي ويون جڏهن ته سندن والد سڪندر بزدي جي گهٽجي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو وارثن موجب گهر ۾ تيار ڪيل حلوو کائڻ ڪانپوءِ ٽنهي ڄڻن جي اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي جنهن بعد کين علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ٻن نينگرين دم ڏئي ڇڏيو ڳوٺاڻن ۽ وارثن ٻارن شڪ ظاهر ڪيو ته حلوو تيار ڪرڻ ۾ مبينا طور اهڙو زهريلو مادو شامل ڪيو ويو جنهن سبب واقعو پيش آيو ذريعن موجب حلوو تيار ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيل ڪنهن شيءِ ۾ زهريلو مادو يا زهريلي جيت شامل ٿيڻ جو پڻ شڪ ظاهر ڪيو، تنهن هوندي به واقعي جو اصل ڪارڻ طبي ۽ فرانزڪ جاچ ڪانپوءِ ئي سامهون اچي سگهندو فوتين جي قانوني ڪارروائي ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ته ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو جڏهن ته واقعي ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ ڏک ۽ غم جي لهر پکڙجي وئي بعد ۾ سندن والد سڪندر بزدي کي نوابشاهه اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو فوتين جو تعداد 3 ٿي ويو

معاوضي جي دعويٰ تي فيصلو ٻڌائيندي والدين کي ڏيڍ ڪروڙ رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت حڪم ڏنو ته معاوضي جي رقم 30 ڏينهن اندر نينگري جي والدين کي ادا ڪئي وڃي درخواستگذار جي وڪيل فرخ عثمان ايڊووڪيٽ موجب واقعو شين محمد وليج سائيٽ روڊ تي پيش آيو هو 8 ورهين جي نينگري حبيبه گهر کان ٻاهر کيڏڻ لاءِ وئي هئي پر واپس نه اچڻ تي والدين ۽ علائقي واسين سندس ڳولا شروع ڪئي وڪيل موجب نينگري نه ملڻ تي علائقي جي ٿاڻي تي گم ٿيڻ جي رپورٽ داخل ڪرائي وئي بعد ۾ گم ٿيل نينگري جو لاش علائقي ۾ موجود هڪ گٽر مان مليو جنهن جو ڍڪ غائب هو فرخ عثمان ايڊووڪيٽ موجب نينگري جي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس موت ٻڏڻ سبب ٿيڻ جي تصديق ڪئي وڪيل موجب نينگري جي فوت ٿيڻ جو واقعو 2021ع ۾ پيش آيو هو جنهن کان پوءِ والدين ٻارن نقصان جي ازالي لاءِ اداري کي ڪروڙ رپين جي معاوضي جي دعويٰ داخل ڪئي وئي هئي معاوضي جي دعويٰ ۾ واٽر بورڊ ۽ سنڌ حڪومت کي ڌر بڻايو ويو هو عدالت ڪيس جي ٻڌڻي کان پوءِ والدين کي ڏيڍ ڪروڙ رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو

53هين) داعي بابت سيدنا مفضل سيف الدين جي پٽ شهزاده قسائي وجيهه الدين جي ڪراچي آمد تي ڪيس گلن جو گلدستو پيش ڪري سندس شاندار ڀليڪار ڪئي وئي شهزاده قسائي وجيهه الدين ٻن ڏينهن جي دوري تي خانگي پرواز ذريعي ڪراچي پهچي ويو ڪراچي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي سندس استقبال ڪيو ۽ ڪراچي آمد تي نيڪ تمنائون ۽ خواهشون ظاهر ڪيون هن موقعي تي محمد مڪي شاهه شيرازي پڻ صوبائي وزير سان گڏ موجود هو جڏهن ته بوهرا ڪميونٽي جي نمائندن معززين لاڳاپيل عملدارن ۽ اختيارين پڻ استقبال ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ملاقات دوران باهمي احترام، مذهبي هم آهنگي رواداري، بين المذاهب رابطن کي هٿي وٺرائڻ ۽ مختلف برادرين وچ ۾ تعلقات کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ سميت باهمي دلچسپي ۽ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

مرڪزي جنرل سيڪريٽري مولانا عبدالغفور حيدري، راشد خالد محمود سومرو ناصر خالد محمود سومرو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ گڏ هئا. مولانا فضل الرحمان سخت سيڪيورٽي ۾ موهن جو دڙو ايئرپورٽ کان لاڙڪاڻو جامع اسلاميه پهتو جتي سندس جو استقبال ڪيو ويو ان سلسلي ۾ جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر انصاري پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب مولانا فضل الرحمان لاڙڪاڻي ۽ سکر ۾ مختلف تنظيمي ۽ عوامي پروگرامن ۾ شرڪت سان گڏ جي يو آءِ سنڌ جي اهم اجلاسن کي پڻ خطاب ڪندو ان حوالي سان جي يو آءِ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد محمود سومرو چيو آهي ته مولانا فضل الرحمان سڀاڻي 31 آگسٽ تي جامع اسلاميه لاڙڪاڻي ۾ جي يو آءِ سنڌ جي امير مولانا عبدالقيوم هاليجوي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ مجلس عامله ۽ 19 کان 21 مارچ 2027ع تي سکر ۾ ٿيندڙ بين الاقوامي امن ڪانفرنس جي سمورن ڪميٽين جي اهم اجلاس ۾ خصوصي خطاب ڪندو مولانا فضل الرحمان سان گڏ جي يو آءِ پاڪستان جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري مولانا عبدالغفور حيدري به هوندو ۽ هو ملڪ جي چئن ئي صوبن جا امير پڻ سنڌ جي دوري ۾ شرڪت ڪندا دوري دوران جي يو آءِ جي تنظيمي معاملن، آئنده جي حڪمت عملي قومي صورتحال، عالمي امن ۽ ٻين اهم معاملن تي تفصيلي مشاورت ڪئي ويندي جڏهن ته آچر 30 آگسٽ تي سکر ۾ جي يو آءِ سنڌ جي مجلس عمومي جي اهم اجلاس کي خطاب ڪندا جنهن ۾ عالمي امن اجتماع ۽ بين الاقوامي امن ڪانفرنس جي تيارين، انتظامن ۽ ڪاميابي لاءِ اهم مشورا ۽ فيصلا ڪيا ويندا.

نواب خان، غلام قاسم ڦليپوٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا احتجاج ڪندڙن ڏاهيندي چيو ته چانڊيا برادري جي ماڻهن اسان جي نوجوان غلام نبي ڦليپوٽو کي مسلسل ڌمڪيون ڏنيون هيون اڄ جوابدارن ان کي گوليون هڻي سخت زخمي ڪيو آهي. هنن چيو ته جوابدارن مسلسل ڌمڪائيندا هئا جن سان اسان کي جان جو خطرو آهي مظاهرين چيو ته اسان جي نوجوان جي هن وقت حالت گنڀير جوڳي آهي. مظاهرين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي انڪوائري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

درخواستگذار جي وڪيل عامر وڙائچ ڪيس داخل ڪرڻ جي استدعا واپس وٺندي عدالت کي ٻڌايو ته نامزد عورت خلاف اين سي سي آءِ اي ۾ ڪيس داخل ڪري چڪي آهي جنهن تي عدالت درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي معاملو نيڪالي ڇڏيو ان کان اڳ غلام رسول انڙ اڳوڻي گهرواري خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪيو هو غلام رسول انڙ جو موقف هو ته سوشل ميڊيا ذريعي عورت سان رابطو ٿيو جڏهن ته عورت کي پنهنجي چهرو ڏيکارڻ لاءِ چيو ويندو هو ته اها مبينا طور تي آرٽيفيشل انٽيليجنس (AI) ذريعي ٺاهيل تصويرون موڪليندي هئي غلام رسول انڙ موجب، هلندڙ سال 23 فيبروري تي ويڊيو ڪال ذريعي عورت سان نڪاح ٿيو جڏهن ته نڪاح واري ڏينهن به عورت نقاب پهريل هو سندس چوڻ هو ته نڪاح کان پوءِ جڏهن عورت کي سامهون ڏٺو ته اها موڪليل تصويرن کان بلڪل مختلف هئي، جنهن بعد هن عورت کان ڇوٽڪو اختيار ڪيو ۽ 9 آگسٽ تي طلاق ڏئي ڇڏي غلام رسول انڙ الزام لڳايو هو ته طلاق کان پوءِ عورت طرفان کيس بليڪ ميل ڪرڻ ۽ مبينا طور تي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ جو سلسلو جاري هو ان معاملي تي عدالت پوليس کي نوٽيس جاري ڪندي 17 آگسٽ تائين رپورٽ طلب ڪئي هئي. جڏهن ته هاڻي اين سي سي آءِ اي پاران ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ غلام رسول انڙ درخواست واپس وٺي ڇڏي ۽ عدالت درخواست اڪلائي ڇڏي.

عارضي حڪومت ۽ نجي شعبي جي شراڪت سان ٿيون پرڏيهي ميڊيا موجب ڊونلڊ ٽرمپ سوشل ميڊيا تي جاري بيان ۾ چيو ته معاهدي جي نتيجي ۾ آمريڪا وينزويلا جي ثابت ٿيل 65 ارب بيرل کان وڌيڪ تيل جي ذخيرن مان اڌ کان وڌيڪ تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو آهي هن جو چوڻ هو ته ان معاهدي جي تحت آمريڪي ٽيڪس ڏيندڙن جو ڪو خرچ نه ٿيندو ۽ ان سان آمريڪا جي تيل جا ذخيرا ٻيڻ کان به وڌيڪ ٿي ويندا. وينز ويلا جي عارضي صدر ڊيلسي روڊريگز آمريڪا سان تيل جي معاهدي جي توثيق ڪندي ان کي تاريخي قرار ڏنو آهي هن چيو ته ان معاهدي سان ملڪ جي بحالي جي تي نمايان اثر پوندو ۽ وينزويلا ۾ 100 ارب ڊالر کان وڌيڪ جي سيڙپڪاري جڏهن ته حڪومت کي 209 ارب ڊالر کان وڌيڪ ٽيڪس آمدني حاصل ٿي سگهي ٿي.

ڪن پاڪستان عالمي سطح تي سفارتي ذميواريون ڀرپور انداز ۾ ادا ڪري رهيو آهي، ملڪي معيشت جو ڦيٿو هلي پيو آهي، برطانيه جو دورو انتهائي مثبت ۽ ڪامياب رهيو اهڙو اظهار هن لنڊن ۾ پاڪستاني ڪميونٽي کي خطاب ڪندي ڪيو نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي مسئلن جي حل جو بهتر سمجهي ٿو جنگ مسئلا حل نه ٿيندا. ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي رستو آهن هن چيو ته پاڪستان آمريڪا ۽ ايران ٽڪراءَ ۾ ڀرپور سفارتي ڪوششون ڪيون ۽ ٻنهي ملڪن کي هڪ ميز تي ويهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو دنيا پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي ساراهي رهي آهي ۽ پاڪستان کي اڄ خطي ۾ امن ڪرائيندڙ ملڪ طور ڏٺو پيو وڃي هن چيو ته پاڪستان عالمي سطح تي اهو مقام حاصل ڪري ورتو آهي، پاڪستان جي هٿيارٻند فوج گذريل سال شاندار بهادري جو مظاهرو ڪيو سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ۽ برطانيه لاڳاپن کي نئين بلندين تائين وٺي وڃڻ چاهيون ٿا، برطانوي عملدارن سان پاڪستان جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ٿيو آهي نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان جي معيشت ۾ هاڻي استحڪام اچي چڪو آهي پاليسي ريٽ 22 سيڪڙو کان گهٽ ٿي 11 سيڪڙو تي اچي ويو آهي هن چيو ته معاشي استحڪام ڪانپوءِ هاڻي حڪومت جو ڌيان ترقي ۽ اوسر جي شرح تي آهي هن چيو ته معاشي ترقي سان ئي في ڪس آمدني ۽ زندگي جو معيار بهتر ٿيندو نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان دولت مشترڪ ۾ سڌارن جي ضرورت تي زور ڀريو آهي جڏهن ته ان سان گڏوگڏ پاڪستان دولت مشترڪ جي ملڪن کي موسمياتي تبديلي جي منهن ڏيڻ ۾ تعاون جي آڇ پڻ ڪئي آهي سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان کي 2017ع جي معاشي اهڃاڻن تائين وٺي وڃڻو آهي پاڪستان کي دنيا جي 24 هين وڏي معيشت بڻائڻ ۽ جي-20 ۾ شامل ڪرڻ هدف آهي هن چيو ته پاڪستان ڊيوالو ٿيڻ جي خطري مان نڪري چڪو آهي جڏهن ته ملڪ جي مٽا سٽا جي ذخيرن ۾ نمايان بهتري آئي آهي هن چيو ته مهانگائي 30 سيڪڙو کان گهٽجي سنگل ڊجٽ تي اچي چڪي آهي نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان کي خطي جو ٽيڪنالوجي سيڪيورٽي پروائيڊر قرار ڏنو ويو آهي سمنڊ پار پاڪستانين کي ملڪ جو وڏو اثاثو قرار ڏيندي هن چيو ته پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين پاران موڪليل ناڻو ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو نائب وزيراعظم چيو ته هن سال سمنڊ پار پاڪستانين پاران موڪليل ناڻو سالياني 40 ارب ڊالرن کان وڌي رهيو آهي هن سمنڊ پار پاڪستانين تي زور ڀريو آهي ته هو ملڪ ۾ سيڙپڪاري ڪن ۽ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ ذريعي رقم پاڪستان موڪلين هن چيو ته پاڪستان جي سفارتڪاري ۽ معيشت ۾ مثبت تبديلي آئي آهي ڪيترائي ملڪ پاڪستان سان ڪم ڪرڻ جا خواهشمند آهن ۽ پاڪستان کي مختلف ملڪن طرفان دعوتون مليون آهن

لکت واري جواب ۾ ٻڌايو ويو ته پائلٽن جي جعلي لائسنسن جي الزامن سبب برطانيا، يورپي يونين ۽ آمريڪا طرفان پي آءِ اي جي بين الاقوامي اڏامن تي لاڳو پابندي جي نتيجي ۾ پي آءِ اي کي آگسٽ 2020 کان ڊسمبر 2024 تائين 200 ارب رپين جو نقصان ٿيو سول ايوي ايشن رولز 1994 تحت اهم قدمن طور وفاقي حڪومت 50 پائلٽن جا لائسنس رد ۽ 33 لائسنس معطل ڪيا.

ختم ڪرڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي ناڻي کاتي جي فنانشل ڪرائمز انفورسمينٽ نيٽ ورڪ اهو قدم ايران خلاف نئين پابندين جي مهم آپريشن اڪنامڪ آئوٽ ڪاسٽ تحت کنيو آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ چيو ته ايران جي باقي رهيل اقتصادي سرگرمين جا ذريعا به ختم ڪيا ويندا ۽ ايران جي مدد ڪندڙ ادارن کي آمريڪي بئنڪنگ ۽ عالمي مالياتي نظام تائين پهچ کان محروم ڪيو ويندو آمريڪي ناڻي کاتي جي موجب بئنڪ مصر يو اي اي ايران جي آمريڪي ڊالر تائين پهچ جو هڪ اهم ذريعو آهي ۽ جنوري 2024ع کان جون 2026ع دوران ان 103 ڪمپنين لاءِ اٽڪل 1.8 ارب ڊالرن جي ڏيتي ليتي ڪئي جنهن بابت آمريڪي عملدارن جو چوڻ آهي ته هو ايران جي ڳجهي بينڪاري نيٽ ورڪس جو حصو ٿي سگهن ٿا.

رستي پاڪستان آندو ويو هاءِ ڪميشن جا عملدار به سرحد تي موجود هئا، جن پاڪستاني شهرين جي وطن واپسي واري عمل کي آسان بڻائڻ ۾ سهڪار ڪيو ٻئي پاسي پاڪستان هاءِ ڪميشن چيو آهي ته حڪومت پاڪستان پارٽي جيلن ۾ قيد سمورن پاڪستاني شهرين جي آزادي ۽ وطن واپسي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي

مني بس کي نشانو بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 2 ماڻهو مارجي ويا ۽ 6 زخمي ٿي پيا پرڏيهي ميڊيا موجب علائقائي آپريشنل هيڊ ڪوارٽر ٻڌايو ته ضلعي بوروسوف جي ڳوٺ گروز ڪوئي ۾ يوڪرين جي هٿيارٻند فوج جي ڊرون هڪ ڪمپني جي مني بس کي نشانو بڻايو ويو مقامي عملدارن موجب حملي ۾ زخمي ٿيل سمورن 6 ماڻهن کي طبي امداد لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

5.1 شدت جو زلزلو رڪارڊ ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب جرمن ريسرچ سينٽر فار جيو سائنسز ٻڌايو ته زلزلي جو مرڪز زمين جي سطح کان 10 ڪلوميٽر اونهائي ۾ هو

ڪوشش ڪري رهيا آهن بلوچن جي روايت ناهي ته هو جيلن ۾ نامحرم ماڻهن سان وقت گذارين انهن کي ڪوڙو بيانيو پکيڙڻ لاءِ ورغلايو ويو جيڪو مذمت جوڳو آهي هن چيو ته ڏکڻ بلوچستان ۾ فتنه الهندستان ننڍي عمر وارين ڇوڪرين کي ورغلائي آپگهاتي حملو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻائي ڇڏيو سندس چوڻ هو ته ڪيس ڇوڪرين جي والدين ۽ مائٽن تي حيرت آهي ته انهن کي ڪيئن ڇڏي ڏنو 16 ورهين جي زينب ۽ 12 ورهين جي فاطمه کي ورغلايو ويو 40 ڏينهن تائين کين اونداهي ڪوٺڙي ۾ رکيو ويو ته توهان کي آپگهاتي ڌماڪو ڪرڻو آهي مير ضياءُ الله لانگو جو چوڻ هو ته حڪومت ڇوڪرين کي صحت، تعليم ۽ پڙهائي لاءِ بهترين موقعا فراهم ڪري رهي آهي ڇوڪرين جا والدين شرمساري محسوس ڪري رهيا آهن ڇوڪرين جا والدين حيران آهن ته سندن ٻارڙيون غير مردن سان گڏ جيلن ۾ ڪيئن رهيون هن چيو ته دهشتگردن خلاف اسان جون فورسز مقابلو ڪري رهيون آهن، فورسز مسلسل جنگ ۾ رڌل آهن جيڪڏهن هڪ واقعو ٿئي ٿو ته سيڪيورٽي فورسز 10 واقعن کي روڪينديون به آهن هن وڌيڪ چيو ته فتنه الهندستان طرفان زينب جي مڙس سميت خاندان جي 8 کان 10 ماڻهن کي قتل ڪيو ويو

درخواستون آن لائين جمع ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي صحت کاتي سنڌ پاران جاري ڪيل هدايتن موجب 31 آگسٽ 2026ع کان 16 گريڊ کان 20 تائين سمورن آفيسرن ۽ ملازمن لاءِ هر قسم جي موڪل جي درخواست صرف هيومن ريسورس مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم (HRMIS) پورٽل ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي هوندو جاري ڪيل حڪمن موجب مقرر تاريخ کان پوءِ ڪاغذ تي يا روايتي طريقي سان جمع ڪرايل موڪل جي درخواست قبول نه ڪئي ويندي ملازمن کي موڪل تي وڃڻ کان اڳ HRMIS پورٽل تي درخواست جمع ڪرائڻ سان گڏ ان جي منظوري پڻ حاصل ڪرڻي پوندي صحت کاتي واضح ڪيو آهي ته HRMIS تي موڪل جي درخواست جمع ڪرائڻ ۽ منظور ڪرائڻ کانسواءِ ڊيوٽي تان غير حاضر رهندڙ ملازم جي غيرحاضري غيرقانوني تصور ڪئي ويندي، جڏهن ته HRMIS ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان موڪل حاصل ڪرڻ جي ڪوشش تي سخت تاديبي ڪارروائي پڻ ٿي سگهي ٿي سمورن سيڪشن آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته موڪلن جي درخواستن تي ڪارروائي صرف HRMIS پورٽل ذريعي ڪئي وڃي ۽ نئين نظام تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي صحت کاتي موجب HRMIS پورٽل يا آن لائين موڪل جي درخواست جمع ڪرائڻ جي ڪنهن به قسم جي ڏکيائي جي صورت ۾ فوڪل پرسن ڊاڪٽر الله بخش مشتاق، چيف ٽيڪنيڪل آفيسر (BPS-19) سان رابطو ڪري سگهجي ٿو ٽيڪنيڪل سهڪار لاءِ صحت کاتي سنڌ پاران healthdeptsindh@gmail.com اي ميل پڻ جاري ڪئي وئي آهي هاڻي آفيسر ۽ ملازم HRMIS پورٽل ذريعي پنهنجي موڪلن جون درخواستون آن لائين جمع ڪرائي سگهندا.

ڪري ڇڏيو 515 ميٽر ڊگهي فلائي اوور جي تعمير مڪمل ٿيڻ سان ڪورنگي لانڍي ۽ لاڳاپيل صنعتي علائقن وچ ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿيڻ ۽ شهرين کي اچ وڃ جي ڏکيائين مان ڇوٽڪارو ملڻ جون اميدون پيدا ٿي ويون آهن منصوبي تي 74 ڪروڙ 66 لک 28 هزار رپيا لاڳت آئي آهي جڏهن ته آگسٽ 2026ع تائين منصوبي جو فزيڪل ڪم 100 سيڪڙو مڪمل ڪيو ويو آهي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي مڪاني کاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جو ويزن عوام جي خدمت آهي ان ئي ويزن جي تڪميل لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سندس سموري ٽيم ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي هن چيو ته وڏن ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪرڻ عوام تي ڪو احسان ناهي، عوام جي خدمت حڪومت جي ذميواري آهي بلاول ڀٽو زرداري جو جذبو عوام جي خدمت ڪرڻ آهي ۽ سنڌ حڪومت به ان تي جذبي تحت ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ ترقياتي ڪم ڪرائي رهي آهي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته صحت جي شعبي ۾ پڻ سنڌ حڪومت پاران نمايان قدم کنيا پيا وڃن ۽ انڊس اسپتال لاءِ سنڌ حڪومت سڀ کان وڏو ڊونر آهي جڏهن ته ڪورنگي شاهراهه ڀٽو واري علائقي ۾ خطي جو هڪ وڏو آئرم سينٽر تعمير ڪيو پيو وڃي، جنهن جو نالو اڪيلو سٽي رکيو ويندو صوبائي وزير چيو ته صنعتي علائقن ۾ بنيادي ڍانچي جي بهتري لاءِ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي سنڌ جي وڏي وزير فنڊز فراهم ڪيا آهن صنعتڪار ۽ صنعتي علائقن جا مالڪ قابل احترام آهن ۽ حڪومت جي ڪوشش آهي ته صنعتن کي بهتر انفراسٽرڪچر فراهم ڪيو وڃي جيئن صنعتي سرگرمين ۾ اضافو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿين هن ٻڌايو ته ڪورنگي ۽ لانڍي جي ٻنهي صنعتي علائقن لاءِ مجموعي طور 4 ارب رپيا فراهم ڪيا ويا آهن جن ۾ ٻنهي علائقن لاءِ 2.2 ارب رپيا شامل آهن سيد ناصر حسين شاهه چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو نعرو "روٽي ڪپڙا ۽ مڪان" هو ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سندس ئي عوامي خدمت واري فلسفي کي اڳتي وڌائي رهيو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي سڀني کي گڏ کڻي هلڻ تي يقين رکي ٿي ۽ اهو ئي پارٽي جي منشور جو بنيادي مقصد آهي هن چيو ته سنڌ جو وڏو وزير ۽ ڪراچي جو ميئر ميڊيا ۽ غيرضروري پروٽوڪول ڪانسواءِ ۽ رات دير تائين ڪراچي جي مختلف علائقن جا دورا ڪندا رهن ٿا جيئن شهر جي زميني صورتحال جو سڌو سنئون جائزو وٺي سگهجي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ قدم کنيا وڃن ان موقعي تي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪراچي ۾ هاڻي ڪنهن کي "مامون" يا "مرغو" بڻائڻ جو وقت ختم ٿي چڪو آهي، هاڻي صرف ڪم ڪرڻ جو وقت آهي ۽ شهر ۾ عوام ترقياتي ڪم پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهي.

"عبرت"

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ بريت جا فيصلا ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ساؤٿ جا ٽنهي ڪيسن بابت فيصلا طئي ٿيل قانوني اصولن جي ابتڙ آهن اپيل موجب فاضل جج 13 ڪيسن تي ٽنهي ڪيسن ۾ جوابدارن تي فرد جرم لاڳو ڪئي هئي جوابدارن ڏوهه قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪانپوءِ عدالت ڪيسن جي شاهدن کي نوٽيس جاري ڪيا، جڏهن ته ساڳئي ڏينهن پراسيڪيوٽر کي به نوٽيس جاري ڪيو ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل اپيل ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ماتحت عدالت 13 آگسٽ تي شاهدن، جوابدارن ۽ پراسيڪيوٽر جي غير موجودگي ۾ بريت جي درخواستن تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو اپيل موقف اختيار ڪيو ويو ته عدالتي نوٽيس جاري ٿيڻ ڪانپوءِ پراسيڪيوٽر کي گهٽ ۾ گهٽ 24 ڪلاڪ جو وقت ملڻ گهرجي ها. اپيل ۾ چيو ويو آهي ته ماتحت عدالت جا ٽئي فيصلا غيرقانوني ۽ جلد بازي ۾ ڪيا ويا، تنهن ڪري سنڌ هاءِ ڪورٽ کان استدعا ڪئي وئي آهي ته ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ساؤٿ جا ٽئي بريت جا فيصلا ڪالعدم قرار ڏنا وڃن

موسم گرم ۽ گهميل رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته مٿانهين خيبر پختونخوا اتر اپر پنجاب ۽ ڪشمير ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي موسميات کاتي مطابق گذريل 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهي، جڏهن ته مٿانهين خيبر پختونخوا ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات پئي چنچر ڏينهن رڪارڊ ڪيل وڌ ۾ وڌ گرمي پد دادو 43، سبي دالبندين، نورپور ٿل نوڪنڊي، روهڙي ۽ بونجي ۾ 42 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪئي وئي

زمينن تي قبضا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين ڳوٺن تي چڙهائي دوران سخت مزاحمت ڪنداسين اڳواڻ خبر موجب ايجوڪيشن سٽي ۽ ڳوٺاڻن جي زمينن تي قبضي خلاف مختلف سياسي سماجي تنظيمن ۽ ڳوٺاڻن لنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ضياءُ الدين يونيورسٽي هاسپيٽل جي مک گيٽ اڳيان ڌرڻو هڻي احتجاجي ڌرڻي جي اڳواڻي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو، سماجي اڳواڻ سيد خدا ڏنو شاهه، جسقم اڳواڻ الاهي بخش بڪڪ، ايس يو پي اڳواڻ اعجاز سامٽيو ايس يو پي اڳواڻ سيد منير حيدر شاهه عوامي تحريڪ جي وسند ٿري، قومي عوامي تحريڪ مٺان شيخ، سماجي اڳواڻ يعقوب خاصخيلي، رحمان گل پالاري، سليم سالار يونس خاصخيلي، اڪرم اداڀاوڙو سميت ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته صدين کان آباد ڳوٺاڻن جي زمينن تي ايجوڪيشن سٽي جي آڙ ۾ قبضو ڪرڻ افسوس جوڳو عمل آهي. اهڙي عمل سان پيپلز پارٽي پنهنجي ساک وڃائي رهي آهي، تاڙو فقير محمد بلوچ ڳوٺ تي ايجوڪيشن سٽي انتظاميا چڙهائي ڪري ڊاهه پيچ ڪئي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا اڳواڻن چيو ته ايجوڪيشن سٽي جي نالي تي ڳوٺن جي زمينن تي قبضا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين ۽ ڳوٺن تي جيڪڏهن ٻيهر چڙهائي ڪئي وئي ته ان جي ردعمل ۾ سخت مزاحمت ڪنداسين

سوئم جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي، وڪيلن ۽ صحافتي شخصيتن سميت فنڪشنل ليگ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم سردار حنيف جي سوئم ۾ افغانستان جي قونصل جنرل مولوي عبدالجبار، پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيٽر وقار مهدي، پيرزاده ياسر سائين حسين اسلم پٽي، نجمي عالم، ايم اين اي جاويد حنيف، ايم پي اي شهباز دراني، خرم شير زمان، شميم فردوس نقوي، اڳوڻي ڊي آءِ جي پير فريد جان سرهندي، مڪن منگريو اڳوڻي سيڪريٽري غلام حيدر منگريو، امام بخش مهر اڳوڻي ايس ايس پي شهاب الدين، سينيئر صحافي مظهر عباس، حافظ طارق محمود، صفدر علي، رفعت سعيد، ڪامران رضي، وڪيل راڻو جاويد جي جا، سيد محمد موسيٰ، رضا رفيق شيخ، امتياز فاران، محمد انور عظيم ايڊووڪيٽ، عبدالقادر هاشماڻي، جمشيد خان عبدالقادر شر ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مرحوم سردار حنيف جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪئي وئي ۽ مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي وئي شرڪت ڪندڙن سردار عبدالرحيم ۽ ٻين خاندان وارن سان مرحوم جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي تعزيت ڪئي مرحوم سردار حنيف جي سوئم جي موقعي تي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن پاران تعزيت جو سلسلو جاري رهيو

ليگ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جو خاص مهمان بلديات واري صوبائي وزير ۽ ليگ جو پيٽرن ان چيف ناصر حسين شاهه هو ٽي پي ايل ڪيپ بال ليگ ۾ گڏيل طور تي 26 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن جن ۾ 25 ٽيمون ڪائونٽز جون ۽ هڪ ٽيم ميئر ڪراچي جي شامل آهي

جو حڪم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته عدالت اسڪول جو قبضو واپس ڪرائڻ بابت درخواست منظور ڪري ورتي وڪيل بيرسٽر اسد احمد موجب سال 2000ع ۾ هاءِ ڪورٽ پاران دهلي انگلو عربڪ ڪاليج اينڊ اسڪول بوائز ايسوسيئيشن جي حق ۾ ڊگري جاري ڪئي وئي هئي پر عدالتي ڊگري باوجود گذريل 25 سالن کان ان فيصلي تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو سرڪاري وڪيل عدالت کان شاگردن جي ٻين اسڪولن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۽ فيصلي تي عملدرآمد لاءِ وڌيڪ وقت ڏيڻ جي استدعا ڪئي ان موقعي تي ايسوسيئيشن جي وڪيل وڌيڪ مهلت ڏيڻ جي مخالفت ڪندي چيو ته 2007ع ۾ به اسڪول تي ٻيهر قبضو ڪيو ويو هو بيرسٽر اسد احمد موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ سال 2009ع ۾ به شاگردن کي 15 ڏينهن اندر ٻين اسڪولن ڏانهن منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو پر 15 سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود عدالتي فيصلي تي عمل نه ٿيڻ افسوسناڪ آهي عدالت ڊگهي عرصي کان هلندڙ مقدمي ۽ سموري تاريخ جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ اسڪول جي عمارت جو قبضو اولڊ بوائز ايسوسيئيشن حوالي ڪرڻ جو حتمي حڪم جاري ڪري ڇڏيو

ڪريڪ ڊائون ڪندي هڪ ڪروڙ 20 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي 75.57 ڪلوگرام منشيات هٿ ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو چنچر ڏينهن اي اين ايف ترجمان پاران جاري بيان موجب ڪارروائين ۾ اسلام آباد ايئرپورٽ تي جده ويندڙ مسافر جي پيٽ مان 126 گرام وزني 17 ڪوڪين سان ڀريل ڪيپسول هٿ ڪيا ويا. جناح ايئرپورٽ تي بحرين ويندڙ مسافر جي بيگ مان 627 گرام هيروئن هٿ ڪري نشاندهي تي هڪ ٻئي جوابدار کان 200 گرام آئيس هٿ ڪئي وئي دالبندين ڊسٽرڪٽ چاغي ۾ گاڏي مان 75 ڪلوگرام آفيم هٿ ڪيو ويو اسپيني روڊ ڪوئيٽا ڪوريئر آفيس ۾ پارسل ۾ ڪاسميٽڪ مان 14 ڪلو چرس هٿ ڪيو ويو يونيورسٽي روڊ پشاور ڪوريئر آفيس ۾ سب مرسيبل واٽر پمپ مان 35 گرام آفيم 180 گرام وزني 260 ايڪسٽيسي ٽيبليٽ هٿ ڪيون ويون ڪارروائين جو منشيات جي روڪٿام واري ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي

مطابق ايمرجنسي سروسز ڊپارٽمينٽ گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڄي پنجاب ۾ 1331 ٽريفڪ حادثن کي ريسپانڊ ڪيو جن ۾ 684 ڄڻا شديد زخمي ٿيا جن کي فوري طور تي ويجهي ضلعي ۽ تعلقي اسپتالن ۾ منتقل ڪيو ويو 849 معمولي زخمين کي ريسڪيو ميڊيڪل ٽيمن حادثي واري هنڌ برقت طبي امداد فراهم ڪئي انهن حادثن ۾ وڌيڪ انگ (73 سيڪڙو) موٽر سائيڪلن جو آهي ريسڪيو 1122 جي صوبائي مانيٽرنگ سيل کي مليل ايمرجنسي فون ڪالز مطابق انهن ٽريفڪ حادثن ۾ 957 ڊرائيورن 144 ننڍي عمر وارا ڊرائيور 524 مسافر ۽ 146 پنڌ هلندڙ متاثر ٿيا. انگن اکرن سان ظاهر ٿئي ٿو ته 255 ٽريفڪ حادثن جي فون ڪالز لاهور ڪنٽرول روم ۾ مليون جنهن ۾ صوبائي گادي واري شهر 304 متاثرن سان پهرين، فيصل آباد 80 حادثن ۽ 98 متاثرن سان ٻي ملتان 67 حادثن ۽ 74 متاثرن سان ٽي نمبر تي رهيو حادثن جي ڪل 1542 متاثرن ۾ 1237 مرد ۽ 305 عورتون شامل آهن انهن حادثن ۾ 1474 موٽر سائيڪلون 89 رڪشا، 144 ڪارون 23 ويگنون 10 مسافر بسون 28 ٽرڪ ۽ 57 ٻئي قسم جون گاڏيون متاثر ٿيون

"روزاني عبرت"

سرڪلر تي عملدرآمد معطل ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ اسپتال جي تجويز ڪيل منتقلي في الحال روڪي وئي آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ آئيني درخواست نمبر D-5393/2026 جي ٻڌڻي دوران عدالت 27 آگسٽ تي جاري ڪيل حڪم ۾ ڌرين ۽ ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي 15 سيپٽمبر 2026ع لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا، جڏهن ته لاڳاپيل ڌرين کي ايندڙ ٻڌڻي تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جي پڻ هدايت ڪئي وئي

"روزاني عبرت"

ڪميشن جا عملدار به سرحد تي موجود هئا، جن پاڪستاني شهرين جي وطن واپسي واري عمل کي آسان بڻائڻ ۾ سهڪار ڪيو ٻئي پاسي پاڪستان هاءِ ڪميشن چيو آهي ته حڪومت پاڪستان پارٽي جيلن ۾ قيد سمورن پاڪستاني شهرين جي آزادي ۽ وطن واپسي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي

بابت داخل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران عدالت جوابدار کي هٿ لڳ رهڻ جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته جاچ آفيسر تسليم ڪيو آهي ته ڪيس جي فريادي اکين ڏٺن شاهدن کي ڳولي نه سگهيو ويو آهي، جڏهن ته فائرنگ واري واقعي ۾ زخمي ٿيل ٻن عورت شاهدن پڻ فائرنگ ڪندڙ شخص کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪيو آهي عدالت قرار ڏنو ته موجوده شاهدين ۽ ثبوتن ۽ صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڪيس وڌيڪ جاچ جو متقاضي آهي. پوليس موجب جوابدار ملا نثار خلاف 2009ع ۾ ڪلاڪوٽ ٿاڻي تي قتل، قتل جي ڪوشش ۽ دهشتگردي ۽ ٻين ڏوهن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

جي اطلاع تي بيلو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٽرڪ ۽ ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوليس فوتي نينگر جو لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو جتي ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو پوليس موجب حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ واقعي جي اصل سبب معلوم ڪرڻ لاءِ معلومات گڏ ڪئي پئي وڃي

ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ عباس عراقچي دعويٰ ڪئي ته ايران جي انٽيليجنس ذريعن موجب توانائي مارڪيٽن سان "کيڏڻ" يا انهن تي اثرانداز ٿيڻ جون وڏيون ڪوششون جاري آهن هن الزام لڳايو ته آمريڪي حڪومت سان واڳيل ڪجهه عنصر ميڊيا کي استعمال ڪندي اهڙي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيئن ذاتي مفاد حاصل ڪري سگهجن ۽ آمريڪي صدر کي هڪ "هارايندڙ جنگ" ۾ ڇڪي وڃي عباس عراقچي اها به دعويٰ ڪئي ته اسرائيل جون حامي ڪجهه ذريعن جنگ بابت حد کان وڌيڪ پراميد انداز ۾ پيش ڪري رهيون آهن ۽ جنگ جي حق ۾ بيانيو کي هٿي ڏئي رهيون آهن ايراني پرڏيهي وزير موجب، انهن سمورين سرگرمين جو اصل بار آمريڪي واپارين تي پئجي رهيو آهي جيڪي توانائي جي اگهن ۾ واڌ ۽ انهن جا اثر سڌو سنئون محسوس ڪري رهيا آهن

هڪ بيان ۾ چيو ته گڏيل عرب امارتن ۾ ان جون شاخون لاڳاپيل قانونن ۽ ضابطن موجب واپارين کي بينڪنگ جون سهولتون فراهم ڪري رهيون آهن بينڪ خلاف آمريڪي قدم واشنگٽن طرفان ايران کي عالمي مالياتي نظام کان وڌيڪ ڌار رکڻ جي مهم تحت ڪيل پهرين اعلائيل ڪارروائين مان هڪ هو جنهن تي 30 ڏينهن اندر عملدرآمد ٿيڻو هو آمريڪي ناڻي کاتي جو چوڻ هو ته گڏيل عرب امارتن ۾ بينڪ آف مصر جون شاخون ايران سان مالي ڏي وٺ ۽ ايراني حڪومت جي مدد ۾ ملوث رهيون آهن ان ڪري انهن کي آمريڪي مالياتي نظام تائين پهچ کان محروم ڪيو پيو وڃي ان جي جواب ۾ بينڪ آف مصر چيو آهي ته هو ضروري قانوني ۽ ريگيوليٽري قدم کڻندو ۽ مقرر ڪيل مدي دوران آمريڪي ناڻي کاتي سان رابطو پڻ ڪندو هوڏانهن مصر جي مرڪزي بينڪ جمعي ڏينهن واضح ڪيو ته ايران بابت آمريڪي پابنديون رڳو گڏيل عرب امارتن ۾ بينڪ آف مصر جي شاخن تائين محدود آهن ۽ اهي ڪنهن ٻئي مصري بينڪ تي لاڳو نه ٿينديون

فوجي ملازمن کي مانيٽرنگ اينڊ ايويليوئيشن آفيسرز (ايم اي اوز) طور ڀرتي ڪيو ويندو ڀرتي هڪ سال جي ڪانٽريڪٽ تي ٿيندي جنهن تحت 60 هزار رپيا ماهوار پگهار ۽ تعليم کاتي جي رولز موجب ٻيون سموريون سهولتون ۽ مراعتون پڻ حاصل هونديون مانيٽرنگ لاءِ سرڪاري موٽر سائيڪل به فراهم ڪئي ويندي.

ويو هو پوليس وائرل ويڊيو جي مدد سان جوابدارن جي سڃاڻپ ڪري کين گرفتار ڪيو پوليس موجب گرفتار جوابدارن دوران جاچ انڪشاف ڪيو ته ٻن ڏينهن اڳ ڪارخاني مان چوري ڪندڙ هڪ شخص کي پڪڙي کيس غيرقانوني طور تشدد جو نشانو بڻايو هو گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ حضرت علي، شير محمد، نصيب زادو ۽ مزمل طور ٿي آهي پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

اياز لطيف پليجو چيو ته سنڌ کي پٽ سان نه لڳايو وڃي، سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث نه ٿيڻ گهرجي هن مطالبو ڪيو ته سنڌ اسيمبلي مان سنڌ جي وحدت ۽ سالميت بابت واضح ٺهراءُ منظور ڪيو وڃي اياز لطيف پليجو چيو ته ميمبرن ۽ حڪمرانن کي سنڌ جي وحدت جو دفاع ڪرڻو آهي، سوڌن ڌمڪين تقريرن ۽ ڊرامن جا در نه کولڻا آهن هن چيو ته "رنگار نه ٿيو اسيمبلي ورهاڱي تي بحث لاءِ نه سنڌ جي حفاظت لاءِ وجود ۾ آئي آهي"

واري هنڌ پهچي ثبوت گڏ ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي پوليس موجب قتل جو شروعاتي سبب ملڪيت جو تڪرار هو جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڪارروايون جاري آهن

ڪمشنر حيدرآباد سان گڏ هو ڪمشنر اداري جي مختلف ڪلاس رومن ۽ رهائشي حصن جو دورو ڪيو ٻارن ۽ استادن سان ملاقات ڪئي ۽ اداري جي مجموعي انتظامن ۽ فراهم ڪيل سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي ڪمشنر فياض حسين عباسي اڳوڻي انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ غلام نبي ميمڻ جي ذاتي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سندس ذاتي دلچسپي لڳن ۽ عزم جي نتيجي ۾ بدين ۾ يتيم ٻارن لاءِ هڪ معياري فلاحي ۽ تعليمي ادارو جو قيام ممڪن ٿيو ڪمشنر ٻارن جي بهترين سارسنڀال، معياري تعليم اخلاقي تربيت ۽ نظم ۽ ضبط لاءِ ڪيل قدمن کي ساراهيندي چيو ته اهڙن ٻارن کي ڪڏهن به محرومي يا معاشري کان الڳ هجڻ جو احساس نه ٿيڻ گهرجي کين زندگي ۾ اڳتي وڌڻ، تعليم حاصل ڪرڻ ۽ معاشري جو باعتماد ۽ ڪارآمد شهري بڻجڻ لاءِ برابر موقعا فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي هن چيو ته هر ٻار جي محفوظ، باوقار ۽ بهتر مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ سرڪاري ادارن فلاحي تنظيمن ۽ معاشري جي سمورن طبقن کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 30 آگسٽ 2026ع

پمز سانحو:
حڪمرانيءَ جي دعوائن جو پردو بہ سڙي ويو

فريد احمد

اسلام آباد جي سرڪاري اسپتال پمز جي ٻاهہ واري واقعي ۾ رڳو نوان ڄاول ٻار ئي سڙي فوت ناهن ٿيا. پر بهتر حڪمرانيءَ جون دعوائون بہ سڙي رک ٿي ويون آهن. ان رک مان جيڪا حقيقت سامهون اچي ٿي. اها پڌرو ڪري ٿي تہ هي واقعو رڳو باهہ جو حادثو ناهي. هي ان انتظامي سوچ، غفلت، بي حسي ۽ بي ضابطگيءَ جو نتيجو آهي. جنهن ۾ انساني جان کان وڌيڪ اهميت فائيل، سفارش، عهدي ۽ اختيار کي ملي وڃي ٿي.

جن ٻارن اکيون ئي مس کوليون هيون. انهن جي زندگين جي حفاظت جي ذميواري پمز انتظاميہ ۽ عملي تي هئي. والدين پنهنجا ٻار علاج ۽ سنڀال لاءِ اسپتال حوالي ڪيا هئا. باهہ جي حوالي ڪرڻ لاءِ نہ. تنهنڪري اصل سوال رڳو اهو ناهي تہ باهہ ڪيئن لڳي. اصل سوال اهو آهي تہ باهہ لڳڻ کان پوءِ ٻارن کي بچائڻ لاءِ بنيادي انتظام ڪٿي هئا؟

هنگامي حالت ۾ ٻاهر نڪرڻ وارن دروازن تي تالا ڇو هئا؟ باهہ کان بچاءَ جا انتظام ڪٿي هئا؟ باهہ وسائڻ لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست ڇو نہ هو؟ سموڪ ڊيٽيڪٽر ۽ فائر الارم ڇو نہ هئا؟ عملي کي فائر ايمرجنسي بابت تربيت ڏني وئي هئي يا نہ؟ ۽ جيڪڏهن 2024ع ۾ لاڳاپيل ادارن پمز انتظاميہ کي فائر سيفٽي، عملي جي تربيت ۽ باقاعده مشقن بابت هدايتون ڏنيون هيون تہ انهن تي عمل ڇو نہ ٿيو؟

اهي سوال ان وقت وڌيڪ سنگين ٿي وڃن ٿا. جڏهن هڪ وفاقي اسپتال جي اهڙي وارڊ ۾ نون ڄاول ٻارن کي رکيو ويو هجي، جتي سندن زندگي آڪسيجن ۽ طبي نگرانيءَ تي هجي. اهي ٻار ان قابل نہ هئا جو پاڻ دروازو کولين ها. ٻاهہ کان بچڻ لاءِ ڊوڙي پرين ها يا مدد لاءِ ٻاڪارين ها. انهن جي حفاظت مڪمل طور انهن ماڻهن جي ذميواري هئي، جن کي ان ڪم لاءِ مقرر ڪيو ويو هو.

پر سانحي کان پوءِ جيڪو منظر سامهون آيو ان ۾ باهہ کان وڌيڪ بيانن جي باهہ هئي. پهريان ايئرڪنڊيشنر مان باهہ لڳڻ جو سبب ٻڌايو ويو پوءِ اهو سوال سامهون آيو تہ اي سي تہ ڪم ئي نہ ڪري رهي هئي. عملي، ڊاڪٽرن ۽ انتظاميا جي بيانن ۾ تضاد تي سوال اٿيا. ٻارن جي تعداد ۽ هڪ ٻار کي بچائڻ بابت بہ مختلف دعوائون سامهون آيون. اهڙي صورتحال ۾ عوام آخر ڪنهن ڳالهہ تي اعتبار ڪري؟

حڪومت جو جواب وري بہ اهو ئي پراڻو: ڪميٽي جوڙي وئي آهي، ٻي ڪميٽي بہ جڙي چڪي آهي، بيان ورتا پيا وڃن. سي سي ٽي وي ڏٺي پئي وڃي ۽ رپورٽ اچي ويندي، پر جن والدين جا ٻار واپس اچڻ وارا ناهن، انهن لاءِ ڪميٽي ڪو دلاسو ناهي.

انهن کي حقيقت گهرجي، ذميواري گهرجي ۽ انصاف گهرجي. تحقيق لاءِ ڪميٽي ٺهڻ غلط ڳالهہ ناهي، پر ڪميٽي احتساب جو متبادل نٿي بڻجي سگهي. جيڪڏهن هر وڏي سانحي کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪميٽي جوڙي وڃي، بيان ورتا وڃن، رپورٽ جو انتظار ڪيو وڃي ۽ پوءِ معاملو فائيلن ۾ دفن ٿي وڃي تہ ان کي انصاف نہ، انتظامي رسم چئبو.

پمز سانحي جي سنگيني ان ڪري بہ وڌيڪ آهي، جو هي واقعو ڪنهن هڪ ڏينهن جي غفلت جو نتيجو محسوس نٿو ٿئي. فائر سيفٽي بابت اڳوٽيون هدايتون، بنيادي حفاظتي سهولتن جي کوٽ، ايمرجنسي رستن بابت سوال ۽ انتظامي تضاد ٻڌائين ٿا تہ مسئلو گهڻو پراڻو آهي. سانحو اوچتو ظاهر ٿئي ٿو پر ان جا سبب اڪثر سالن کان گڏ ٿيندا رهن ٿا.

هاڻي هن سانحي، پمز جي مالي ۽ انتظامي ڪارڪردگيءَ بابت بہ سنگين سوال اٿاريا آهن. جيڪڏهن اسپتال کي اربين رپين جي بجيٽ ملي ٿي تہ پوءِ بنيادي فائر سيفٽي ڇو مڪمل ناهي؟ جيڪڏهن سجاوٽ ۽ مرمت لاءِ 23 ڪروڙ رپيا رکيا ويا هئا تہ اهي ڪٿي خرچ ٿيا؟ ڪهڙا ڪم ٿيا؟ انهن جو معيار ڪنهن جاچيو؟ رقم جي آڊٽ ٿي يا نہ؟

هتي صحافتي ذميواري اها آهي تہ بغير ثبوت ڪنهن کي ڪرپشن جو ڏوهي قرار نہ ڏنو وڃي، پر حڪومت کان سوال ڪرڻ ۾ بہ ڪا هٻڪ نہ هئڻ گهرجي. عوامي پئسي جو حساب عوام کان لڪائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن سڀ ڪجهہ شفاف آهي تہ خرچن جو رڪارڊ، آڊٽ ۽ منصوبن جا تفصيل عوام اڳيان رکڻ ۾ ڪهڙي رنڊڪ آهي؟

پمز بابت مريضن ۽ سندن وارثن جون اهي شڪايتون بہ نظرانداز نٿيون ڪري سگهجن، جن ۾ مختلف فيسن، دوائن جي خريداري ۽ مخصوص اسٽورن ڏانهن موڪلڻ جا الزام شامل آهن. سرڪاري اسپتال جو بنيادي مقصد غريب ۽ وچولي طبقي جي مريضن کي عزت سان علاج فراهم ڪرڻ آهي. جيڪڏهن مريض علاج کان اڳ ئي فيسن، پرچين ۽ اضافي خرچن جي چڪر ۾ ڦاسي وڃي تہ پوءِ "عوام لاءِ مفت ۽ بنيادي صحت جون سهولتون" جهڙين سرڪاري دعوائن تي سوال اٿڻ لازمي آهن.

پر هن سڄي معاملي جو سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ پاسو صحت واري وفاقي وزير جو رويو آهي. ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ ورتل ماڻهن کي دلداري ڏيڻ ۽ سندن ڏک سُور ٻڌڻ بدران جيڪڏهن وزير ماڻهن سان اهڙي انداز ۾ ڳالهائي. جنهن سان سندن تڪليف وڌيڪ وڌي وڃي. تہ اهو رڳو ذاتي رويو نٿو رهي، اهو حڪمرانيءَ جي طرزِ عمل جي عڪاسي بڻجي وڃي ٿو. هڪ طرف والدين پنهنجن ٻارن جا سڃاڻپ کان وانجهيل لاش کڻي رهيا هئا ۽ ٻي طرف صحت وارو وزير پنهنجي وزارت جي ڪارڪردگيءَ جو دفاع ڪري رهيو هو. اهڙي وقت ۾ حڪمران جو پهريون فرض دليل ڏيڻ نہ. پر ڏکويل انسان اڳيان عاجزيءَ سان پيش ٿيڻ هوندو آهي.

صحت واري وزير جو اهو چوڻ تہ هو احتساب لاءِ پاڻ کي وزيراعظم اڳيان پيش ڪري چڪو آهي. ڪافي ناهي. جيڪڏهن هو پنهنجي وزارت جي انتظامي ذميواري قبول ڪري ٿو تہ پوءِ سوال اهو بہ آهي تہ اخلاقي ذميواريءَ جو مطلب عملي طور ڇا آهي؟ استعيفيٰ جو سوال ڇو گڊمڊ ڪيو پيو وڃي؟ ۽ جيڪڏهن وزارت جي دائري ۾ ايندڙ ادارن ۾ اهڙا سانحا ٿين ٿا تہ سياسي ذميواري ڪٿي طئہ ٿيندي؟

ان کان بہ وڌيڪ اهم سوال اهو آهي تہ جيڪي ماڻهو ٻن وڏين اسپتالن جو انتظام درست نموني هلائڻ ۾ ناڪام ٿين ٿا. اهي سنڌ ۾ نون صوبن جي انتظام جا خواب عوام کي ڪيئن وڪڻندا؟ صوبن جو قيام هڪ آئيني ۽ سياسي بحث آهي. پر ان کي عوامي مسئلن کان فرار جو ذريعو نٿو بڻائي سگهجي. جيڪي سنڌ جي عوام ۾ صوبن جي نالي تي ورهاست ۽ نفرت جو نعرو هڻن ٿا. انهن کي پهريان اهو ٻڌائڻو پوندو تہ موجوده ذميوارين کي ڪيتري ايمانداري ۽ اهليت سان نڀائي رهيا آهن. جيڪڏهن ٻن وڏين اسپتالن جي انتظام بابت سوال اٿن ٿا تہ هزارين ڪلوميٽرن تي پکڙيل نئين انتظامي ڍانچي جا خواب ڪهڙي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ڏيکاريا پيا وڃن؟

اصل مسئلو "نظام خراب آهي" چوڻ سان حل نہ ٿيندو. ڪو بہ نظام پاڻمرادو خراب نٿو ٿئي. ان کي هلائڻ وارا خراب ڪن ٿا. جڏهن ميرٽ جي جاءِ سفارش وٺي، قانون جي جاءِ وفاداري وٺي. شفافيت بدران ڳجهہ ۾ معاملا طئہ ٿين ۽ عوامي وسيلن تي بااثر ڌرين جي هيڇي نظر هجي تہ بهترين نظام بہ بي اثر ٿي سگهي ٿو.

اسان جي حڪمرانن کي جتي عوام کي منجهائي راڄ ڪرڻ جون چالون اچن ٿيون. اتي سندن صفن ۾ صالح ۽ جوابده ماڻهو گهٽجي وڃن ٿا. تہ پوءِ مظلومن کي دلداري تہ نہ ملندي. پر سندن زخم وڌيڪ گهرا ٿيندا. پمز جا نوان ڄاول ٻار ان ئي بي حسيءَ جو سڀ کان دردناڪ مثال بڻجي ويا آهن.

۽ جيڪڏهن هن سانحي بابت حقيقتون اجا مڪمل طور سامهون نہ آيون آهن تہ اهو بہ حڪومت لاءِ انتهائي خطرناڪ سوال آهي. ٻارن جو صحيح تعداد. باهہ جو اصل سبب. ان وقت عملي جي موجودگي. فائر سيفٽي جي حالت. ايمرجنسي رسپانس ۽ واقعي کان پوءِ سامهون آيل تضاد۔ هر سوال جو جواب ثبوت سان اچڻ گهرجي. افواهن ۽ اندازن کي روڪڻ جو بهترين طريقو بہ شفاف تحقيق ئي آهي.

هاڻي روايتي "ڪميٽي ڪميٽي" کان اڳتي وڌڻ جو وقت اچي ويو آهي. هڪ آزاد ۽ بااختيار جوڊيشل ڪميشن قائم ڪئي وڃي. جيڪا سانحي جي هر رخ جي جاچ ڪري ۽ پنهنجي رپورٽ عوام اڳيان رکي. جاچ ۾ جيڪو بہ ذميوار ثابت ٿئي. ان خلاف بنا سياسي يا انتظامي دٻاءَ جي قانون موجب تڪڙي ڪارروائي ڪئي وڃي.

ساڳي وقت پمز جي گذريل سالن جي آزاد مالي ۽ انتظامي آڊٽ ڪرائي وڃي. اربين رپين جي بجيٽ، 23 ڪروڙ رپين جي سجاوٽ ۽ مرمت. فائر سيفٽي. دوائن ۽ سامان جي خريداري ۽ مريضن کان ورتل مختلف فيسن جو مڪمل حساب عوام اڳيان رکيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ انصاف رڳو ڪنهن آفيسر کي معطل ڪرڻ جو نالو ناهي. انصاف تڏهن ٿيندو جڏهن ذميواري طئہ ٿيندي، عوامي پئسي جو حساب ٿيندو، اسپتالون محفوظ بڻبيون ۽ اهڙا عملي قدم کنيا ويندا، جن سان اهڙو سانحو ٻيهر ٿيڻ کان روڪي سگهجي.

پمز جي باهہ معصوم ٻارن جون زندگيون واپس نٿي آڻي سگهي، پر اها حڪمرانيءَ جي دعوائن تي ضرور سوال ڇڏي وئي آهي. جيڪڏهن هن سانحي کان پوءِ بہ ساڳيا بيان، ساڳيون ڪميٽيون، ساڳيا تضاد ۽ ساڳي بي حسي جاري رهي تہ پوءِ سمجهڻو پوندو تہ باهہ صرف پمز جي نرسريءَ ۾ نہ لڳي هئي. باهہ حڪمرانيءَ جي دعوائن جو پردو بہ ساڙي ڇڏيو آهي. هاڻي ان دونهين کي تقريرن سان نہ، پر جڊيشل ڪميشن، شفاف مالي آڊٽ، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ۽ اهڙي احتساب سان ختم ڪرڻو پوندو، جنهن کان پوءِ ڪنهن حڪمران يا آفيسر کي اها جرئت نہ ٿئي تہ عوام جي اسپتال کي پنهنجي نااهلي، بي حسي ۽ مفاد پرستيءَ جي حوالي ڪري ڇڏي.

نيپال جي ڌرتي ڌوڏيندڙ ٻوڏ

فيضان احمد

هونءَ تہ ٻوڏ عام طور ٻوڙان ٻوڙ ڪري ويندي آهي، پر نيپال ۽ تبت جي سرحد تي آيل تباهيءَ واريءَ ۽ اوچتي ٻوڏ اهڙي هئي، جڻ علائقي ۾ زلزلو اچي ويو هجي. پر پوءِ ماهرن جي تحقيق مان خبر پئي تہ اصل واقعو هڪ وڏي گليشيئر ۽ ان هيٺان موجود پهاڙ جي ٽٽڻ سان شروع ٿيو. ان سان برف، پٿرن ۽ مٽيءَ جو وڏو وهڪرو هيٺانهين ماتريءَ ڏانهن لهي آيو ۽ دريائن ۾ اوچتو اهڙو چاڙهہ آيو جنهن ڪيترين ئي آبادين کي پاڻي ڇڏيو.

ماهرن موجب لانگتانگ ليرونگ چوٽيءَ ڀرسان گليشيئر جو هيٺيون حصو ۽ ان هيٺان پهاڙ جو وڏو حصو ڪري پيو. ان سان برف ۽ پهاڙ جا پٿر، واري ۽ ٻيو ملبو ڪولا نديءَ ۾ وڃي پيو. جيڪا پوٽي ڪوشي درياءَ جي سهڪاري ندي آهي. نتيجي ۾ پاڻي، برف، مٽي ۽ وڏن پٿرن جو هڪ انتهائي طاقتور وهڪرو درياهہ جي هيٺين حصن ڏانهن وڌيو. آمريڪي جيولوجيڪل سروي موجب هن گليشيئر جي ٽٽڻ سان پيدا ٿيل زلزلي جهڙي سرگرمي جي شدت 5.2 رڪارڊ ٿي، جنهن سبب شروعاتي طور زلزلي جو شڪ پيدا ٿيو هو.

ٻوڏ جي رفتار جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ درياءَ جي هيٺين وهڪري وارن علائقن ۾ پاڻيءَ جي سطح رڳو 30 منٽن اندر ست کان نو ميٽر تائين وڌي وئي. پاڻيءَ سان گڏ ايندڙ پٿرن ۽ مٽيءَ روڊن، پلن، گهرن، بجليءَ جي منصوبن ۽ ٻين بنيادي ڍانچن کي سخت نقصان پهچايو. ڪيترن ئي هنڌن تي رستا مڪمل طور ختم ٿي ويا، جنهن ڪري امدادي ڪارروائين لاءِ زميني رستا بہ ڏکيا ٿي پيا ۽ هيليڪاپٽرن وسيلي ماڻهن کي ڪڍڻو پيو.

26 آگسٽ تي آيل ان ٻوڏ سبب ٻن ڏينهن اندر رائٽرز موجب نيپال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 579 ماڻهو فوت ٿي ويا. جڏهن تہ تبت ۾ پنج ڄڻن جي فوت ٿيڻ جون خبرون هيون. نيپال ۾ لڳ ڀڳ 1,924 ماڻهو اڃا تائين گم هئا ۽ تبت ۾ گم ٿيلن جو انگ 558 ٻڌايو ويو. گم ٿيلن ۾ مقامي ماڻهن سان گڏ پرڏيهي سياح ۽ زائرين بہ شامل آهن. هن علائقي مان هر سال وڏي تعداد ۾ ماڻهو ٽريڪنگ، سياحت ۽ مذهبي سفرن لاءِ گذرن ٿا، خاص طور تي ڪيلاش مانسروور ڏانهن ويندڙ رستي سبب هن علائقي مان هر سال وڏي تعداد ۾ ماڻهو ٽريڪنگ، سياحت ۽ مذهبي سفرن لاءِ گذرن ٿا. جن ۾ ڪيلاش مانسروور ڏانهن ويندڙ زائرين بہ شامل هوندا آهن.

هن آفت جو هڪ ٻيو خطرناڪ پاسو اهو آهي تہ ٻوڏ ڪانپوءِ جبلن جون لڙهي آيل ڇپون، پٿر، واري، ٻاڙان پٽجي ويل وڻ ۽ ٻوٽا وغيره درياءَ جي وهڪري ۾ رنڊڪ بڻجڻ سبب هڪ نئين ڍنڍ ٺهي وئي. ان ۾ پاڻي وڌڻ ڪري ٻيهر ٻوڏ جو خدشو پيدا ٿيو ۽ ڪجهہ وقت لاءِ بچاءَ جون ڪارروايون بہ روڪيون پيون. نيپالي اختياريون اهڙين ٻين ڍنڍن تي بہ نظر رکي رهيون آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن مان ڪنهن جو بند ٽٽڻ سان ٻيهر اوچتو پاڻي هيٺانهين وارن علائقن ڏانهن اچي سگهي ٿو.

نيپال ۽ تبت جو اوچو هماليائي علائقو گليشيئرن، برفاني ڍنڍن، برفاني ڇپن ۽ شديد برساتن سبب قدرتي خطرن لاءِ حساس آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ وڌندڙ گرمي پد گليشيئرن ۽ جبلن جي برفاني ڍانچن ۾ تبديليون آڻي رهيو آهي، جنهن سان اهڙن واقعن جو خطرو وڌي سگهي ٿو جيتوڻيڪ هن مخصوص واقعي کي سڌيءَ طرح موسمي تبديليءَ جو نتيجو قرار ڏيڻ لاءِ وڌيڪ تحقيق ضروري آهي.

ماهرن موجب اهڙين آفتن کي مڪمل طور روڪڻ ممڪن ناهي، پر گليشيئرن ۽ برفاني ڍنڍن جي مسلسل نگراني، سيٽلائيٽ تصويرن، اڳواٽ خبرداريءَ وارن نظامن ۽ سرحد پار معلومات جي جلدي ۽ بروقت معلومات پهچائڻ سان جاني نقصان گهٽائي سگهجي ٿو. نيپال جي هن واقعي هڪ ڀيرو ٻيهر ڏيکاريو آهي تہ هماليہ جي اوچين چوٽين تي ٿيندڙ تبديليون هيٺانهين آبادين لاءِ ڪيترو وڏو خطرو بڻجي سگهن ٿيون.

پيپلزپارٽي قيادت ٽنڊوالهيار ضلعي لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر نہ ڪري سگهي، جيالا ٻڌتر جو شڪار

ضلع جي چونڊيل نمائندن ۽ سينئر ورڪرن عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون، قيادت سان رابطا

پ پ ايم پي اي ضياءُ عباس شاهہ رضوي پنهنجي پٽ لاءِ لابنگ شروع ڪري ڇڏي، ضلع ڪائونسل جو چيئرمين بہ سرگرم

پيپلز پارٽي قيادت چونڊيل نمائندن بدران پارٽي جي سينئر جيالن کي اهم عهدو ڏيڻ لاءِ غور ڪري رهي آهي: ذريعن جي دعويٰ

ٽنڊوالهيار پيپلزپارٽي ضلعي جنرل سيڪريٽري جي عهدي جا خواهشمند اميدوار

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ٽنڊوالهيار جي جنرل سيڪريٽري وارو معاملو حل نہ ٿي سگهيو صورتحال تبديل ضلع جي چونڊيل نمائندن ۽ سينئر ورڪرن عهدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون سينئير جيالا قيادت مان پر اميد. ٽنڊوالهيار ضلع جي جنرل سيڪريٽري واري عهدي تي ايم پي اي ضياءُ عباس شاهہ رضوي، پنهنجي پٽ ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد قمر حسين شاهہ ۽ ميمبر ضلع ڪائونسل سيد پورل شاهہ رضوي، ضلع ڪائونسل چيئرمين مير سهيل ٽالپر ميمبر ضلع ڪائونسل ذوالقرنين ڪوڪي سينئير ورڪر سابقہ تعلقہ صدر عبدالستار گراٽي تعلقہ صدر غلام قادر دل ستي صدر ۽ ميونسپل ڪميٽي ڪونسلر آفتاب جوڻيجو ڪارڪنن ۽ چونڊيل نمائندن ۾ ضلعي جنرل سيڪريٽري حاصل ڪرڻ لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، جيالا پنهنجي قيادت ڏانهن ڏسڻ لڳا ذريعن مان معلوم ٿيو تہ پيپلز پارٽي قيادت چونڊيل نمائندن بدران پارٽي جي سينئر جيالن کي اهم عهدو ڏيڻ لاءِ غور ڪري رهي آهي ان سلسلي ۾ ذريعن مان معلوم ٿيو آهي تہ چونڊيل نمائندن اهم عهدو پنهنجي گهر ۾ آڻڻ لاءِ اعليٰ سطح تي لابنگ تيز ڪري ڇڏي آهي

شهدادڪوٽ ۾ ميرجت لائير چيمبر جو افتتاح

نوجوان قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو رٻن ڪاٽي افتتاح ڪيو

سنڌ ۾ شعوري تبديلي تيزي سان وڌندي پئي وڃي: ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو

شهدادڪوٽ(ڊ ر) ضلع بار ايسوسيئشن قمبر شهدادڪوٽ جي اڳوڻي صدر ۽ نوجوان قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو شهدادڪوٽ ۾ ميرجت لائير چيمبر جو رٻن ڪاٽي افتتاح ڪيو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ ساجد حسين مير جت سميت وڪيلن جو هڪ وڏو انگ پڻ موجود هيو ان موقعي تي وڪيلن ۽ صحافين سان ڳالهائيندي ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو چيو تہ اسان جي معاشري ۾ وڌندڙ وڪيلن جي انگ مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ شعوري تبديلي تيزي سان وڌندي پئي وڃي جنهنڪري هيٺئين تبديلي اڪثر آهي غريب ۽ مظلوم ماڻهن کي عدالتن اندر داد رسي پڻ ملي رهي آهي جيڪا مثبت اهڃاڻ آهي سنڌ اندر شعوري تبديلي وڪيلن جي اتحاد ۽ جدوجهد سان ممڪن آهي ان موقعي تي ايڊووڪيٽ ساجد ميرجت، ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ ۽ ايڊووڪيٽ راجا رجب مگسي پڻ خطاب ڪيو

شهدادڪوٽ وڪيل اڳواڻ ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو لائير چيمبر جو افتتاح ڪندي

ري پبلڪ هاءِ اسڪول ٽنڊوڄام ۾ جشنِ عيد ميلاد النبي صہ جي محفل

بارگاهہ رسالت مآب صہ ۾ عقيدت جا گل پيش ڪندي نعت رسول مقبول صہ جا نذرانو پيش

اسان کي حضور صہ جي اسوه حسنہ کي پنهنجي زندگين ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي: انجنيئر احسن حميد

ٽنڊوڄام (ٽ ر) ري پبلڪ هاءِ اسڪول ٽنڊوڄام ۾ جشن عيد ميلاد النبي صہ جي سلسلي ۾ محفلِ ميلاد النبي صہ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ استادن، شاگردن ۽ شاگرديائڻين سميت ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي محفل جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ٿي، جڏهن تہ اسڪول جي شاگرديائڻين زوبيہ عاصم، ماصفہ خرم، ام عرش، عبيره آصف، ربيعہ بلال، سعديہ منور ۽ خنسہ ظهير بارگاهہ رسالت مآب صہ ۾ عقيدت جا گل پيش ڪندي نعت رسول مقبول صہ جو نذرانو پيش ڪيو ۽ حاضرين کان ڀرپور داد حاصل ڪئي. ان موقعي تي اسڪول جي پرنسپال انجنيئر احسن حميد ۽ شاگرديائڻين سيرت النبي صہ جي موضوع تي خطاب ڪندي چيو تہ حضور اڪرم صہ جي حياتِ طيبہ سڄي انسانيت لاءِ مشعلِ راهہ آهي ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي حضور صہ جي اسوه حسنہ کي پنهنجي زندگين ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي. هنن چيو تہ نبي ڪريم صہ انسانيت کي محبت، ڀائپي، برداشت، عدل ۽ انصاف ۽ خلقِ خدا جي خدمت جو درس ڏنو جن تي عمل ڪري هڪ مثالي معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو مقررن وڌيڪ چيو تہ جشن عيد ميلاد النبي صہ ملهائڻ جو اصل مقصد حضور صہ جي تعليمات کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ آهي تہ جيئن اسان جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي سنواري سگهجي. تقريب جي پڇاڙي تي ملڪ ۽ قوم جي ترقي، سلامتي ۽ امت مسلم جي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ خاص دعا پڻ گهري وئي

ٽنڊوڄام ري پبلڪ هاءِ اسڪول جي شاگرديائڻين ربيع الاول جي مناسبت سان تقريب ۾ نعت پڙهي رهيون آهن

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 57 هين ڏينهن بہ احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهہ 57 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم، شاهد خان،جاويد پٺي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو.ويو ان موقعي تي هنن چيو تہ حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو تہ 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نہ ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو تہ ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي.هنن چيو تہ اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ وزير بلديات کي اپيل ڪئي تہ ماهري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺاڻن جو مختيارڪار خلاف احتجاج

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو ويجهو ڳوٺاڻن جو مختيارڪار خلاف احتجاج انصاف جو مطالبو ڪنڊيارو ڀرسان ڳوٺ ميو ڪلو جي رهواسين محمد اسلم ڪلو پنهنجي پاڙيئن سرتاج ثناء الله نعيم سان گڏ احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو تہ ديهہ مڃڻ ۾ مختيارڪار ڪنڊيارو بااثرن جي چوڻ تي منهنجي ڀاءُ محمد سالم جيڪو ٻہ سال اڳ فوت ٿي ويو آهي ۽ ڀاءُ محمد سليم جي کاتي جو سيل سرٽيفڪيٽ ڪيو رهيو آهي جڏهن تہ عدالت ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي ان جي باوجود قانون جي خلاف ورزي ڪئي پئي وڃي هن سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ،ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ،ڊي سي نوشهروفيروز اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

WOMANi Championship Award for Financial Inclusion 2026
SAFCO

ڪوالالمپور سافڪو جو باني ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو وومينٽي چيمپئن شپ ايوارڊ وصول ڪندي

سافڪو کي 'وومينيٽي چيمپيئن شپ ايوارڊ 2026ع' سان نوازيو ويو

چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر محمد سليمان جي ابڙو اداري پاران ايوارڊ وصول ڪيو

هيءَ مڃتا عورتن جي معاشي بااختياري ۽ جامع ترقيءَ لاءِ ڪردار جو اعتراف آهي: سليمان جي ابڙو

حيدرآباد(پ ر) سافڪو جي مائيڪروفنانس اداري (ايس ايم سي ايل) کي عورتن جي معاشي بااختياريءَ وارين خدمتن تي 'وومينيٽي چيمپيئن شپ ايوارڊ 2026ع' سان نوازيو ويو آهي. اهو اعزاز گذريل ڏينهن ملائيشيا جي راڄڌاني ڪوالالمپور ۾ عالمي سطح تي ٿيل 'وومينيٽي ايوارڊز 2026ع' تقريب دوران ڏنو ويو. سافڪو جي باني ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر محمد سليمان جي ابڙو اداري پاران ايوارڊ وصول ڪيو. تقريب ۾ ملائيشيا جي نائب وزيراعظم سميت مختلف ملڪن جون اهم شخصيتون شريڪ هيون. ايوارڊ ملڻ بعد سافڪو پاران جاري ڪيل بيان موجب، ڊاڪٽر سليمان جي ابڙي جو چوڻ هو تہ 'وومينيٽي چيمپيئن شپ' ايوارڊ حاصل ڪرڻ رڳو سافڪو جي ڪاميابي ناهي، پر پاڪستان لاءِ پڻ هڪ فخر جوڳي ڪاميابي آهي. عالمي سطح تي ملندڙ هيءَ مڃتا عورتن جي معاشي بااختياريءَ ۽ جامع ترقيءَ لاءِ پاڪستاني ادارن جي ڪردار جو اعتراف پڻ آهي. ڊاڪٽر ابڙي وومينيٽي جي جيوري، ڪيمبرج آءِ ايف اي ۽ وومينيٽي جي سموري ٽيم جا ٿورا مڃيندي چيو تہ هي ايوارڊ سافڪو جي مالي شموليت ۽ عورتن جي بااختياريءَ لاءِ ڪيل ڪوششن کي عالمي مڃتا فراهم ڪري ٿو. هن چيو تہ هي اعزاز سافڪو جي 72 شاخن 165,000 کان وڌيڪ فعال قرض وٺندڙن، جن مان تقريباً 72 سيڪڙو عورتون آهن، ملازمن، مالي خدمتون حاصل ڪندڙ عورتن، ڀائيوارن ۽ انهن ڪميونٽيز جي محنت ۽ وابستگيءَ جو بہ نتيجو آهي جن جي ترقي سافڪو جو بنيادي مقصد آهي. ڊاڪٽر ابڙي چيو تہ سافڪو جو مقصد رڳو مالي سهولتن تائين رسائي فراهم ڪرڻ ناهي پر عورتن لاءِ اهڙا بامعنيٰ موقعا پيدا ڪرڻ پڻ آهي جن سان هو پنهنجا روزگار مضبوط ڪري، ڪاروبار وڌائي، معاشي فيصلا ڪرڻ ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪن ۽ پنهنجي خاندانن ۽ برادرين لاءِ وڌيڪ محفوظ مستقبل جوڙي سگهن. هن چيو تہ سافڪو صنفي برابريءَ بابت پنهنجي منصوبي کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ سان گڏ عورتن لاءِ مخصوص مالي سهولتن کي وڌائيندي قيادت ۽ فيصلا سازيءَ ۾ سندن نمائندگي کي هٿي ڏيندو ۽ عورتن جي معاشي خودمختياري لاءِ تربيت، رهنمائي ۽ ڪاروباري موقعن کي وڌيڪ وسيع ڪندو. هن وڌيڪ چيو تہ جامع، منصفاڻي ۽ پائيدار ترقي لاءِ سافڪو پنهنجون ڪوششون وڌيڪ منظم ۽ اثرائتيون بڻائيندو تہ جيئن موجوده ۽ ايندڙ نسلن جي عورتن لاءِ معاشي ترقيءَ جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿي سگهن. 'وومينيٽي چيمپيئن شپ' ايوارڊ سافڪو لاءِ هڪ اهم عالمي سنگِ ميل آهي جيڪو نہ رڳو اداري جي مالي شموليت ۽ عورتن جي بااختياريءَ لاءِ ڪيل ڪم کي اجاگر ڪري ٿو پر هن شعبي ۾ پاڪستان جي ڪردار کي بہ عالمي سطح تي نمايان ڪري ٿو

سجاول ۾ پ پ جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ آجياڻو

سجاول ضلعي جو عوام هاڻي سڀ ڪجهہ سمجهي چڪو آهي: عبداللطيف ميمڻ

منهنجي ڪوشش آهي تہ ڳوٺ داد سوڍيار جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪرايا وڃن

سجاول(ڊ ر) سجاول ويجهو چوهڙ جمالي روڊ ڀرسان ڳوٺ داد سوڍيان وارڊ نمبر 4 ۾ رهواسي عبدالرحمان سوڍيار ۽ سوڍيار برادري پاران پ پ پ جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جي مان ۾ آجياڻي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي معزز شخصيتن ۽ پ پ پ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب دوران عبدالرحمان سوڍيار ۽ سندس برادري پاران پ پ پ اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ سميت آيل معزز مهمانن کي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪري شاندار آجيان ڪئي وئي.تقريب کي خطاب ڪندي پ پ پ جي سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ چيو تہ سجاول ضلعي مان هاڻي اهو وقت ختم ٿي چڪو آهي، جڏهن ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويندو هو هن چيو تہ سجاول ضلعي جو عوام هاڻي سڀ ڪجهہ سمجهي چڪو آهي عبداللطيف ميمڻ وڌيڪ چيو تہ سندس ڪوشش آهي تہ ڳوٺ داد سوڍيار جا بنيادي مسئلا حل ڪرايا وڃن. هن چيو تہ ڳوٺاڻن کيس جيڪا عزت ۽ محبت ڏني آهي هو ان کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو ۽ ڪين مايوس نہ ڪندو. هن وڌيڪ چيو تہ هتان جي عوام اڳ بہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ساٿ ڏنو آهي ۽ اڳتي بہ پ پ پ جو ساٿ ڏيندي ان موقعي تي عبدالله خان لغاري، رئيس علي محمد لغاري، زاهد حسن ڪلو، شفقت حسين شاهہ مٽياري، چاڪر دوست علي سهتو، حاجي مظفر علي لغاري، ڊاڪٽر قمرالدين ٻارڻ، وڏيرو اشرف ٻارڻ، شاهجهان شيخ، ابراهيم سوهو، گلاب ڪوڙ، وڏيرو سليمان ٻارڻ، وڏيرو عمر ٻارڻ، ڊاڪٽر نور احمد ملاح، عمران علي ڪٽي، شاهد ميمڻ، حاجي نياز عرسائي، ملڪ شعيب پنهور، ساڳي جان محمد شيخ سميت ٻين معزز شخصيتن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي

ٿرپارڪر جي عدالت ۾ نابالغ نينگري سان زيادتيءَ جو ڏوهہ ثابت

ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 25 سال سخت قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

عدالت جوابدار کي 25 سال سخت پورهئي واري قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا جو حڪم ٻڌايو

مٺي (ڊ-ر) ٿرپارڪر جي اسپيشل ڪورٽ اينٽي ريپ جي جج محمد فاضل ٻوهيو جي عدالت نابالغ نينگري سان زيادتيءَ جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي 25 سال سخت قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالت پيش ٿيل ثبوتن ۽ شاهدين بعد جوابدار کيول ڪولهي، رهواسي مٺي ٽائون کي 7 کان 8 سالن جي نينگري ڪائنات ڌيءَ عبدالقيوم لنجو سان زيادتيءَ جي جرم ۾ ڏوهاري قرار ڏنو عدالت جوابدار کي 25 سال سخت پورهئي واري قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا جو حڪم ٻڌايو ياد رهي تہ جوابدار خلاف مٺي ٿاڻي تي زيادتي ۽ جسماني تشدد جي دفعات تحت ڪيس داخل ٿيل هو حتمي ٻڌائي مڪمل ٿيڻ بعد عدالت پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي جوابدار کي سزا تحت جيل موڪلي ڇڏيو

صحت کاتي سنڌ جا ملازم سرڪاري اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ خلاف سراپا احتجاج

گرينڊ هيلٿ الائنس جي سڏ تي سرڪاري اسپتالن جا ملازم روڊن تي نڪري آيا، ريلي، احتجاج، نعريبازي

صحت کاتي ۾ بهترين آڻڻ بدران حساس عوامي اداري کي پي پي ايڇ آءِ اين جي اوز حوالي ڪرڻ عوام دشمني آهي: ملازم

جيڪڏهن اسپتالن ۾ ڪمي بہ ڪا ڪوٽ يا بدانتظاميءَ آهي تہ ان کي ٺيڪ ڪيو وڃي نہ کي ادارن کي خانگي اين جي اوز حوالي ڪيو وڃي

گرينڊ هيلٿ الائنس سنڌ

حيدرآباد صحت کاتي سنڌ جا ملازم سرڪاري اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) گرينڊ هيلٿ الائنس جي سڏ تي سرڪاري اسپتالن جا ملازم صحت کاتي جون اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ خلاف سراپا احتجاج. سول اسپتال کان پريس ڪلب تائين ريلي،احتجاج،نعريبازي. سنڌ حڪومت پاران سنڌ جون سرڪاري اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ ۽ سروس اسٽرڪچر جي سوڌو ترقيون نہ ملڻ خلاف ڪالهہ گرينڊ هيلٿ الائنس جي سنڌ تي ڊاڪٽر روشن چانڊيو،شريف پالاري،ڊاڪٽر نياز ٻين،عبدالغفار رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سول اسپتال حيدرآباد کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ سنڌ حڪومت صحت کاتي ۾ بهترين آڻڻ بدران حساس عوامي اداري کي پي پي ايڇ آءِ اين جي اوز حوالي ڪرڻ عوام دشمني آهي هنن چيوتہ سرڪاري اسپتالن کي دوائون سوڌو ٻيون سهولتون فراهم ڪرڻ توڙي مانيٽرنگ ڪرڻ صحت کاتي سنڌ جو ڪم آهي جيڪڏهن اسپتالن ۾ ڪمي بہ ڪا ڪوٽ يا بدانتظاميءَ آهي تہ ان کي ٺيڪ ڪيو وڃي نہ کي ادارن کي خانگي اين جي اوز حوالي ڪيو وڃي هنن چيوتہ هن کان اڳ صحت کاتي ضلعي ۽ تعلقي اسپتالن ڪانسواءِ بي ايڇ يو ۽ رورل هيلٿ سينٽر پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ جو تجربو ڪري چڪو آهي جيڪو ناڪام ويو آهي.پي پي ايڇ آءِ ٻهراڙي جون اسپتالون ٺيڪ نہ ڪري سگهي آهي ويتر اسپتالن جو ماحول خراب ٿي ويو آهي پي پي ايڇ آءِ حوالي ٿيل اسپتالن ۾ دوائن سوڌو بنيادي صحت جون سهولتون ميسر ناهن ساڳيا مريض تعلقي ۽ ضلعي اسپتالن ڏانهن اچڻ تي مجبور آهن هنن چيوتہ ضلعي ۽ تعلقي اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ٿيڻ صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ عملي جو مستقبل داءِ تي لڳي ويندو هنن چيوتہ سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي پاران وڌيڪ سرڪاري اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ واري اعلان کان پوءِ ملازمن ۾ سخت ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي آهي هنن چيوتہ صحت کاتي جي ملازمن جا مسئلا سروس اسٽرڪچر توڙي ترقيون ڪيترن عرصي التوا جو شڪار آهن ملازم پنهنجي مستقبل لاءِ پريشان آهن تہ هاڻ اسپتالون بچائڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيا آهن هن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري،سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ سيڪريٽري صحت کي اپيل ڪئي تہ عوامي مفاد ۾ سرڪاري اسپتالون پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪرڻ وارو منصوبو ختم ڪيو وڃي ۽ سرڪاري اسپتالن جو انتظام بهتر ڪرڻ لاءِ گڏيل صلاح مشوري سان قدم کنيا وڃن جيئن سرڪاري ادارا مضبوط ٿي سگهن ۽ عوام کي صحت جون بهترين سهولتون ميسر ٿين هنن چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن اسان جا مطالبا تسليم نہ ڪيا ويا تہ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

سکر آباد ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل ڦر جي واردات

سکر(بيورو رپورٽ) سکر آباد ٿاڻي جي حد ۾ موٽر سائيڪل ڦر جي واردات دوران مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربند جوابدارن جي فائرنگ سبب هڪ شهري سخت زخمي ٿي پيو ذريعن موجب ايئرپورٽ روڊ، آرائين هيڊ برج پل نمبر 6، دادو ڪينال ڀرسان 2 کان 3 نامعلوم هٿياربند جوابدارن خيرپور کان شڪارپور ويندڙ ٻن ڄڻن الله جوايو جتوئي ۽ پرويز سومرو کي روڪي هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ڦر ڪري ورتي واردات دوران مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ الله جوايو جتوئي سخت زخمي ٿي پيو جڏهن تہ جوابدار واردات کان پوءِ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي کي فوري طور طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي کان پوءِ شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن تہ علائقي واسين پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريندي علائقي ۾ وڌندڙ چوري، ڦر ۽ موٽر سائيڪل ڦر جي وارداتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي شهرين اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي: عبدالقيوم سومرو

والدين ۽ سول سوسائٽي کي گهرجي تہ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

ٻارڙن کي سرڪاري تعليمي ادارن اندر داخل ڪرائين تہ جيئن ٻارن کي ترت داخلا ملي سگهي

شهدادڪوٽ تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر ميل عبدالقيوم سومرو صحافين سان ڳالهائيندي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر (ٽي اي او) ميل سيڪنڊري عبدالقيوم سومرو چيو آهي تہ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي محڪمي تعليم کي عام ڪرڻ ۽ هر ٻار کي اسڪول ۾ آڻڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا ويا آهن بغير ڪنهن مت ڀيد جي ٻارڙن کي معياري تعليم ڏيارڻ لاءِ گريڊ ۽ اهل استادن جي مقرري تعليمي ادارن اندر درپيش سهولتن جي فراهمي کي يقيني بنائڻ لاءِ اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ سميت ٻارڙن کي مفت داخلا ۽ مفت درسي ڪتاب پڻ ڏنا پيا وڃن تنهنڪري والدين ۽ سول سوسائٽي کي گهرجي تہ ٻارڙن کي سرڪاري تعليمي ادارن اندر داخل ڪرائين تہ جيئن ٻارن کي ترت داخلا ملي سگهي ۽ ٻارڙا تعليم جي زيور سان سينگارجن سول سوسائٽي جي نمائندن سان ڳالهائيندي ٽي اي او ميل سيڪنڊري عبدالقيوم سومرو وڌيڪ چيو تہ صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهہ ۽ ڊي اي او تعليم سيد امتياز شاهہ سميت تعليم کاتي جي مڙني واسطيدار گهٽگهرن والدين سميت سول سوسائٽي کي اپيل ڪئي آهي تہ ٻارن کي سرڪاري تعليمي ادارن اندر داخل ڪرائي پنهنجو قومي فرض ادا ڪن هن چيو تہ سرڪاري تعليمي ادارن کي رڪارڊ بجيٽ جاري ڪري ادارن جون بنيادي ضرورتون توڙي مسئلا حل ڪرايا پيا وڃن

رونتي ڪچي ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پرائمري اسڪول جو افتتاح

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد اسڪول جو افتتاح ڪري ٻوٽا پوکيا

گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي ۾ نوان پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن: ڊي سي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي ٻيلي کاتي سوشل فاريسٽري ڊويزن گهوٽڪي پاران رونتي ڪچي جي علائقي ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پرائمري اسڪول جي افتتاح جي موقعي تي وڻڪاري مهم منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد، ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر اوٻاڙو سيده عشرت زهرا اسڪول جي احاطي ۾ ٻوٽا پوکيا. ضلعي گهوٽڪي جي ڪچي واري علائقي ۾ ڳوٺ الله بخش گهنيون ۽ ڳوٺ دوست محمد شر ۾ بہ نوان پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن جتي تقريبن 225 ٻار هاڻي پنهنجي ڳوٺن جي ويجهو تعليم حاصل ڪري رهيا آهن اسڪولن جو قيام علائقي ۾ امن تعليم ۽ سماجي ترقي طرف اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو ان موقعي تي ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سوشل فاريسٽري ڊويزن گهوٽڪي سيد عامر حسين شاهہ پاران وڻڪاري جي اهميت ۽ وڻن جي افاديت بابت آگاهي فراهم ڪئي وئي هن چيو تہ وڻ صاف ۽ صحتمند ماحول جي ضمانت آهن ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ فضائي آلودگي تي ضابطو آڻڻ زمين جي کٽائي روڪڻ گرمي پد ۾ گهٽتائي ڇانءُ فراهم ڪرڻ ۽ حياتياتي تنوع جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. سيد عامر حسين شاهہ چيو تہ ڪچي وارن علائقن ۾ امن کان پوءِ تعليم ۽ تعليم سان گڏ ماحولياتي بحالي تي ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي نوان قائم ڪيل اسڪولن کي صرف تعليم جي مرڪزن تائين محدود نہ رکڻ گهرجي پر انهن کي ٻارن ۾ ماحولياتي شعور اجاگر ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻائڻ گهرجي هن چيو تہ اسڪولن ڳوٺن عوامي هنڌن ۽ ٻين مناسب زمينن تي وڌ کان وڌ ٻوٽا پوکڻ سان گڏ انهن جي حفاظت ۽ سار سنڀال پڻ ضروري آهي جيڪڏهن شاگرد، استاد ۽ مقامي برادري وڻڪاري مهم ۾ فعال ڪردار ادا ڪن تہ ڪچي وارن علائقن کي سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ سان گڏ ايندڙ نسلن لاءِ بهتر ماحول پڻ يقيني بڻائي سگهجي ٿو تقريب ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو تہ رونتي ڪچي سميت ضلعي گهوٽڪي جي مختلف علائقن ۾ وڻڪاري جون سرگرميون وڌيڪ وڌايون وينديون ان موقعي تي "هڪ ٻار هڪ وڻ هڪ سرسبز ڪچو" جو پيغام ڏيندي عوام کي اپيل ڪئي وئي تہ هو وڌ کان وڌ وڻ لڳائين ۽ انهن جي حفاظت کي پڻ يقيني بڻائين

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءُ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 30 آگسٽ 2026ع

'فيلڊ مارشل عاصم منير جو پي او ايف واهه جو دورو'

ملڪي دفاعي صلاحيتن کي جديد دور جي ضرورتن سان هم آهنگ بڻائڻ ۽ دفاعي پيداوار ۾ خودانحصاري حاصل ڪرڻ ملڪ جي قومي سلامتيءَ لاءِ انتهائي اهم ضرورت بڻجي چڪو آهي. پاڪ فوج جي ترجمان اداري (آءِ ايس پي آر) موجب چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو پاڪستان آرڊيننس فيڪٽريز (پي او ايف) واهه جو دورو ڪيو جتي فيلڊ مارشل کي پاڪستان آرڊيننس فيڪٽريز (پي او ايف) جي مختلف شعبن، آپريشنز ۽ مقامي سطح تي جديد عسڪري ساز ۽ سامان جي تياري بابت بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته هن مقامي طور ڊزائين ۽ تيار ڪيل هٿيارن ۽ گولا بارود جي ٽيسٽ ۽ ٽرائلز جو پڻ مشاهدو ڪيو. پاڪستان آرڊيننس فيڪٽريز واهه ملڪ جو سڀ کان وڏو دفاعي صنعتي ڪمپليڪس آهي، جنهن جو ڪردار هٿيارن ۽ گولا بارود جي فراهميءَ تائين محدود ناهي پر ملڪ جي دفاعي خودمختياري ۽ صنعتي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ سان پڻ واڳيل آهي. موجوده دور ۾ جنگ جي نوعيت تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. جديد ٽيڪنالاجي، ڊرون، نشانو ڪندڙ هٿيار، اليڪٽرانڪ نظام ۽ جديد گولا بارود دفاعي حڪمت عمليءَ جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي.

دفاعي خودمختياريءَ جو مطلب صرف اهو ناهي ته ملڪ پنهنجا هٿيار پاڻ تيار ڪري پر ان جو وسيع مفهوم مقامي صنعت، انجنيئرنگ، تحقيق، ٽيڪنالاجي ۽ ماهر انساني وسيلن جي ترقيءَ سان پڻ لاڳاپيل آهي. جڏهن دفاعي صنعت مقامي بنيادن تي مضبوط ٿيندي ته ان جا اثر ملڪ جي سول صنعتن ۽ معيشت تي به پوندا. جديد مشينري، انجنيئرنگ مهارتن ۽ تحقيق ۾ ٿيندڙ واڌ ٻين صنعتي شعبن جي ترقيءَ لاءِ پڻ رستا هموار ڪري سگهي ٿي. پي او ايف جي پيداواري صلاحيت وڌائڻ ۽ برآمدات جي امڪانن تي غور پڻ انتهائي اهم پهلو آهي. پاڪستان کي پنهنجي دفاعي صنعت کي اهڙي سطح تي وٺي وڃڻو پوندو جتي مقامي ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏ عالمي مارڪيٽ ۾ به مقابلي جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي. دفاعي شين جي برآمدات ملڪ لاءِ قيمتي پرڏيهي ناڻو حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي پر ان لاءِ پيداوار جي معيار، جديد ٽيڪنالاجي، عالمي معيارن ۽ موثر مارڪيٽنگ تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري هوندو. ٻن نون صنعتي پلانٽن جي تنصيب ۽ هلندڙ سال جي پڄاڻيءَ تائين پيداوار شروع ٿيڻ جي امڪان کي پڻ مثبت اڳڀرائي قرار ڏئي سگهجي ٿو البته رڳو نوان ڪارخانا قائم ڪرڻ ڪافي نه هوندو. انهن منصوبن جي ڪاميابي ان ڳالهه سان هوندي ته اتي جديد تحقيق، ٽيڪنالاجي جي منتقلي، مقامي انجنيئرن ۽ ماهرن جي تربيت ۽ ڊگهي مدي واري منصوبابندي کي ڪيتري اهميت ڏني وڃي ٿي.

فيلڊ مارشل عاصم منير جو پي او ايف واهه جو دورو ان عزم جي اظهار طور ڏسي سگهجي ٿو ته پاڪستان دفاعي شعبي ۾ مقامي پيداوار ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ چاهي ٿو پر هن عزم کي عملي ڪاميابيءَ ۾ بدلائڻ لاءِ پاليسين ۾ تسلسل، تحقيق ۾ سيڙپڪاري، جديد ٽيڪنالاجيءَ تائين رسائي ۽ ماهر انساني وسيلن جي تياري ضروري آهي. دنيا جي بدلجندڙ دفاعي ۽ جيوپوليٽيڪل حالتن ۾ مضبوط دفاع رڳو وڏي هٿياربنديءَ سان نه پر سائنسي صلاحيت، جديد ٽيڪنالاجي، مضبوط معيشت ۽ جديد صنعتي بنيادن سان قائم ٿيندو آهي. پي او ايف واهه جهڙا ادارا ملڪ جي قومي سفر ۾ اهم حيثيت رکن ٿا، جن کي وڌيڪ جديد، موثر ۽ عالمي مقابلي جي قابل بڻائڻ پاڪستان جي ڊگهي مدي واري قومي سلامتيءَ ۽ اقتصادي مفادن ٻنهي لاءِ اٽل آهي.

لطيفي لات ـــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَسَرَ چَڏِ ڪَنوَاڻَ، وِڳُون وِڄُهه وَڏَنڊِيُون،
سَنئين سُپيرِيَنِ جِي، وَنڱِي پَاڻ ءَ مَ وَاٽَ،
چَڏِ جَهورِي ڏِي جَهاٽَ، تَ هُونديَ رَاتِ هَٿِ مِڙُون.....

سڄڻن جي ملڻ جي سِڪ ۽ ان سان ملڻ جي اندر منجهه اڻ تڻ، تانگهه اهڙي ٿئي ٿي جو ماڻهو پنهنجي وس ڪان، پهچ کان ٻاهر نڪري پوندو آهي، هُن جو هيئنئُو هر وقت ۽ بنا دير ڪرڻ جي پرين جي ملڻ جا وجهه پيو وجهندو ڪنهن جون هيٺاهيون پيو وٺندو، ڪنهن جا اپلاءَ پيو ڪندو. تڏهن لطيف سائين به اسان جي دلين جي اهڙي تڙ تڪڙ اڻ تڻ جي ۽ هڪ ويرم، هڪ پلڪ جي دير ۽ ڪوتاهي نه ڪرڻ جي ترجماني ڪئي آهي. جيئن وڏي عمر وارا ننڍي نيٽي ڇوڪري جي همٿ وڌائڻ ۽ هن کي هشي ڏيڻ لاءِ اڪثر ڪيس چوندا آهن ته جوان مڙس آهين، جهاٽڪو يعني هڪ ٿي سٽ سان ڪم ختم ڪري نٿو وٺين، تيئن لطيف سائين به اُٽ کي ڪنواٽ جتي ڪيس همٿائي ٿو، ڪنواٽ لڳو پيو آهين، سڄڻ ڏانهن ويندڙ رستو به صاف ۽ سنئون سڌو اٿئي، ڪو ور وڪڙ يا ڪڍ ڪوبه ناهيس ته پوءِ آرس ڇڏ ۽ جهاٽڪو ڏي، يعني پنڌ نبرڻ جي خبر ئي نه پئي ۽ بنا ڪنهن دير ڪرڻ جي، بنا وقت وڃائڻ يا ضايع ڪرڻ جي پرين وٽ هلي پهچون، انهن سان ميڙو ملاقات ڪيون ۽ هن ماندي من کي ڪا خوشيءَ جي گهڙي نصيب ٿئي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سنڌ ۾ پراڻيون ٽرينون ڪڏهن بحال ٿينديون؟

غلام حسين لغاري

جون ٿا ته 15 سيپٽمبر کان هڪ ريل گاڏي (موهن جو دڙو ايڪسپريس) روهڙيءَ کان ڪوٽڙي وايا لاڙڪاڻو دادو هلڻ لڳندي. دادوءَ کي جنڪشن سڏيو پيو وڃي پر حقيقت ائين ناهي. دادو جنڪشن نه پر هن لائين جي هڪ انتهائي مک وڏي ريلوي اسٽيشن آهي. البته وقت جي صدر محمد ايوب خان جي دور ۾ ريلوي کاتي پاران هڪ منصوبو جوڙيو ويو هو، جنهن تحت دادو کي مورو وسيلي نوابشاهه تائين ملائڻ خاطر نئين لائين وجهڻ جي سروي به ٿي هئي، جنهن بعد دادو کي جنڪشن جو درجو ملي ها. هن وقت به ملي سگهي ٿو پر ان لاءِ اهو شرط آهي ته وفاق ۾ ويٺل سنڌ جي قيادت سچائي ڏيکاري. دادو نوابشاهه ميرپورخاص عمرڪوٽ تائين ماڻهن ۽ واپار جي پهچ ٿي سگهي ٿي، جنهن سان سنڌ جي اندرين علائقن ۾ ڪاروبار وڌي سگهي ٿو، ماڻهن جا هڪٻئي سان رابطا وڌي سگهن ٿا. پر اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري ناممڪن آهي جو سالن کان سنڌ اندر هلندڙ ريل گاڏيون بند پيل آهن، پٽڙيون اکڙجي چڪيون آهن، اسٽيشنن جون عمارتون ڀڃ ڊاهه ۽ پُٺجي چڪيون آهن جنهن لاءِ هن وقت تائين سنڌ مان چونڊيل نمائندي قومي اسيمبلي، سنڌ اسيمبلي يا سينيٽ ۾ مامري کي ناهي اٿاريو.

سنڌ کي هن وقت تائين جيڪو به ريلوي نظام مليو آهي، اهو برطانوي حڪومت جو آهي، جنهن کي اسان هٿائڻ لاءِ جنگيون وڙهيون هيون. انگريزن ڪراچي کان ڪوئيٽا تائين به ريلوي نظام ڏنو هو ڪوئيٽا ۽ روهڙي کان هن لائين تي روزانو پنج ميل ايڪسپريس ۽ مسافر گاڏيون هلنديون هيون. انهيءَ دور ۾ سختي به ايتري هوندي هئي جو مجال آهي ڪو ماڻهو بنا ٽڪيٽ سفر ڪري. روهڙي دادو ڪوٽڙي لائين جو ذڪر گهڻو هلي رهيو آهي. ان بابت وڌيڪ ٻڌائجي ته هن لائين تي ڪوٽڙي لاڙڪاڻو حبيب ڪوٽ ۽ روهڙي جنڪشن اسٽيشنون آهن. روهڙي کان ڪوٽڙي تائين سکر لاڙڪاڻو دادو ڄامشورو ۽ ڪوٽڙي وڏيون مک اسٽيشنون آهن. جڏهن ته نئون ديرو -ڏوڪري راڌڻ-سيتا پان سيدآباد-سيوهڻ آمري-سن مانجهند-ڀڏاپور-پيٽارو هئي نمبر تي اهميت واريون اسٽيشنون سڏبيون هيون. جڏهن ڪوئلي واريون ڪاريون انجڻيون هونديون هيون ته حبيب ڪوٽ لاڙڪاڻي دادو آمري ۽ ڀڏاپور تي انجڻيون شنٽنگ ڪنديون هيون ۽ مسافر ڊٻن جي ليٽرنز ۾ پاڻي پريو هو. اتي گاڏين جو اسٽاپ 15 منٽن کان اڌ ڪلاڪ هوندو هو. جيڪو ڊيزل انجڻين بعد گهٽجي پنجن کان 15 منٽ تي چڪو آهي. جڏهن روزانو ڇهه گاڏيون اپ ڊائون هلنديون هيون. تڏهن هن لائين جي اسٽيشنن تي جهجهٽو هوندو هو. ماڻهو تفريح خاطر پليٽ فارم گهمڻ ۽ گاڏيون ڏسڻ ايندا هئا. لاڙڪاڻي ۽ دادو اسٽيشنن تي اسٽالن کان علاوه الڳ جديد وي آءِ پي کاڌن لاءِ ريسٽورينٽس به هونديون هيون، جيڪي 24 ڪلاڪ کليل رهنديون هيون. شهري اتي کاڌو کائڻ ۽ چانهن پيئڻ به ايندا هئا. هنن اسٽيشنن تان واپاري سامان ۽ چوپايو مال ڪراچي ۽ ٻين شهرن تائين پهچايو ويندو هو. جنهن لاءِ الڳ پليٽ فارم ۽ مال گاڏا هر وقت موجود رهندا هئا. مال گاڏيون ته الڳ هلنديون هيون پر مال گاڏا پئسينجر ٽرينن ۾ پويان لڳايا ويندا هئا. اسٽالن ۽ ٽرين اندر گهورڙين سبب بيروزگار نوجوانن جو روزگار به ٿيندو هو. ريلوي کاتو هر سال سياري جو تفريحي گاڏو آڻي هر ننڍين اسٽيشن تي مفت فلمون ڏيکاريندو هو. وزير، مشير ۽ آفيسر جن جون ريلوي سيلونون هونديون هيون، دادو اسٽيشن تي بيهنديون هيون لهندا هئا ۽ ان ۾ ئي آرام ڪندا هئا. دادو ريلوي اسٽيشن تي الڳ ريلوي ورڪشاپ هوندي هئي، جتي انجڻين جي سار سنڀال، مرمت، تيل پرڻ ۽ ڪوئلو وجهڻ سان گڏ ڊرائيورن ٽوڙي مسترين جي تربيت ٿيندي هئي، جتي صوبن جا زائرين ريل رستي سستو ۽ محفوظ سفر ڪري سيوهڻ زيارت تي ۽ ڏوڪري موهن جو دڙو گهمڻ ايندا هئا. هن اسٽيشن تي ٻاهرين سياحن خاص ڪري انگريزن جون سيلون به هونديون هيون، جيڪي هن اسٽيشن تي بيهنديون هيون.

بهرحال موهن جو دڙو ريل گاڏيءَ جي بحاليءَ جو سهرو ڪنهن جي پلي ڪير به دعويٰ ڪري پر هن پويان سيتا شهر جي 'سيتا سرجهٽار فورم' جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو وڏو هٿ آهي. هڪ گاڏيءَ کي هلائڻ سان ڪو به فائدو ناهي. هن لائين تي ماضيءَ ۾ هلندڙ سموريون گاڏيون بحال ڪيون وڃن. ممڪن ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جون پراڻيون تاريخي لائينون ۽ گاڏيون به بحال ڪيون وڃن ته جيئن سنڌ جا ڳوٺ ۽ شهر پاڻ ۾ ڳنڍجي سگهن.

آزاد ڪشمير: اختلاف ۽ چئلينج

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

آزاد جمون ۽ ڪشمير مان آيل تازين خبرن موجب، چونڊن ۾ کٽيندڙ جماعت مسلم ليگ (ن) وزيراعظم جي عهدي لاءِ بيرسٽر افتخار گيلاني کي چونڊيو آهي جڏهن ته ان کان اڳ خبرون هلي رهيون هيون ته شاهه غلام قادر کي وزيراعظم بڻايو ويندو جنهن اجلاس ۾ بيرسٽر افتخار گيلاني کي وزيراعظم لاءِ چونڊڻ جو فيصلو ڪيو ويو، ان اجلاس جي صدارت پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ڪئي ان اجلاس ۾ آزاد ڪشمير جو اڳوڻو وزيراعظم راجا فاروق حيدر ۽ شاهه غلام قادر به موجود هئا. خبرن موجب، انهن ٻنهي اڳواڻن پارٽي جي هن فيصلي سان اختلاف ڪيو آهي ان جو مطلب اهو ٿيو ته آزاد ڪشمير ۾ نئين حڪومت ٺهڻ کان اڳ ئي پارٽي اندر اختلاف شروع ٿي ويا آهن موجوده سياسي حالتن کي ڏسندي، اها صورتحال ڪا سٺي نشاني نه آهي ڇو ته اهڙن نازڪ وقتن ۾ ملڪ يا حڪومت لاءِ سڀ کان وڌيڪ ضروري شيءِ سياسي استحڪام ۽ اڳواڻن جو پاڻ ۾ اتفاق هوندو آهي

مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻن چونڊن ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ چيو هو ته جڏهن هو آزاد ڪشمير ۾ حڪومت ٺاهيندا ته سندن سڀ کان پهرين ۽ اهم ترجيح امن امان قائم ڪرڻ هوندي. پر افسوس، اهو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ئي پارٽي جي مٿين قيادت ۾ اختلاف پيدا ٿي ويا آهن. ان ڪري هاڻي اهو مقصد پورو ٿيندو نظر نٿو اچي. خاص طور تي هن وقت صورتحال وڌيڪ حساس آهي، ڇو ته آزاد ڪشمير جي چونڊن جي شفافيت بابت به ڪيترائي سوال اٿاريا پيا وڃن ۽ پيپلز پارٽي جو احتجاج به جاري آهي. پيپلز پارٽي قومي اسيمبلي جي هڪ اجلاس جو بائيڪاٽ ڪري حڪومت جي قانون سازي واري عمل ۾ رڪاوٽ وڌي هئي. ان صورتحال کي ڏسندي اهو به ممڪن آهي ته پيپلز پارٽي آزاد ڪشمير جي نئين وزيراعظم جي چونڊ ۽ سندس قسم کڻڻ واري تقريب جو به بائيڪاٽ ڪري. ٻئي طرف، اها ڳالهه به سڀني جي سامهون آهي ته جيڪڏهن تحريڪ انصاف چونڊن جو بائيڪاٽ نه ڪري ها ته آزاد ڪشمير جي سياسي صورتحال اڄ بلڪل مختلف هجي ها. 2021ع جي گذريل چونڊن ۾ تحريڪ انصاف آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ 32 سيٽون کٽيون هيون. ان وقت مسلم ليگ (ن) جي اسيمبليءَ ۾ تقريباً اها ئي حيثيت هئي، جيڪا اڄ پيپلز پارٽي جي آهي. لڳي ٿو ته مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي خاص ڪري گذريل پنجن سالن جي سياست مان ڪو سبق نه سکيو آهي. ڇو ته 2021ع ۾ تحريڪ انصاف کي اسيمبليءَ ۾ ٻه ٽهائي اڪثريت حاصل هئي، پر پوءِ پارٽي اندروني اختلافن جو شڪار ٿي وئي ۽ آخرڪار اقتدار کان محروم ٿي وئي.

وزيراعظم جي عهدي لاءِ افتخار گيلاني جو نالو چونڊڻ ڪانپوءِ به اڃا ڪيترائي مرحلا باقي آهن سڀ کان پهريان افتخار گيلاني کي اسيمبلي جي ميمبرن مان اڪثريت جا ووٽ حاصل ڪرڻا پوندا. ان ڪانپوءِ نئين حڪومت جي ڪابينا ٺاهڻ جو مرحلو ايندو. انهن سڀني مرحلن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ ۽ ميمبر پاڻ ۾ اتحاد ۽ اتفاق رکن پر ان کان به وڌيڪ ضروري ڳالهه اها آهي ته پارٽي کي پنهنجي سوچ ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ جي ضرورت آهي. اُن جو سبب اهو آهي ته تازو وقت ۾ ملڪ اندر سياسي حالتون ۽ ملڪ کان ٻاهر علمي سياسي حالتون (جيوپوليٽيڪل حالتون) ڪافي تبديل ٿيون آهن انهن تبديلين جو اثر هن خطي جي ٻين قومن سان گڏ ڪشميرين جي سوچ ۽ خيالن تي به گهرو پيو آهي پاڪستان جون سياسي پارٽيون، خاص طور تي مسلم ليگ (ن)، جيڪا نسل ۽ خانداني لاڳاپي جي بنياد تي ڪشميرين سان وڌيڪ ويجهڙائيءَ جي دعويٰ ڪري ٿي، جيڪڏهن انهن تبديل ٿيل حالتن کي جلدي سمجهي وٺن ۽ ان مطابق پنهنجي پاليسي ۽ رويي ۾ مناسب تبديليون آڻين ته اهو انهن جي پنهنجي فائدي ۾ بهتر هوندو.

سڀ کان پهريان اسان کي اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته آزاد ڪشمير جون اندروني حالتون هن وقت عام ۽ نيڪ نه آهن وفاقي حڪومت ۽ آزاد ڪشمير جي سياسي اڳواڻن کي اميد هئي ته چونڊن ڪانپوءِ حالتون بهتر ۽ معمول تي اچي وينديون. پر ائين نه ٿيو ملڪ جي هڪ وڏي سياسي جماعت چونڊن ۾ حصو ئي نه ورتو. جڏهن ته ٻي وڏي جماعت چونڊن جا نتيجا مڃڻ لاءِ تيار ناهي، ڇو ته اُن جو الزام آهي ته چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ٿي آهي ان کان علاوه، چونڊن ۾ تمام گهٽ ماڻهن جو ووٽ ڏيڻ به اهو ڏيکاري ٿو ته عوام چونڊ مهم ۽ سياسي عمل ۾ گهڻي دلچسپي نه ورتي. حڪومت طرفان جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي تي پابندي اڃا به جاري آهي ۽ ان جي اڳواڻن ۽ احتجاج ڪندڙ ماڻهن کي غدار ۽ ڪنهن جا ايجنٽ قرار ڏنو پيو وڃي اهڙين حالتن ۾ امن استحڪام ۽ حڪومت سان عوام جي سهڪار وارو ماحول ڪيئن ٺهي سگهي ٿو؟ بهرحال اها ڳالهه واضح آهي ته آزاد ڪشمير جا ماڻهو پنهنجي ملڪ سان وفادار ۽ پاڪستان سان محبت ڪندڙ آهن اهي صرف پنهنجن بنيادي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا ۽ بدلجندڙ حالتن کي ڏسندي چاهين ٿا ته رياست جي انتظامي ۽ سياسي نظام ۾ ضروري تبديليون آنديون وڃن انهن حالتن ۾ موجوده ڊيڊ لاڪ ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت کي پاڻ اڳتي وڌي قدم کڻڻ گهرجي غير سياسي ۽ غيرجانبدار ماڻهن جي وڏي راءِ اها آهي ته حڪومت طرفان ايڪشن ڪميٽي جو احتجاج ختم ڪرائڻ لاءِ ضرورت کان وڌيڪ طاقت استعمال ڪئي وئي. ٻئي طرفان به تشدد وارو رد عمل سامهون آيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جون قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيون. هاڻي هن تشدد واري سلسلي کي فوري طور روڪڻ تمام ضروري آهي نئين چونڊيل حڪومت ۽ وفاقي حڪومت پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ قدم کڻي سگهن ٿيون آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺوڙ به هڪ بيان ۾ چيو آهي ته نئين حڪومت لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج ايڪشن ڪميٽي سان ڳالهين ذريعي معاملا طئي ڪرڻ ۽ امن امان جي صورتحال ٻيهر بحال ڪرڻ آهي جيتوڻيڪ نئين حڪومت کي ٻيا به ڪيترائي مسئلا درپيش آهن پر فيصل راٺوڙ جي هن ڳالهه کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ڇو ته حڪومت ۽ احتجاج ڪندڙن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب عام ماڻهن کي جيڪي تڪليفون ۽ مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. انهن تي ملڪ اندر ۽ ٻاهر به ڳڻتي جو اظهار ڪيو پيو وڃي تازو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جڏهن انگلينڊ جي دوري تي ويو ته اتي رهندڙ پاڪستاني نسل سان تعلق رکندڙ برطانوي پارليامينٽ جي ڪجهه ميمبرن ساڻس ملاقات ڪئي ۽ آزاد ڪشمير جي صورتحال بابت پنهنجا خدشا ۽ ڳڻتيون ٻڌايون برطانيا ۾ لڳ ڀڳ 10 لک پاڪستاني نسل جا ماڻهو رهن ٿا، جن مان وڏي تعداد جو تعلق آزاد ڪشمير سان آهي. نائب وزيراعظم اسحاق ڊار انهن پاڪستاني نسل وارن برطانوي پارليامينٽ جي ميمبرن کي يقين ڏياريو ته هو آزاد ڪشمير جي حڪومت، وفاقي حڪومت، ٻين سياسي پارٽين ۽ سمورن لاڳاپيل ڌرين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، رياست جي انتظامي ۽ سياسي نظام ۾ ضروري تبديلين بابت اتفاقِ راءِ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو اسحاق ڊار کي اهو ڪم دير ڪرڻ کانسواءِ فوري طور شروع ڪرڻ گهرجي جيئن آزاد ڪشمير ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۽ بحران جو سلسلو ختم ٿي سگهي

اردو ڳالهائيندڙ صحافين لاءِ سنڌيءَ جا ڪلاس: هڪ بهترين قدم!

اعجاز ممنائي

ٻوليءَ ئي ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ هوندي آهي. جڏهن صحافي پنهنجي علائقي جي ٻولي ڄاڻي ته خبرن ۾ به سچائي ۽ اپنائيت اچي ويندي آهي. انهيءَ سوچ سان ڪراچي پريس ڪلب جي انتظاميا هڪ وڏو ۽ مثبت قدم کنيو آهي. هاڻي ڪراچي پريس ڪلب ۾ اردو ڳالهائيندڙ صحافين لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جا باقاعده ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن. هن قدم جو مقصد نه رڳو ٻولي سکڻ آهي پر ان سان گڏ پنهنجي ديس جي ماڻهن سان ويجهڙائپ رکي انهن جي مڙني معاملن کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ به آهي. هونءَ به جنهن ديس ۾ رهبو آهي، ان جي ٻولي ۽ ثقافت کي اپنائڻ فرض ۾ شامل هجي ٿو. ماضيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته انگريز جڏهن به پنهنجو نمائندو ڪنهن علائقي تي موڪليندا هئا ته پهرين ان کي علائقي جي ٻولي سيکاريندا هئا ۽ ان متعلق ان جو امتحان وٺندا هئا. اهو سڀ ان ڪري ڪندا هئا ته جيئن اهو مسئلا ٻڌي انهن جو حل ڳولي سگهي.

ڪراچي سنڌ جي دل آهي ۽ هتي مختلف ٻولين جا ماڻهو گڏ رهن ٿا. پر ميڊيا ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اردو ڳالهائيندڙ صحافين کي سنڌي ٻولي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي. جنهنڪري سنڌ جي مختلف ضلعن جون خبرون، مسئلا ۽ ثقافت صحيح نموني قومي ميڊيا تائين نه پهچائي سگهندا آهن. هن ڪلاس جو مقصد اهو آهي ته اردو ڳالهائيندڙ صحافي بنيادي سنڌي ٻولي سکي، سنڌ جي ماڻهن کان سنڌي ٻوليءَ ۾ انٽرويو وٺي سگهن، سنڌيءَ ۾ رپورٽون لکي سگهن ۽ سنڌ جي ماڻهن سان سنئون رابطو ڪري سگهن. ڇو ته ٻولي ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ، تاريخ ۽ ثقافت جو آئينو هوندي آهي. سنڌي ٻولي به سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جي سڃاڻپ آهي. اها دنيا جي قديم ۽ مٺي ٻولين مان هڪ آهي، جنهن ۾ صوفي شاعري، ادب، تاريخ ۽ رواداري جي خوشبو شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي هزارين سال پراڻي آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب کان وٺي اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ علم، ادب ۽ حڪمت محفوظ آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي ۽ ٻين صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام ذريعا سنڌي ٻوليءَ کي عالمي سطح تي سڃاڻپ ڏني. اجرڪ، ٽوپي، موسيقي، لوڪ ڪهاڻيون ۽ رسم رواج سڀ سنڌي ٻوليءَ سان واڳيل آهن. جڏهن اسين سنڌي ڳالهايون ٿا ته اسان پنهنجي وڏن جي ورثي کي زنده رکون ٿا. مادري ٻوليءَ ۾ تعليم جلدي سمجهه ۾ ايندي آهي. هڪ سنڌي ٻار جڏهن سنڌيءَ ۾ پڙهندو آهي ته سندس سوچڻ جي صلاحيت بهتر ٿيندي آهي. سنڌيءَ ۾ سائنس، ادب، تاريخ ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ڪتاب لکڻ سان نئين نسل کي پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ٿيندو آهي. 1947ع کان 2026ع، يعني 79 سالن جي عرصي تائين سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو سنڌي ٻولي نه سکي سگهيا آهن ته ان ۾ قصور ڪنهن ٻئي جو نه پر پنهنجوئي آهي. هتي سنڌي ڳالهائيندڙ، اردو ڳالهائيندڙ ۽ ٻين ٻولين جا ماڻهو گڏ رهن ٿا. جيڪڏهن اسين سنڌي ٻولي سکنداسين ته هڪ ٻئي جي دلين تائين پهچنداسين. بهرحال ڪراچي پريس ڪلب ۾ سنڌي جا ڪلاس به انهيءَ پائيچاري لاءِ هڪ بهترين قدم آهي. سنڌي ٻولي تصوف جي ٻولي آهي. شاهه جي رسالي جي هر بيت ۾ انسان دوستي، محبت ۽ رواداري جو پيغام آهي. اها ٻولي نفرت جي بدران پيار سيکاري ٿي.

اڄ سوشل ميڊيا ۽ انگريزيءَ جي دور ۾ اسان جي ٻوليءَ کي خطرو آهي. پر جيڪڏهن اسين گهرن ۾، اسڪولن ۾ ۽ ميڊيا ۾ سنڌي استعمال ڪنداسين ته اها ٻولي وڌيڪ ترقي ڪندي. حڪومت، استادن ۽ والدين جي ذميواري آهي ته اهي نئين نسل کي سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ سيکارين. ڇو ته سنڌي ٻولي رڳو ڳالهائڻ جو وسيلو ناهي پر اها اسان جي ماءُ (ڌرتيءَ) جي ٻولي آهي. ماءُ کي وسارڻ جو مطلب پنهنجي بنياد کي وسارڻ آهي. تنهنڪري اسان سڀني تي فرض آهي ته اسين سنڌي ٻوليءَ کي بچايون، سڌاريون ۽ نئين نسل تائين پهچايون. ڇو ته جيڪا قوم پنهنجي ٻولي وساري ٿي، اها پنهنجو پاڻ وساري ويهي ٿي. ڪراچي پريس ڪلب جي سهڪار سان ماهر استاد هنن ڪلاسن کي هلائي رهيا آهن. هفتي ۾ 3 ڏينهن ڪلاس ٿيندا. جنهن ۾ بنيادي سنڌي گرامر ۽ لفظ روزمره استعمال جا جملا ۽ لفظ شامل آهن. جڏهن ته لکڻ جي مشق ۾ خبر، فيچر ۽ انٽرويو لکڻ جي ٽريننگ پڻ ڏني وڃي ٿي. ان سان گڏ ڳالهائڻ جي مشق ۾ تلفظ، لهجو ۽ انٽرويو ڪرڻ جو طريقو به سيکاريو وڃي ٿو. سنڌي ثقافت ۽ صحافت سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ صحافتي روايتن جو تعارف ڪرائي ٿي. ڪلاس ۾ شرڪت ڪندڙ صحافين جو چوڻ آهي ته اهو قدم وقت جي ضرورت آهي. ان حوالي سان هڪ صحافي ٻڌايو ته 'جڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ ۾ سوال ڪنداسين ته ماڻهو وڌيڪ کُلي ڳالهائيندو ۽ اصل مسئلا سامهون ايندا.' سينيئر صحافي دوستن جو چوڻ آهي ته اهو قدم ٻن قومن جي وچ ۾ فاصلا گهٽائيندو جڏهن اردو ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ صحافي هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهندا ته نفرت جي بدران پائيچارو وڌندو. ان سان گڏ سنڌ جي پوئتي پيل علائقن جا مسئلا به قومي سطح تي بهتر نموني اجاگر ٿي سگهندا. ڪراچي پريس ڪلب جي صدر ۽ سيڪريٽري موجب اسان چاهيون ٿا ته ڪراچيءَ جي ميڊيا باقي سنڌ جو آواز به بڻجي. ٻوليءَ جي ديوار ٽوڙڻ سان ئي سچي صحافت ممڪن آهي. ڪراچي پريس ڪلب جو اهو قدم رڳو ٻوليءَ جي سکيا جو ڪلاس ناهي پر اهو اتحاد، سمجهه ۽ سچي صحافت ڏانهن هڪ سفر آهي. اميد آهي ته ٻين ادارن ۾ به هن مثال جي پيروي ڪندي اردو ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين جي فروغ لاءِ ڪم ڪندا، ڇو ته سکڻ جي ڪا به عمر ناهي هوندي.

مائرن جون جهوليون خالي ڪندڙ نظام!

منظور ڪوسو

ڪافي وقت کان اهو ڏٺو ويو آهي ته چونڊن ۾ ڪا به هڪ سياسي پارٽي ايتري اڪثريت حاصل نٿي ڪري سگهي، جو اها اڪيلي سِر عوامي مفادن کي سامهون رکندي هڪ آزاد ۽ خودمختيار حڪومت جوڙي سگهي. 1954ع کان وٺي پاڪستان ۾ حڪومتن جي اچ وڃ ۽ سياسي عدم استحڪام جي تاريخ ڪا نئين ڳالهه ناهي پر جيڪڏهن 1988ع کان حساب شروع ڪجي ته وفاق ۾ ٺهندڙ موجوده حڪومت کي به مخلوط حڪومتن جي اُن سلسلي جي پنجين ڪڙي چئي سگهجي ٿو. مخلوط حڪومت اصولي طور تي جمهوريت جو ڪو عيب ناهي. دنيا جي ڪيترن ئي جمهوريتن ۾ اتحادي حڪومتون ٺهن ٿيون ۽ پنهنجو مدو به ڪاميابيءَ سان پورو ڪن ٿيون. اصل سوال حڪومت جي جوڙجڪ کان وڌيڪ حڪومت جي معيار ۽ طرزِ حڪمراني جو آهي. اسان وٽ جڏهن اتحادي حڪومت ٺهي ٿي ته پوءِ اقتدار جو اَنگ اڪر ئي سڀ کان وڏو مسئلو بڻجي وڃي ٿو. هر اتحادي کي خوش رکڻو آهي، هر ناراض ساٿي کي پرچائڻو آهي، هر مطالبي تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي ۽ هر وقت حڪومت ڪيرائڻ جي خطري کي منهن ڏيڻو آهي. اهڙي ماحول ۾ سياسي بليڪ ميلنگ، بارگيننگ ۽ هارس ٽريڊنگ لاءِ ميدان پاڻمرادو تيار ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ قابليت پوئتي رهجي وڃي ٿي ۽ سياسي ضرورت اڳتي اچي وڃي ٿي. وزارتن جي بندرباني ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا فيصلا به سامهون اچن ٿا، جن تي عام ماڻهو حيران رهجي وڃي ٿو. مثال طور، جيڪڏهن ڪنهن شخص کي وفاق جي صحت جهڙي انتهائي اهم وزارت ڏني وڃي ته فطري طور تي سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر ان عهدي لاءِ سندس ڪهڙي پيشوراڻي، انتظامي يا طبي قابليت کي بنياد بڻايو ويو؟ اسان وٽ هڪ ڪلارڪ يا استاد ڀرتي ڪرڻ لاءِ تعليمي قابليت، ٽيسٽ، انٽرويو ۽ ٻين مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو پر اربين رپين جي بجيٽ واري وزارت جو قلمدان ڪنهن جي حوالي ڪرڻ وقت اهڙي قابليت ۽ اهليت جي جانچ جو نظر نٿي اچي؟ صحت واري وزارت ڪو معمولي کاتو ناهي. هتي ماڻهن جي زندگين جو سوال آهي. اسپتالون، دوائون، طبي سهولتون، ايمرجنسي سروسز، نرسنگ، حفاظتي نظام ۽ صحت جي پاليسي، اهي سڀ معاملا ڪنهن سياسي سوديبازي کان وڌيڪ قابليت ۽ ذميواري جا محتاج آهن. جڏهن وزارتون اهليت بدران اقتدار قائم رکڻ لاءِ ورهايون وڃن ته پوءِ حڪومتي نظام مان ڪارڪردگي جي ڪهڙي اميد رکجي ۽ جڏهن نظام ڪمزور ٿيندو آهي ته ڪرپشن جا دروازا کلندا آهن. انتظامي نااهلي وڌندي آهي ۽ ان جو آخري بار هڪ ڀيري چپ بڻجي عوام مٿان ڪرندو آهي. حڪومت جيڪڏهن عوام جي مسئلن بدران ڏينهن رات پنهنجي حڪومت بچائڻ ۾ مصروف هجي ته پوءِ هوءَ عوام جي مسئلن کان لاتعلق ٿي وڃي ٿي. اتحادين جو رُسڻ، پرچڻ، ناراض ٿيڻ، اتحاد مان الڳ ٿيڻ جون ڌمڪيون، نون صوبن جون فرمائشون، اقتدار ۾ پنهنجي حصي لاءِ مسلسل سوديبازي ۽ ٻئي طرف اسٽيبلشمينٽ جون پنهنجون پاليسيون، اهڙي ماحول ۾ حڪومت جي سڄي توانائي عوامي مسئلن جي حل بدران اقتدار جي انگ اڪرن کي بچائڻ ۾ خرچ ٿيڻ لڳي ٿي، پوءِ انهن حالتن ۾ نتيجو اسان جي سامهون آهي. عوام جا اصل مسئلا، جهڙوڪ مهانگائي، بيروزگاري، صحت، تعليم، امن امان، بجلي، پاڻي ۽ ادارن جي تباهي، سڀ پوئتي رهجي وڃن ٿا. جڏهن ته سياستدانن جي پاڻ ۾ جهيڙا پٽ، هڪ ٻئي خلاف بيان بازي، افواهون ۽ سياسي هل هنگامو ئي خبرن جو مرڪز بڻجي وڃي ٿو. هن سڄي سياسي راند جي قيمت آخرڪار عوام کي ئي ادا ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اها قيمت ايتري وڏي هوندي آهي، جنهن جو ازالو ڪنهن به انڪوائري، معطلي يا تعزيت سان ممڪن نٿو رهي.

اسلام آباد جي پمز اسپتال جي نرسري ۾ پيش آيل باهه جو واقعو اُن جو هڪ انتهائي دردناڪ مثال آهي. پندرهن گلن جهڙا معصوم ٻارڙا سڙي مري ويا. انهن ٻارڙن جون مائرون جيڪي اميدون کڻي اسپتال آيون هيون. انهن دردن ماريل مائرن جي جهولين ۾ جڏهن گلن بدران لاش موٽيا ته ان درد جو ته ڪو حساب ئي ڪونهي. ڪنهن ماءُ کي اِهو ڪيئن سمجهايو ويندو ته سندس ٻار جي موت جي انڪوائري ٿي رهي آهي؟ ڪنهن امڙ جي زخمي دل تي اها ڳالهه ڪيئن مرهم ثابت ٿيندي ته ذميوار آفيسر معطل ڪيو ويو آهي؟ آهي زخم ڀڃن سان نه ڀريا. نه ڪنهن حڪومتي حڪم سان، نه ڪنهن پريس ڪانفرنس سان. رپورٽن موجب وفاقي حڪومت گذريل ٽن سالن دوران پمز کي لڳ ڀڳ 22 ارب رپيا بجيٽ جاري ڪئي. گذريل سال 6 ارب 84 ڪروڙ رپيا ڏنا ويا. جڏهن ته اسپتال انتظاميه پاران 7 ارب 51 ڪروڙ رپيا خرچ ڪرڻ جو انگ سامهون آيو. هلندڙ سال لاءِ به 7 ارب 63 ڪروڙ رپيا بجيٽ رکيل آهي. سوال اهو آهي ته جڏهن اسپتال کي اربين رپيا ملن ٿا ته پوءِ نرسري جو خراب ايئرڪنڊيشننگ نظام درست ڇو نه ٿي سگهيو؟ ايمرجنسي جي صورت ۾ فائر سيفٽي جو مناسب نظام ڇو موجود نه هو؟ ڊيوٽي تي گهربل عملو ڇو موجود نه هو؟ دروازن تي تالا ڇو لڳل هئا؟ ۽ سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها ته باهه وسائڻ لاءِ ايندڙ عملي کي اندر داخل ٿيڻ لاءِ پٽ ٽوڙڻا پيا ۽ تڏهن گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ان سموري صورتحال ۾ هڪ ٻار کي سندس ماسي پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ٻرندڙ نرسري مان ٻاهر ڪڍيو. جنهن جا وار به سڙي ويا. اهو منظر انساني همت جو به مثال آهي ۽ اسان جي انتظامي نااهليءَ تي هڪ وڏو سوال به. هڪ طرف هڪ عورت پنهنجي جان خطري ۾ وجهي هڪ ٻار کي بچائڻ لاءِ باهه ۾ داخل ٿي رهي هئي، ٻئي طرف اِهو سوال پنهنجي جاءِ تي بيٺو آهي ته جنهن اداري وٽ اربين رپين جو بجيٽ، عملو ۽ انتظام موجود هو، اتي اهڙي ايمرجنسي لاءِ تياري ڇو نه هئي؟ حادثو اوچتو ضرور ٿيندو آهي، پر حادثي کان بچاءَ جون تياريون اوچتيون ناهن ٿينديون. باهه اوچتو لڳي سگهي ٿي، پر فائر سيفٽي سسٽم اڳواٽ لڳايو ويندو آهي. ايئرڪنڊيشنر اوچتو خراب ٿي سگهي ٿو، پر ان جي مرمت ۽ سار سنڀال جو نظام اڳواٽ موجود هجڻ گهرجي. ايمرجنسي اوچتو اچي سگهي ٿي، پر ايمرجنسي پلان اڳواٽ تيار هوندو آهي.

سرڪار واقعي ڪانپوءِ سيڪريٽري هيلٿ کي معطل ڪري ڇڏيو ۽ ٽي انڪوائري ڪميٽيون پڻ جوڙيون ويون. يقيناً جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت ثابت ٿئي ٿي ته ان خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. پر سوال اهو آهي ته ڇا هر ڀيري لاش ڳڻڻ ڪانپوءِ ئي نظام جاڳندو؟ ڇا اسان وٽ ادارا ان لاءِ آهن ته حادثي ڪانپوءِ انڪوائري ڪميٽيون ناهيون وڃن. يا ان لاءِ ته حادثو ٿيڻ کان اڳ ان کي روڪڻ جا انتظام ڪيا وڃن؟ اسان جي حڪمرانيءَ جو سڀ کان وڏو الميو شايد اهو ئي آهي ته اسان وٽ احتساب کان وڌيڪ حادثن ڪانپوءِ ردعمل نظر اچي ٿو. جڏهن ڪو واقعو ٿي وڃي ٿو ته پوءِ معطليون ٿين ٿيون، انڪوائريون ٿين ٿيون، اجلاس ٿين ٿا، بيان جاري ٿين ٿا ۽ تعزيتون ڪيون وڃن ٿيون. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ سڀ ڪجهه معمول تي اچي وڃي ٿو پر جيڪي ماڻهو هليا وڃن ٿا، اهي واپس نٿا اچن. جمهوريت يقيناً هڪ بهترين نظام آهي. پر جمهوريت رڳو ووٽ ڏيڻ، حڪومت ٺاهڻ ۽ وزارتون ورهائڻ جو نالو ناهي. جمهوريت جو اصل روح عوام جي حڪمراني، ادارن جي خودمختياري، احتساب، ميرٽ، شفافيت ۽ عوامي ڀلائي ۾ آهي. جارج برنارڊ شا جمهوريت بابت سخت تنقيد ڪندي چيو هو ته عام ماڻهو ۾ ايتري سياسي سمجهه ناهي جو هُو پنهنجي لاءِ صحيح حڪمران چونڊي سگهي، موجوده حالتن ۾ اِها ڳالهه اسان تي سؤ فيصد صادق اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته اسان اڪثر چونڊن کي پاليسين ۽ ڪارڪردگيءَ بدران شخصيتن، ذاتين، پارٽين، برادرين ۽ نعريبازيءَ جي بنياد تي ڏسندا آهيون. حڪومتون اينديون ۽ وينديون رهنديون. اتحاد ٺهندا ۽ ٽٽندا رهندا، وزارتون ورهائبيون ۽ قلمدان تبديل ٿيندا رهندا پر عوام کي هڪ اهڙي حڪمراني گهرجي، جيڪا سندس زندگي محفوظ ڪري. جنهن ماءُ جو ٻار اسپتال جي نرسري ۾ سڙي مري ويو، ان لاءِ حڪومت ڪهڙي پارٽيءَ جي آهي، ان سان ڪو فرق نٿو پوي. ان لاءِ سوال صرف ايترو آهي: منهنجو ٻار ڇو مري ويو؟ ۽ شايد اسان جي حڪمرانن وٽ هن سوال جو سڀ کان ڏکيو جواب اِهو ئي آهي. ڇو ته ان جو جواب ڪنهن هڪ آفيسر جي معطليءَ ۾ ناهي، ڪنهن هڪ انڪوائري ڪميٽيءَ ۾ ناهي ۽ ڪنهن تعزيتي بيان ۾ ته بلڪل به ناهي. ان جو جواب سڄي حڪومتي نظام، انتظامي نااهلي، سياسي مصلحتن ۽ ميرٽ جي قتل ۾ لِڪل آهي.

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 30 آگسٽ

محمد موسيٰ راز

اڄ مشهور شاعر محمد موسيٰ راز جي جنم جو ڏينهن آهي. نامور محقق ڊاڪٽر ڏرمحمد پٺاڻ مطابق هن جي جنم جي تاريخ 30 آگسٽ 1899ع آهي. هن جي والد جو نالو ميان علي بخش پٽني هو ۽ هو حيدرآباد ۾ ڄائو هو. مشهور شاعر عبدالله خواب حيدرآبادي هن جو ننڍو ڀاءُ هو. هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري سٽي سروي ۽ لينڊ رڪارڊس واري کاتي ۾ منشيءَ طور نوڪري ڪئي. ان بعد تپيداريءَ جو امتحان پاس ڪري 1920ع ۾ سنڌ جي روينيو کاتي ۾ تپيدار مقرر ٿيو اڳتي هلي ڪوآپريٽو سپروائيزر ۽ ڪوآپريٽو انسپيڪٽر طور ذميداريون سنڀالي 1955ع ۾ رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه عرصو ڪوآپريٽو بينڪ لميٽڊ بدين ۾ مئنيجر طور ڪم ڪيائين. هن 1938ع ۾ آيو ويدڪ ۽ يوناني طبيه ڪاليج امرتسر مان حاذق الاطباءَ جو امتحان پاس ڪيو ۽ نوڪريءَ سان گڏ حڪمت پڻ ڪندو هو. هن 19 سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هو هڪ صاحب ديوان شاعر هو. سندس شاعريءَ تي مذهبي، اصلاحي ۽ قومي رنگ نمايان نظر اچي ٿو. هن ڪيترائي شاندار نظم ۽ غزل لکيا. حيدرآباد جي پڪي قلعي بابت لکيل سندس نظم خاص مقبوليت ماڻي

ڊاڪٽر اسلم آزاد

اڄ مشهور سماجي ۽ سياسي ورڪر ۽ ليکڪ ڊاڪٽر اسلم آزاد جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 30 آگسٽ 1965ع ۾ ڄاتي ضلعي سجاول ۾ ڄائو مئٽرڪ تائين پنهنجي جنم واري شهر ڄاتيءَ ۾ پڙهيو. ٻارهين ڪلاس جو امتحان سجاول مان پاس ڪرڻ کان پوءِ ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ڄامشوري مان حاصل ڪيائين. ميڊيڪل جهڙي اهم پيشي سان واسطو رکڻ سان گڏ هن کي سوشل ورڪ، ادب ۽ صحافت سان دلچسپي رهي. هن ڄامشوري مان پندرهن روزه اخبار "آواز" جاري ڪئي، جنهن جو پاڻ چيف ايڊيٽر رهيو. هن جا لکيل ڪالم ۽ مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ ڇپيا. هن پنهنجي ٽرم ڪيترين ئي طبي ڪئمپون پڻ لڳرايون. 1991ع ۾ ٽڙ خواجه کان سجاول ويندي ٽريفڪ حادثي ۾ سندس ڪرنگهي جي هڏي ڀڄي پئي علاج ڪرائڻ باوجود مڪمل صحتيابي نه ماڻي سگهيو. تڪليف جي باوجود به هو مختلف ادبي ڪچهرين ۾ ويل چيئر تي ويهي شرڪت ڪندو رهيو آهي

نواز خان زئونر

هن مشهور قوم پرست اڳواڻ ۽ ناليواري اديب جو جنم 30 آگسٽ 1971ع تي ڳوٺ احمد خان زئونر تعلقي ميرپورٻٺوري ضلعي سجاول ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان ترتيبوار ميرپورٻٺوري ۽ سجاول مان پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي (سنڌي) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران پنهنجي سياسي سرگرمين جي شروعات ڪئي ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي عهديدار رهيو. ان بعد هن جيئي سنڌ متحده محاذ ۽ جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر گروپ) جي سرگرم ڪارڪن ۽ مرڪزي عهديدار طور ڪم ڪيو. قوم پرست سياست ۾ سرگرم هجڻ سبب ڪيترائي ڀيرا ڪيس قيد ۽ بند جون سعوبتون به برداشت ڪرڻيون پيون. سياست سان گڏ هن هڪ بهترين شاعر، نثر نويس ۽ مترجم طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. سندس لکيل غزل، نظم ۽ بيت ادبي حلقن ۾ پسند ڪيا ويا آهن. هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا آهن. انهن ڪتابن ۾ "ڪلهه گڏيو سين ڪاپڙي" (جي ايم سيد بابت مضمون)، "وڃون اتر واءُ" (شاعري)، "قيدي تخت لاهور جو" (جيل جي ڊائري)، "خماريل هوا گلابي ڳليون" (سارونٽيون)، "ڪتيون ڪيٽي قيد ۾ گذريون" (جيل جي ڊائري)، "قومي آزادي" (مضمون)، "رنگ رتو آڪاس" (نثري ٽڪرا)، "لاڙ لهرون سمنڊ" (شاعري)، "ڪو ڪيئن ته ٻوڙي مقتل ٿي" (خاڪا)، "ڏل جو غبار" (ترجمو) ۽ "يارهن منٽ" (ترجمو) شامل آهن

علي رضا ڪٽبر

علي رضا ڪٽبر ٽيليويزن ۽ اسٽيج جو مشهور اداڪار آهي هن 30 آگسٽ 1978ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر ڏوڪريءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن ڏوڪريءَ ۽ لاڙڪاڻي جي تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ بي ايس سي جي سند حاصل ڪئي. هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا اسٽيج ڊرامن کان ڪئي ۽ 1998ع ڌاري پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. ٽيليويزن تي سندس پهريون ڊرامون "پاڻ ئي پاڻ خيال"

مختيار انڙ

هو جيڪو شمشيرالحيدريءَ لکيو هو ان بعد هن ٻين به ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. اڳتي هلي هن نجي ٽيليويزن چينلن جي به ڪيترن ئي ڊراما سيريلس ۾ اداڪاري ڪري مڃتا ماڻي آهي

برکا خوشحالاڻي

برکا خوشحالاڻي هندستان جي مشهور سنڌي ليکڪا آهي اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي هوءَ هڪ شاعره ۽ مترجم طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي هن ايئر انڊيا ۾ مئنيجر طور نوڪري ڪري رٽائرمينٽ ورتي هن ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ۽ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن هن جيڪي ڪتاب سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن تن ۾ ٺاڪر چاولا جي ڪهاڻين جو ڪتاب، هولارام هنس جي لکيل هريش ديبي جي آتم ڪٿا ۽ سنت واڌورام جي زندگيءَ تي لکيل انگريزي ڪتاب شامل آهي ان کان علاوه هن ڪجهه ڪتاب انگريزي ۽ هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيا آهن هوءَ هڪ بهترين شاعره پڻ آهي خاص طور تي ٻارن لاءِ خوبصورت شاعري ڪئي اٿس ٻارن لاءِ لکيل سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

علي محمد خالدي

اڄ مشهور شاعر ۽ قانوندان علي محمد خالديءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو علي محمد لاشاري ولد نهال خان لاشاري هو ۽ هن جو جنم 10 جون 1925ع تي ٺٽي ۾ ٿيو ابتدائي تعليم ٺٽي مان حاصل ڪيائين ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين بي اي، ايل ايل بي ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون به حاصل ڪيائين 1952ع ۾ پهريائين ٺٽي ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪيائين اڳتي هلي ٺٽي ۾ اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر، ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ آخر ۾ سنڌ جو اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. 1942ع ڌاري شاعري شروع ڪيائين هو جميعت شعراءِ سنڌ جو سرگرم ڪارڪن هو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي پر خاص طور تي نظم تي ملڪو حاصل هئس سندس ڪتابن ۾ "نسيم سحر"، "مڪليءَ جا پراسرار داستان" ۽ "خاموش گواهه" شامل آهن سندس شاعريءَ جو مجموعو "ڪليات خالدي" قلمي صورت ۾ موجود آهي هن 30 آگسٽ 1972ع تي دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيو.

اِندر پوجواڻي

اندر پوجواڻي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر هو. ڄڳديش شهدادپوريءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري کان پوءِ اندر پوجواڻي اهو شاعر آهي جنهن شاعريءَ ۾ "تنها" يعني هڪ سٽي ڪوتا جو بنياد وڌو هن سرموڙ شاعر جو پورو نالو اندرديو چيناڻند پوجواڻي هو ۽ سندس جنم 22 مارچ 1918ع تي بلوچستان جي شهر ٻيلي ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي ننڍڙي شهر ٻانتوا ۾ رهائش اختيار ڪيائين انهيءَ شهر ۾ هن هڪ سنڌي هاءِ اسڪول ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنيون پگهار گهٽ هجڻ جي ڪري شام جو گهر ۾ ٻيڙيون ٻڌي پنهنجن ٻچڙن جو پيٽ پاليندو هو سندس شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "پره ڀاڪون ڪڍيون" ۽ "ٻجليون ٿيون برسن" شامل آهن ان کان علاوه نون شاعرن جي سکيا لاءِ هن "علم عروض" تي ڪتاب لکيو هن جي شاعري هندستان جي مختلف علائقن ۾ ڇپجندڙ سنڌي رسالن ۾ به ڇپجندي رهي هن 30 آگسٽ 1992ع تي هن جهان مان موڪلايو.

تاج علي شاهه لڪياري

هن مايه ناز صوفي شاعر جو جنم 1909ع ڌاري تعلقي سڪرنڊ جي ڳوٺ ٻولا شاهه ۾ سيد جاڻن شاهه جي گهر ۾ ٿيو. سندس چئنيءَ جو نالو سيد راشدالدين شاهه هو. هن سنڌيءَ جا فقط چار درجا پڙهيا، ان سان گڏ فارسي ۽ قرآن شريف پڙهيو. شعر و شاعريءَ سان ننڍي هوندي کان ئي شوق هئس، گڏوگڏ صوفي راڳ ۽ موسيقيءَ سان به لڳاءُ هئس. هن 30 آگسٽ 1982ع تي وفات ڪئي، سندس مزار سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ دليل ديري ۾ موجود آهي. هن جو ڪتاب "تحفه تاج قلندري" 1994ع ۾ سندس وفات کان پوءِ ڇپجي پڌرو ٿيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڪنزيومر پروٽيڪشن جج حيدرآباد
ڪمپلينٽ نمبر سال 2026

اسد انور ولد انور علي پٺي ذات پٺي رهاڪو A-244 فيز 1 SUECHS جامشورو .. ڪمپلينٽ..بخلاف .. (1) ميٽرو اليڪٽرڪ معرفت چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر گرائونڊ فلور Caesar's ٽاور سامهون عائشه باواني اڪيڊمي شاهراهه فيصل ڪراچي (2) مجاز ڊيلر ميٽرو اليڪٽرڪ شوروم نمبر 101 ڊاڪٽر لائن بوهري بازار صدر حيدرآباد 03330323669 ..ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ڪمپلينٽ ڪنزيومر ڪمپلين زير قلم سنڌ ڪنزيومر پروٽيڪشن ايڪٽ 2014 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر182 سال 2026

مسمات فرحين ڪنول .. پلينٽف..بخلاف .. شهزاد علي ولد حسن راڄڙ رهاڪو گهر نمبر / پلاٽ نمبر 93 جامشورو شهزاد راڄڙ هائوس سامهون سينڊبرز ڪمپني پيٽارو روڊ جامشورو ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات صائمه .. پلينٽف..بخلاف .. ڪاشف ولد عرس ذات لغاري رهاڪو پاڻ سعيد آباد نزد ڦاٽڪ تعلقو سيوهڻ ضلعو جامشورو ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 119 سال 2026

مسمات رياض بيواهه مرحوم عبدالسلام رهاڪو ڳوٺ غلام علي چانڊيو ديهه 38 داد تعلقو نوابشاهه .. اپليڪينٽ..بخلاف .. جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم7,10,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن (1) آزاد حسين (2) مهر (3) ناويد (4) سبحان جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 45 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 358 سال 2022

مسمات فرزانه ڌيءُ سڪندر زرداري رهاڪو ڳوٺ سائون خان زرداري تعلقو نوابشاهه.. پلينٽف.. بخلاف .. نياز ولد Jateem زرداري رهاڪو ڳوٺ جمال خان زرداري تعلقو دڙو سيل نمبر 03012593374..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم (13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 80سال 2026

شريمتي پوري ڌيءِ پيمجي راڄ سريش عرف سورج هندو بالغ رهاڪو سر نالا نزد سمن ڳوٺ تعلقو ميرپورخاص 03062246259.. پلينٽف..بخلاف .. سريش عرف سورج ولد ميوجي هندوبالغ رهاڪو ڳوٺ کهمن ڪولڙو مائري واڙو ڪوري موري تعلقو ڪوٽ غلام محمد 03000386447 ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن رڪوري ڏاجي آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص
(روبرو جناب محمد اڪمل)
سول اپيل نمبر 37سال 2026

Tiloko S/O Pato رهاڪو ڳوٺ ساگيناڊ شورو تعلقو سنڌڙي..اپليڪينٽ ..بخلاف .. (1) من ولد ساتون (2) راڄو ولد (3) غلام مصطفيٰ (4) الله بچايو (5) غلام محمد سڀ پٽ علي بخش (6) مختيارڪار سنڌڙي (7) ڊي سي ميرپورخاص (8) سيڪريٽري روينيو ڪراچي ..ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي ججمينٽ تاريخ 25-02-2026 ۽ ڊڪري تاريخ 26-02-2026 خلاف جيڪي فرسٽ سينئر سول جج ميرپورخاص پاس ڪئي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج MCAC/II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 241 سال 2026

اياز علي ولد جمن خان زرداري رهاڪو فليٽ نمبر B-37/5 سيڪٽر فلور الرحيم ولاز بائي پاس قاسم آباد حيدرآباد ..اپليڪينٽ..بخلاف .. مسمات زهره حيدر ڌيءَ محمد علي زرداري رهاڪو انعم هوسٽل گلستان سجاد قاسم آباد حيدرآباد ..اپوننٽس (1) عمراهه بيبي ڌيءَ اياز علي زرداري عمر 20 مهينا.. مائنر

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ زير قلم 12-25 تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرجي Custody/ Visitation Rights and Permanent Custody لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سول روين درخواست نمبر 06 سال 2026

(1) غلام نبي ولد الله ڏنو راهو معرفت قانوني وارث (اي) عبدالجبار عرف عبدالغفار (بي) عمران علي (سي) عبدالحميد (ڊي) نويد عرف عبدالخالق (اي) محمد عامر (ايف) مسمات ڪلثوم .. اپليڪينٽ ..بخلاف .. (1) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو حيدرآباد (2) اي سي نيو سعيد آباد (3) مختيارڪار روينيو نيو سعيد آباد (4) مسمات ضميران ڌيءُ غلام محمد راهو (5) مسمات عذرا عرف اروز عرف عزيز خاتون ڌيءِ غلام محمد (6) الله ڏاد ولد غلام محمد راهو (7) مسمات رضيه عرف رضيه بيگم ڌيءِ غلام محمد راهو (8) عبدالحفيظ ولد غلام محمد راهو (9) مسمات سبحان خاتون عرف سبحان خاتون ڌيءِ غلام محمد راهو (10) امداد علي ولد حاجي غلام نبي راهو معرفت قانوني وارث (اي) مسمات روشن(ماءُ) (بي) امتياز علي (پاڻ) (سي) الطاف (ڊي) اعجاز علي (پاڻ) (اي) مسمات فرزانه (ڀيڻ) (ايف) مسمات شبانه (ڀيڻ) (جي) مسمات رضيه (ڀيڻ) (11) عبدالرحيم ولد حاجي غلام نبي راهو رهاڪو ڳوٺ صابو راهو تعلقو ضلعو شهيد بينظير آباد ..اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سول روين درخواست زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 5th سينئر سول جج حيدرآباد
(روبرو جناب عبدالغفار آرائين)
ايف سي سوٽ نمبر 810 سال 2026

زوهيب حسين ولد اختر حسين مسلم بالغ رهاڪو گهر نمبر 17/A يونٽ نمبر 06 لطيف آباد حيدرآباد معرفت اٽارني سيد زبير حسين شاهه ولد اختر حسين رهاڪو رهاڪو گهر نمبر 17/A يونٽ نمبر 06 لطيف آباد حيدرآباد .. اپليڪينٽ..بخلاف .. (1) ميسرز ميمڻ بلڊرز ايسوسيئيٽ اسپونسر پروجيڪٽ ميمڻ سٽي ديهه سري تعلقو قاسم معرفت پروپرائيٽر عبدالغفار دادا رهاڪو گهر نمبر C-10-11 ميمڻ هائوسنگ سوسائٽي قاسم آباد (2)مجيب الرحمن ولد نامعلوم معرفت ڊفينڊنٽس نمبر 1 (3) محمد فريد ولد عبدالغفار رهاڪو A-10-11ميمڻ هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد (4) نعمان ولد نامعلوم (5) ضياء بروهي ولد نامعلوم (6) غلام مصطفيٰ ولد نامعلوم (7) جلال ولد نامعلوم سڀ رهاڪو پلاٽ نمبر 19,20 ميمڻ هائوسنگ اسڪيم قاسم آباد (8) اي سي قاسم آباد (9) مختيارڪار روينيو قاسم آباد (10) سب رجسٽرار قاسم آباد (11) سيڪريٽري روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ،پزيشن ميسني پرافٽ ڊيمجز اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِدرخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

5th سينئر سول جج حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ مظفر حسين ولد غلام حيدر ناهيون پاران درخواست داخل ڪئي وئي آهي ته سندس والد غلام حيدر ولد ديني بخش ناهيون وفات ڪري ويو آهي.مرحوم جي ملڪيت ديهه آبڙي ٽپو ٽنڊو جام، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد، سروي نمبر 344/1 ۾ ٻين جملي ايراضي 15-23 ايڪڙ مان 0-1 گهنٽا آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪرائڻو آهي.ان سلسلي ۾ بن شاهدن (1) نزاڪت حسين ولد محمد صديق ذات ناهيون (2) علي رضا ولد قائم رضا ذات ناهيون پنهنجي بيان ۾ مرحوم جا هيٺيان وارث ظاهر ڪيا آهن:مظفر حسين (پٽ) مدثر حسين (پٽ)،مسمات مرڪ (ڌيءَ)،مسمات روشن آرا (گهرواري)،شاهدن پنهنجي بيان ۾ اهو پڻ ظاهر ڪيو آهي ته مرحوم جا والدين، ڏاڏو ۽ ڏاڏي مرحوم جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا.جيڪڏهن مرحوم جو ڪو ٻيو وارث هجي يا مذڪوره فوتي کاتي بابت ڪنهن به قسم جو اعتراض، دعويٰ يا حق هجي ته اهو شخص هن اشتهار جي اشاعت کان 7 ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پاڻ حاضر ٿي تحريري طور پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي.ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي نالن تي فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتراض قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد رورل

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ طاهر حسين ولد آفتاب احمد ناهيون پاران درخواست داخل ڪئي وئي آهي ته سندس والده مسمات اسماء زوجه پهريان آفتاب احمد، موجوده زوجه ممتاز وفات ڪري وئي آهي.مرحوم جي ملڪيت ديهه آبڙي، ٽپو ٽنڊو جام، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد، سروي نمبر 344/1 ۾ ٻين جملي ايراضي 15-23 ايڪڙ مان 0-1 گهنٽا آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪرائڻو آهي.ان سلسلي ۾ بن شاهدن (1) نزاڪت حسين ولد محمد صديق ذات ناهيون. (2) علي رضا ولد قائم رضا ذات ناهيون پنهنجي بيان ۾ مرحوم جا هيٺيان وارث ظاهر ڪيا آهن:طاهر حسين (پٽ)عاشق علي (پٽ) مسمات ام فروه (ڌي)مسمات بتول (ڌي)ممتاز (مڙس) شاهدن پنهنجي بيان ۾ اهو پڻ ظاهر ڪيو آهي ته مرحوم جا والدين. ڏاڏو ۽ سندس پهرين مڙس آفتاب احمد مرحوم جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا. مرحوم جي ٻي شادي مان پٽ جي ڪا اولاد نه آهي.جيڪڏهن مرحوم جو ڪو ٻيو وارث هجي يا مذڪوره فوتي کاتي بابت ڪنهن به قسم جو اعتراض دعويٰ يا حق هجي ته اهو شخص هن اشتهار جي اشاعت کان 7 ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پاڻ حاضر ٿي تحريري طور پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي.ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي نالن تي فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتراض قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد رورل

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ واحد بخش ولد صحب ناهيون پاران درخواست داخل ڪئي وئي آهي ته سندس گهرواري مسمات گلشاد زوجه واحد بخش ناهيون وفات ڪري وئي آهي جنهن جي ملڪيت ديهه آبڙي، ٽپو ٽنڊو جام، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد، سروي نمبر 344/1 ۾ ٻين جملي ايراضي 15-23 ايڪڙ مان 0-1 گهنٽا آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪرائڻو آهي.ان سلسلي ۾ بن شاهدن (1) نزاڪت حسين ولد محمد صديق ذات ناهيون. (2) علي رضا ولد قائم رضا ذات ناهيون پنهنجي بيان ۾ مرحوم جا هيٺيان وارث ظاهر ڪيا آهن:عبدالقيوم (پٽ)،عبدالصبور(پٽ)،واحد بخش (مڙس) مسمات آمي (والده) شاهدن پنهنجي بيان ۾ اهو پڻ ظاهر ڪيو آهي ته مرحوم جا والد، ڏاڏو ۽ ڏاڏي مرحوم جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا. جڏهن ته مرحوم جي ڪنهن به ڌيءِ جي اولاد موجود نه هئي.جيڪڏهن مرحوم جو ڪو ٻيو وارث هجي يا مذڪوره فوتي کاتي بابت ڪنهن به شخص کي ڪنهن قسم جو اعتراض، دعويٰ يا حق هجي ته اهو شخص هن اشاعت جي شايع ٿيڻ کان 7 ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پاڻ پيش ٿي تحريري صورت ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي.ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي نالن تي فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتراض قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد رورل

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ امام ڏنو ولد ارباب، ذات ناهيون پاران درخواست جمع ڪرائي وئي آهي ته سندس والده مسمات بجان زوجه ارباب وفات ڪري وئي آهي. جنهن جي ملڪيت ديهه آبڙي، ٽپو ٽنڊو جام، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد، سروي نمبر 344/1 ۾ ٻين جملي ايراضي 23-15 ايڪڙ مان 2-0 گهنٽا آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪرائڻو آهي.ان سلسلي ۾ بن شاهدن. (1) نزاڪت حسين ولد محمد صديق، ذات ناهيون. (2) علي رضا ولد قائم رضا، ذات ناهيون. پنهنجي بيان ۾ مرحوم جا هيٺيان وارث ظاهر ڪيا آهن:امام ڏنو(پٽ)،محمد نواز (پٽ)،امتياز علي (پٽ)،زوهيب (پٽ)،ماجد علي (پٽ)،مسمات ارشاد(ڌيءَ)،مسمات پروين (ڌيءَ) مسمات شمشاد (ڌيءَ)،شاهدن پنهنجي بيان ۾ اهو پڻ ظاهر ڪيو آهي ته مرحوم جا والدين. ڏاڏو، ڏاڏي ۽ مڙس مرحوم جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا.جيڪڏهن مرحوم جو ڪو ٻيو وارث موجود هجي يا مذڪوره فوتي کاتي بابت ڪنهن به قسم جو اعتراض، دعويٰ يا حق هجي ته اهو شخص هن اشتهار جي اشاعت کان 7 ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پاڻ پيش ٿي لکت ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي.ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي نالن تي فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتراض قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد رورل

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ حبيب الله ولد رحمت الله ناهيون پاران درخواست جمع ڪرائي وئي آهي ته سندس ڀيڻ مسمات حليمه حلو ڌيءِ رحمت الله ناهيون وفات ڪري وئي آهي جنهن جي ملڪيت ديهه آبڙي، ٽپو ٽنڊو جام، تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد، سروي نمبر 344/1 ۾ ٻين جملي ايراضي 15-23 ايڪڙ مان 0-1 گهنٽا آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪرائڻو آهي.ان سلسلي ۾ بن شاهدن. (1) نزاڪت حسين ولد محمد صديق. ذات ناهيون. (2) علي رضا ولد قائم رضا. ذات ناهيون پنهنجي بيان ۾ مرحوم جا هيٺيان وارث ظاهر ڪيا آهن:حبيب الله (ڀاءُ) صدرالدين (ڀاءُ)،مسمات فرزانه (ڀيڻ)،رضوانه (ڀيڻ)شاهدن پنهنجي بيان ۾ اهو پڻ ظاهر ڪيو آهي ته مرحوم غير شادي شده هئي ۽ مرحوم جي هڪ ڀيڻ مرحوم جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري وئي هئي جڏهن ته مرحوم جا والدين، ڏاڏو ۽ ڏاڏي پڻ مرحوم جي حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري چڪا هئا.جيڪڏهن مرحوم جو ڪو ٻيو وارث موجود هجي يا مذڪوره فوتي کاتي بابت ڪنهن به قسم جو اعتراض دعويٰ يا حق هجي ته اهو شخص هن اشتهار جي اشاعت کان 7 ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ پاڻ پيش ٿي لکت ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي.ٻي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي نالن تي فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو جنهن کان پوءِ ڪنهن به قسم جو اعتراض قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد رورل

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي سيف الله ولد محمد رفيق الله درخواست پيش ڪئي آهي ته سندس والد نالي محمد رفيق ولد عالم علي خان تاريخ 19-05-2009 تي فوت ٿي ويو هو فوتي جي نالي ديهه سامروٽي تعلقو جهڏو ۾ زرعي زمين ايراضي پلاٽ کاتي ليل آهي. جنهن جا وارث (1) اسما نعمان زال نعمان علي ڌيءِ محمد رفيق ڌيءِ فوتي جي (2) سيف الله ولد محمد رفيق پٽ فوتي جو مٿي ڏيکاريل وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به وارث نه آهي اهڙو بيان ٻن معزز ماڻهن هرهڪ (1) منور علي خان ولد هوشيار خان (2) بابر قيوم ولد ملڪ عبدالقيوم ٻئي رهاڪو تعلقو جهڏو جا ڏنا آهن جيڪڏهن مٿي ڏيکاريل وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪو وارث هجي يا ڪنهن به اداري کي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپوءِ ٻيو ڪوبه اعتراض قابل قبول نه ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو جهڏو

بقايا 1 روزاني عبرت

سنڌ جي ماڻهو کي پنهنجي ڌرتي، ملڪ ۽ صوبي سان پيار آهي اهو پنهنجو نقطي نظر پيش ڪري سگهندو. هن چيو ته جيڪو اسيمبلي ميمبر سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي نه ڳالهائيندو اهو واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي نه سگهندو ۽ ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نه رهندو ان لاءِ پ پ جا سمورا حلالي ميمبر سنڌ جي ورهاڱي خلاف ڀرپور آواز اٿاري رهيا آهن هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي نمائندن کي سنڌ جي ماڻهن چونڊي اسيمبلي ۾ پهچايو آهي ته اهي پنهنجو چٽو موقف رکن. سنڌ پاڪستان جو اڻٽٽ حصو آهي سنڌ جي زمين قيامت تائين قائم رهندي، اسان سنڌ ڌرتي کي پنهنجي ماءُ سمجهون ٿا ڪو به اولاد پنهنجي ماءُ جو ورهاڱو ٿيڻ نه ڏيندو سنڌ جا جيڪي به حلالي پٽ آهن اهو سنڌ جي ورهاڱي خلاف آهن. هن چيو ته جيڪو به ماڻهو باشعور آهي سنڌ ڌرتي تي رهي ٿو ۽ سنڌو درياءَ جو پاڻي پيتو آهي اهو سنڌ جي ورهاڱي خلاف آهي سنڌ اسيمبلي ۾ قرارداد منظور ڪنداسين ته سنڌ جو ورهاڱو قبول ناهي سنڌ اسيمبلي جو اجلاس ٻن هفتن تائين جاري رهندو ۽ اسيمبلي ۾ سنڌ جي ورهاڱي خلاف قرارداد به منظور ڪرائينداسين. هن چيو ته سجاول ضلعي ۾ گريڊ هڪ کان چار تائين جون نوڪريون ميرٽ جي بنياد تي ڏني رهيا آهيون. نوڪريون ڏيڻ جو عمل جلد شروع ڪيو ويندو. هن چيو ته پ پ سجاول ضلع جي تنظيم ۾ ڪي به اختلاف ناهن. ڪنهن شخص جا ڪنهن اڳواڻ سان ذاتي اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ متحد آهي. ان موقعي تي پ پ ضلع جو اڳواڻ زاهد حسن ڪلو، داڻود سومرو، محمد صديق ميمڻ خليفو محمد بخش سومرو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 2 روزاني عبرت

گلزار علي ميمڻ پنهنجي پيرسن والد خدابخش، پٽ افتخار ۽ پاڙيوارن سان گڏجي ميڊيا آڏو داتهيندي چيو ته منهنجو 29 سالن جو شادي شده پٽ گلبهار گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ خانگي سيڪيورٽي گارڊ طور ڊيوٽي ڪندو آهي جيڪو گذريل ڏينهن شام جي وقت ڊيوٽي تي ويو جتان هو گم ٿي ويو جنهن کان پوءِ سندس جي موبائيل فون بند آهي ۽ موٽرسائيڪل به گهر آهي گم ٿي ويل پٽ کي لاڙڪاڻي شهر سميت مٽ مائٽن وٽ ڳولا جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن نه ملي ته حد جي علي گوهر آباد ٿاڻي جي پوليس سميت ايس ايس پي آفيس وارن کي اهڙو اطلاع ڏنو پر هن وقت تائين پٽ جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن ڪري سمورا گهر ڀاتي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيون هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 3 روزاني عبرت

ڪلب ۾ صحافين آڏو داتهيندي احسان علي جتوئي چيو ته نبي بخش مستوئي، غلام شبير مستوئي، سڪندر مستوئي، محمد علي مستوئي نظير مستوئي، حنيف مستوئي ۽ امام بخش مستوئي جيڪي اصل قمبر شهدادڪوٽ جا رهواسي ۽ هن وقت ٽنڊوآدم ۾ رهائش پذير آهن سندس نياڻي کي مبينا طور زوريءَ اغوا ڪري ٽنڊوآدم منتقل ڪيو هن دعويٰ ڪئي ته ڪجهه ڏينهن بعد سندس نياڻي کي قتل ڪيو ويو ۽ لاش دفن ڪرڻ جي ڪوشش دوران پوليس ڪارروائي ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ جاچ دوران وارثن کي لاش جون تصويرون موڪلي واقعي بابت آگاهه ڪيو ويو احسان علي جتوئي الزام هنيو ته سندس نياڻي جي قتل ۾ ڄاڻايل سمورا ماڻهو ملوث آهن ۽ لاش دفن ڪرڻ وقت پڻ اهي گڏ هئا، پر مبينا ملي ڀڳت سبب ڪيس ۾ صرف غلام شبير مستوئي کي جوابدار طور نامزد ڪيو ويو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن وڌيڪ چيو ته هاڻي لاڳاپيل ماڻهو ڪيس عدالت ۾ پيشين تي نه اچڻ ۽ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ مبينا طور ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن ايس ايس پي سانگهڙ سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي قتل ۾ مبينا طور ملوث سمورن ماڻهن کي ڪيس ۾ شامل ڪري گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 روزاني عبرت

نعريبازي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين اڳيان داتهيندي چيو ته ڪي ڏينهن پهريان حاجي جعفر چنو جي پاڙي واري موٽر جي چوري جي سلسلي ۾ پوليس ۽ڪوچي ڪٽن ذريعي اسان جي مخالفن صدام حسين پاڳٽ ،مولابخش پاڳٽ ،ممتاز علي پاڳٽ ، امير علي پاڳٽ ۽ ٻين اسان جي گهر ۾ ڪتو ويهاري چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي اسان جي گهرن ۾ گهڙي ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ اسان جي والد 75 سالا سلطان علي پاڳٽ جيڪو دل جو مريض پڻ آهي ان سان ۽ عورتن سان تشدد ڪيو آهي جنهن سبب اسان جي والد جي طبيعت انتهائي خراب ٿي وئي آهي اگر اسان جي پيءُ کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار مٿيان جوابدار آهن هنن وڌيڪ ڳالهائيندي ڳالهائيندي چيو ته صدام حسين پاڳٽ خود چورن جو ساٿاري ۽ هڪ مهيني اندر هن چورن کان ڪي چوريون واپس ڪرايون آهن اسان جي آئي جي سنڌ ،ڊي آءِ جي سکر ،ايس ايس پي خيرپور ۽ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته معاملي جي جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي طرف الزام هيٺ آيل صدام حسين پاڳٽ سان رابطو ڪرڻ تي هن لڳايل الزامن جي ترديد ڪندي چيو ته مون مٿان لڳايل سمورا الزام بي بنياد ۽ ڪوڙا آهن منهنجا هينئر يا پهريان هنن سان ڪي به اختلاف نه آهن سندن مٿان ڪارروائي ڪوچي ڪٽن جي بنياد تي ٿي آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

وٺي جڏهن ته خيرپور ميرس جي ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني متاثر خاندان جي رهائش گاهه تي پهچي وارثن سان دلي تعزيت ڪئي ۽ سندن ڏک ۾ برابر جي شريڪ ٿيڻ جو اظهار ڪيو ان موقعي هن چيو ته چار معصوم ٻارن جي المناڪ وجوڙي واري خبر انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ آهي هڪ ئي خاندان جا چار معصوم ٻار اهڙي طرح اجل جو شڪار ٿيڻ پوري علائقي لاءِ وڏو سانحو آهي هن غم جي گهڙي ۾ اسين سوگوار خاندان سان برابر جا شريڪ آهيون ان موقعي تي علائقي واسين پاران پڻ مطالبو ڪيو ويو ته خيرپور ميرس ضلعي جي ٻڙاجن ڪئنالن ۽ خطرناڪ هنڌن کي محفوظ بنائڻ لاءِ فوري ۽ مستقل قدم کنيا وڃن ٻڙاجن ۽ ڪئنالن جي اهڙن هنڌن تي حفاظتي جاريون، مضبوط رڪاوٽون، وارننگ بورڊ، مناسب روشني ۽ ٻين حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي، ته جيئن مستقبل ۾ اهڙا دل ڏاريندڙ واقعا روڪي سگهجن علائقي واسين جو چوڻ هو ته سنڌ ۾ ڪئنالن ۽ واهن ۾ ٻڏي وڃڻ جا واقعا بار بار پيش اچن ٿا، تنهنڪري ان کي صرف هڪ حادثو سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران انساني جانين جي تحفظ لاءِ مستقل حفاظتي نظام جوڙڻ جي ضرورت آهي آخر ۾ ڊاڪٽر نفيسه شاهه دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحوم معصوم ٻارن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي سندن وارثن ۽ خاندان کي هي ناقابل تلافي صدمو برداشت ڪرڻ جو حوصلو عطا فرمائي ڪوٽڏيجي تڪ جي ايم پي اي هالار خان وساڻ پاران ميرواهه ڪئنال ۾ گوپانگ برادري جي چئين معصوم ٻارڙن جي ٻڏي فوت ٿي ويلن ٻارڙن جي مغفرت جي دعا صوبائي اسيمبلي ۾ گهري وئي جنهن ۾ پوري سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن پاران دعا گهري وئي ته الله پاڪ معصوم ٻارڙن کي پنهنجي رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي .

بقايا 6 روزاني عبرت

عبدالخالق پڻ موجود هئا ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي خرم سليم ڪرنل عبدالخالق ميڊيا کي ايف ايف سي جي مختلف CSR منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ايف ايف سي پاران صحت جي شعبي ۾ DHQ اسپتال ۽ ريونيو ڪالوني ۾ پاڻي جا پلانٽ قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته چار فعال E-Clinics ۽ مختلف علائقن ۾ مفت ميڊيڪل ڪيمپن ذريعي مقامي آبادي کي طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن هن چيو ته ايف ايف سي ماضي ۾ سڄي ضلعي گهوٽڪي ۾ 157 گهر تعمير ڪري مستحق خاندانن حوالي ڪري چڪي آهي تعليم جي شعبي ۾ سونا ويليفيئر سوسائٽي تحت نياڻين جي تعليمي ادارن کان علاوه مختلف يونيورسٽين ۽ TTCڪاليج ۾ فني ڪورسز ڪرايا پيا وڃن جڏهن ته مستحق شاگردن خاص طور تي MBBS جي شاگردن لاءِ 250 کان وڌيڪ اسڪالرشپس فراهم ڪيون پيون وڃن ان کان علاوه اسڪالرشپس جا مختلف ٻيا منصوبا پڻ جاري آهن گهٽ پڙهيل لکيل ماڻهن ۽ نوجوانن کي هنر مند بڻائڻ لاءِ بيوڪيشن ڪورسز سميت مختلف ووڪيشنل ۽ هنرمندي جا ڪورسز پڻ ڪرايا پيا وڃن، ته جيئن ڪين باعزت روزگار جا بهتر موقعا فراهم ٿي سگهن ايف ايف سي جا CSR قدم صحت، تعليم، رهائش، هنر مندي ۽ بنيادي سهولتن تائين محدود نه آهن پر مقامي آبادي جي مجموعي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ وسيع پيماني تي جاري آهن ايف ايف سي صنعتي ترقي سان گڏ مقامي عوام جي خدمت ۾ پڻ هر قدم تي اڳڀري آهي ۽ علائقي جي بهتري، خوشحالي ۽ ترقي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي ،

بقايا 7 روزاني عبرت

خودڪشي ڪري ڇڏي جڏهن ته اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي ڪرونڊي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو پوليس موجب فوتي راشد زهريليون گوريون کائي خودڪشي ڪئي آهي ۽ واقعي ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا .

بقايا 8 روزاني عبرت

وٺندي ايس ايڇ او آندل سندراڻي قابل پيو کي سسپنڊ ڪري ايف آئي آر داخل ڪرڻ جو هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ ملهڻ شر جي تذليل ڪرڻ جو ڪارڻ ذريعن موجب بيلي ڪاٽي جي زمين تي بيلي ڪاٽي جي راڪي لياقت پيو پاران قبضو ڪرايو پيو ويو ته ان خلاف نوجوان پورهيت مزاحمت ڪئي جنهن تي بيلي ڪاٽي جي راڪي لياقت پيو پيو برادري جي سردار ۽ صوبائي وزير جنگلات سان رابطو ڪيو جنهن جي هدايتن تي ايس ايڇ او آندل سندراڻي قابل پيو ملهڻ شر کي تذليل جو نشانو بڻائي ڪپڙن کان آجو ڪري وڊيو رڪارڊ ڪري بااثر کي موڪلي جيڪا وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي ۽ سموري ڪهاڻي جو پاندو کلي ويو ٻئي پاسي گهوٽڪي ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ساڃاهه وندن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته قابل پيو ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي هنن چيو ته هن کان اڳ به قابل پيو ڪيترن ئي بي گناهه ماڻهن تي بي رحمانو تشدد ڪري بااثرن کي خوش ڪيو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس نوجوان جي تذليل ڪندڙ ايس ايڇ او سميت وڏي منشي کي ڊسمس فرام سروس ڪيو وڃي ،

بقايا 9 روزاني عبرت

جو جسماني رمانڊ حاصل ڪري ورتوذريعن موجب هاشم بگٽي کي مبينا طور پراڻي دشمني تان فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو جوابدارن موجب 2001 ع ۾ سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ شهزاد خان بگٽي ۾ فصل ۾ مال چرڻ تان ٿيل جهيڙي دوران موج الدين بگٽي مارجي ويو هو جنهن جو ڪيس هاشم بگٽي سميت ٻين خلاف داخل ٿيو هو جوابدارن جو موقف آهي ته پراڻي قتل جو بدلو وٺڻ لاءِ هاشم بگٽي کي قتل ڪيو ويو

بقايا 10 روزاني عبرت

فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو .

بقايا 11 روزاني عبرت

تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڊاڪٽر فهيم شاڪر اسپورٽس آفيسر ڊاڪٽر علي اظهر بروهي ۽ ٻين پاران باڪسنگ راند ۾ حصو وٺندڙ باڪسر رانديگرن ۽ باڪسر رانديگرياڻين کي شيلڊون ۽ انعام ڏنا ويا ۽ اعلان ڪيو ويو ته آئينده به باڪسنگ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ٺٽي ۾ باڪسنگ ڪلب قائم ڪرائي باڪسر رانديگرن کي سهولتون ڏياريون وينديون

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ورهائڻ واري سازش کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين سنڌو درياءَ اسان جي جيئڻ جو ذريعو آهي سنڌو درياءَ تي جلال پور سميت ڪو به ڪينال يا ڊيم قبول ناهي هنن چيو ته سنڌ جي زمينن ۽ معدني وسيلن تي زبردستي قبضا ڪيا پيا وڃن جيڪي فوري طور تي ختم ڪيا وڃن

بقايا 13 روزاني عبرت

درود و سلام ۽ نعت رسول مقبول ﷺ جي صدائن سان معطر رهيو محفل ميلاد دوران شاگردن ۽ شاگردياڻين بارگاهه رسالت مآب ﷺ ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي هديه نعت، درود ۽ سلام پيش ڪيو شاگردن پاران حضور اڪرم ﷺ جي شان اقدس ۾ پيش ڪيل نعتن ۽ درود و سلام کي شرڪت ڪندڙن وڏي عقيدت سان ٻڌو ۽ ساراهيوان موقعي تي دي ميڪ اسڪول سسٽم جي استاد حسيب ذاڪر ۽ شاگرد ذبيح الله مهر شان مصطفيٰ ﷺ، سيرت طيبه ۽ تعليمات نبوي ﷺ تي پنهنجا خيال پيش ڪندي چيو ته حضور اڪرم ﷺ جي پاڪ سيرت پوري انسانيت لاءِ بهترين نمونو آهي هنن چيو ته نوجوان نسل کي سيرت النبي ﷺ مان رهنمائي حاصل ڪندي پنهنجي زندگين کي اسلامي تعليمات مطابق گذارڻ گهرجي محفل ميلاد ۾ ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي رجسٽرڊ جي وفد صدر آغاروز امان سرغزاني جي اڳواڻي ۾ خصوصي شرڪت ڪئي وفد ۾ سرپرست اعليٰ نصير احمد قريشي، چيئرمين ورڪنگ ڪاميٽي اشفاق احمد اشفي، نائب صدر يونس راجپوت، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار قائمخاني، فنانس سيڪريٽري وڏيرو فيض محمد رمضان، پريس سيڪريٽري وسيم قريشي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري ساجد يوسف قائمخاني شامل هئا.اسڪول پهچڻ تي ڏگهڙي پريس ڪلب جي وفد جو دي ميڪ اسڪول سسٽم جي آنر خالد مدد علي خان قائمخاني ۽ سينيئر استاد رضا اختر مصطفوي پاران گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي اسڪول انتظاميا پاران مهمانن کي دي ميڪ اسڪول سسٽم جي تعليمي سرگرمين، تدريسي نظام ۽ اداري جي مجموعي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني وئي،پريس ڪلب جي وفد اسڪول انتظاميا پاران محفل ميلاد جي شاندار انعقاد ۽ شاگردن جي ديني ۽ اخلاقي تربيت لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته تعليمي ادارن ۾ اهڙن مذهبي ۽ روحاني پروگرامن جي انعقاد سان نئين نسل کي سيرت النبي ﷺ سان روشناس ڪرائڻ ۾ اهم مدد ملي ٿي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي ترقي خوشحالي ۽ امت مسلمه جي اتحاد لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا 14 روزاني عبرت

سائيڪل سوارن ڪانئس نئين سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري ورتي ۽ مٿس هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا ڦر جي وارداتن خلاف پ پ اڳواڻ شبير سمون صدام حسين سمون ۽ ٻين سندس وارثن مڪلي باءِ پاس تي احتجاج ڪندي مين قومي شاهراهه بلاڪ ڪري ڇڏيو ڦر جي وارداتن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ ايس ايس پي جي بدلي ۽ نئين ايس ايس پي جي مقرري ڪانپوءِ ٺٽي ۽ مڪلي تي ڏوهن ۾ واڌ ٿي آهي ساڳئي هنڌ تي منهنجي ڀائيٽي کان ڪجهه وقت اڳ ڦر جي واردات ٿي هئي پر جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا، پ پ اڳواڻ شبير سمون ڦر جي واردات ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري امن بحال ڪيو وڃي، شهرين جو مطالبو

بقايا 15 روزاني عبرت

مشهور بزرگ اولياء پيرحسين شاهه جيلاني جو ساليانو 106 هڪ سئو ڇهون هڪ روزهه عرس مبارڪ جو ڏهاڙو نهايت ئي عقيدت احترام سان ملهايو ويو جنهن ۾ درگاهه جي مريدن ۽ عقيدتمندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي درگاهه جي سجادهه نشين پير فتح محمد شاهه جيلاني ۽ پيرلڪي شاهه درگاهه تي چادر چاڙهي عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو ويو پير فتح محمد شاهه جيلاني انهيءَ موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته الله پاڪ جي ڪامل ولين ۽ درويشن هميشهه اسلام جي سربلندي سان گڏ محبت ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جو درس ڏنو آهي آخر ۾ دعا خير گهرڻ بعد ايندڙ زائرين ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا 16 روزاني عبرت

وحدت جو دفاع ڪرڻو آهي سودن ڌمڪين ۽ ڌرامن جا در ناهن کولڻا. ونگار نه رهي اسيمبلي ورهاڱي تي بحث لاءِ نه سنڌ جي حفاظت لاءِ وجود ۾ آئي آهي؟ اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ کي ديوار سان نه لڳايو وڃي سنڌ هزارين سالن کان سنڌين جو نه رڳو وطن آهي عظيم تهذيب جي علامت آهي تهذيبن جي ماءُ آهي سنڌ خلاف سازشون دراصل پاڪستان خلاف سازشون آهن انڪري ملڪ خلاف سازشون بند ڪيون وڃن اياز لطيف پليجي چيو ته نازڪ گهڙي جي صورت ۾ پيپلز پارٽي سنڌ ٽوڙڻ جي ناپاڪ ۽ ملڪ دشمن سازش جا بنياد وجهي رهي آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ کي ٽوڙڻ بابت بحث جي اجازت ڪيئن ٿي ڏني سگهجي سنڌ جي ماڻهن ۾ نفرت پکيڙڻ بند ڪئي وڃي فوري طور تي رٽ واپس ورتي وڃي ۽ سنڌ ٽوڙڻ خلاف قرارداد پاس ڪئي وڃي

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪئي ۽ ڪيس عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي وفد جي ميمبرن ذوهيب علي قريشي کي گلن جا هار پارايا ۽ سندس لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيوصحافين جي وفد ۾ ڏگهڙي پريس ڪلب جو نائب صدر محمد يونس راجپوت، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي قائمخاني راجپوت، جوائنٽ سيڪريٽري ساجد يوسف قائمخاني فنانس سيڪريٽري فيض محمد رمضان، انفارميشن سيڪريٽري وسيم احمد قريشي ۽ چيئرمين ورڪنگ ڪميٽي اشفاق احمد اشفي سميت ٻيا صحافي پڻ شامل هئا.

بقايا 18 روزاني عبرت

پيل آهي جنهن سبب هيٺر تائين ڪلاس شروع ناهن ٿي سگهيا جنهن سان ايجوڪيشن کاتي ضلع دادو جي لاپرواهي ۽ نااهلي ثابت ٿي رهي آهي اسڪول جا ڪلاس شروع نه ٿيڻ ڪري نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جيڪا نياڻين سان سراسر ناانصافي آهي جڏهن ته تعليم انهن جو بنيادي حق آهي جنهن کان انهن کي محروم بڻايو ويو آهي ٽن سالن کان عمارت تيار ٿي چڪي آهي پر ايجوڪيشن کاتي جو ڪو ذميوار عملدار عمارت وٺڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي ته عمارت جي ناقص طرح سان تعمير ڪئي وئي آهي جنهن ۾ عمارت جي ڊي پي سي ليول کان 2 کان 3 فوٽ هيٺائين ۾ ڪري ان مان عمارت تيار ڪئي وئي آهي جنهن سبب عمارت ليول کان گهڻو هيٺ ڊيڪ ڏئي رهي آهي جڏهن ته برسات جي موسم ۾ برسات پوندي آهي ان دوران اسڪول جو ايوان پاڻي سان ڀرجي تلاءَ بڻجي ويندو آهي جنهن سبب جي ٺيڪيدار کان ڪير به عمارت نه پيو وٺي جڏهن ته ايجوڪيشن ضلع انتظاميا ۽ اعليٰ انتظاميا کوبه نوٽس وٺڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ڪري اسڪول جي عمارت کي تالا لڳل آهن ۽ عمارت لاوارث حالت ۾ پئي آهي ڪڪڙ شهر ۽ آس پاس جي رهواسين وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه وزير تعليم سيد سردار علي شاهه ڊي سي دادو ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته عمارت جي اڏاوت متعلق انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ اسڪول ۾ فرنيچر ،فيميل ٽيچر سميت ٻيو عملو مقرر ڪري جلد ڪلاس شروع ڪرايا وڃن ۽ مڊل اسڪول کي اپگريڊ ڪري گرلس هاءِ اسڪول بڻايو وڃي ته جيئن ڪڪڙ شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن جون نياڻيون پنهنجي تعليم صحيح طرح سان حاصل ڪري سگهن

بقايا 19 روزاني عبرت

ويندي، جن جون پڳهارون سول سوسائٽي آف سنڌ طرفان ادا ڪيون وينديون جڏهن ته بلڊنگ، دوائن ۽ ٻين ضروري خرچن بابت گڏيل صلاح مشوري سان فيصلو ڪيو ويندو سول سوسائٽي جي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سندن ڪوشش آهي ته تعلقه اسپتال هالا ۾ قائم چيسٽ پين يونٽ کي اپگريڊ ڪري ڪائيو ان کي اين آءِ سي وي ڊي (NICVD) جي سهولت ۾ تبديل ڪيو وڃي، جيئن هالا ۽ ڀرپاسي جي شهرين کي دل جي بيمارين جي علاج جون بهتر ۽ جديد طبي سهولتون پنهنجي علائقي ۾ ئي فراهم ٿي سگهن هنن چيو ته چيسٽ پين يونٽ کي اپگريڊ ڪرڻ سان ايمرجنسي جي صورت ۾ مريضن کي بروقت طبي امداد فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ ڪيترن ئي قيمتي انساني جانين کي بچائي سگهجي ٿو

بقايا 20 روزاني عبرت

دوستي يا سنڌ جي مفادن ۾ ناهي پ پ سنڌ جي عوام کي جواب ڏي ته سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ سازشن خلاف سڌي قرارداد جي بدران نثار کهڙو پاران هن وقت اهڙي متن واري تحريڪ پيش ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي ۽ اها ڪنهن جي خواهش يا فرمائش تي آندي وئي آهي؟ جيڪڏهن پيپلزپارٽي واقعي سنڌ جي وحدت بابت سنجيده آهي ته پوءِ سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ قومي وحدت جي بقا بابت سڌي، واضح ۽ غير مشروط قرارداد پيش ڪري، ڇو ته سنڌ ڪو انتظامي يونٽ نه پر هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ٻولي، ثقافت ۽ قومي سڃاڻپ رکندڙ وطن آهي جنهن جي وحدت کي سياسي بحث، اقتداري مفاهمت يا سوديبازي جو موضوع نٿو بڻائي سگهجي هنن چيو ته ملڪ جو بنيادي مسئلو سنڌ يا ٻين تاريخي قومي اڪائين کي ورهائڻ ۽ نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻ ناهي، پر قومي اڪائين وچ ۾ سياسي، معاشي ۽ آئيني عدم توازن آهي. جنهن جو حل هڪ نئين عمراني معاهدي تحت ملڪ کي نون بنيادن تي تعمير ڪرڻ ۾ آهي جنهن جي تاريخي قومي اڪائين جي قومي سڃاڻپ ۽ جاگرافيائي وحدت کي تسليم ڪندي ڪين پنهنجي زمين، وسيلن، پاڻي، ساحل ۽ معاشي وسيلن تي حقيقي آئيني ۽ سياسي اختيار حاصل هجن ۽ وفاق برابري، رضاڪارانه شراڪت ۽ حقيقي جمهوريت جي اصولن تي قائم هجي هنن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث جا دروازا کولڻ سان انهن قوتن کي فائدو پهچندو جيڪي سنڌ جي تاريخي قومي وجود کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿيون تنهنڪري پيپلزپارٽي قيادت سنڌ جي عوام آڏو واضح ڪري ته نثار کهڙو جي پيش ڪيل تحريڪ آخر ان جي هن وقت ڪهڙي ضرورت پيش آئي ۽ ان جي پويان ڪهڙا مقصد آهن سنڌ ترقي پسند پارٽي واضح ڪري ٿي ته سنڌ جي تاريخي ۽ جاگرافيائي وحدت اڻ ٽٽ آهي ان تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي ورهاڱي تي بحث ڪرائڻ ڪنهن به ريت سنڌ دوستي ناهي

بقايا 21 روزاني عبرت

آهيان مون کي ٻن پٽن جي اولاد آهي جڏهن ته مان جڳهن جو مستري آهيان پورهيو ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان هن چيو ته 7 سال اڳ ڦڦڙن جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ بيروزگار ٿي بيماري جي بستري تي پيل آهيان گهر جو الهه تلهه وڪڻي ڇڏيو پر ان جي باوجود صحت ۾ ڪو به سڌارو نه اچي سگهيس ڪافي پيرا سول اسپتال سان معائنو ڪرايو پر اسپتال وارا باهريان دوائون لکي ڏيندا آهن جيڪي دوا وٺڻ جي سگهه ناهي علاج نه ٿيڻ جي ڪري مسلسل طبيعت خراب ٿي رهي آهي جنهن ڪري سان سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهيان جڏهن ته گهر ڀاتي بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن هن پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، ايم پي اي جميل احمد سومرو سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي زندگي بچائي مالي سهائتا ڪئي وڃي ته جيئن سان گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪري سگهان

بقايا 22 روزاني عبرت

صبح جو جيئن آئون پنهنجي ڊيوٽي تي آيس ته اوچتو ليبارٽري جي ڪمري جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا مليريا ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ آيل مريض ۽ اسان معجزاتي طور بچي ويا سڀئين پر ڪمري ۾ موجود سامان کي ڪجهه حد تائين نقصان پهتو آهي، هوڏانهن بي ايڇ يو سينٽر انچارج ڊاڪٽر هدايت الله دل جو چوڻ هو ته 37 سال اڳ 1989 ۾ هي سينٽر قائم ٿيو جنهن ڪانپوءِ هن جي مرامت ناهي ٿي سگهي مرامت نه ٿيڻ ڪري عمارت مڪمل زبون حال بڻيل آهي ليبارٽري، اسٽور، ڊسپينسري جي ڪمرن جي حالت انتهائي خراب بڻيل آهي جنهن سبب ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهن اڳ به ڪافي مرتبا اهڙا حادثا پيش اچي چڪا آهن اڄ صبح جو پڻ حادثو پيش آيو الله سائين جا احسان ڪو نقصان نه ٿيو پر ليبارٽري جي ڪمري ۾ ويڪسين فريج سميت ٻيو قيمتي سامان پيل آهي جنهن کي ڪجهه حد تائين نقصان پهتو آهي اسان ڪافي شڪايتون ڪيون آهن پر هن وقت عمارت جي مرامت جو ڪم ناهي ٿي سگهيو ٻئي پاسي سينٽر تي آيل مريضن ٻڌايو ته جو مليريا جي ٽيسٽ ڪرائڻ لاءِ آيل هئا سڀئين ته ڪمري جا ڇاپڙ اوچتو ڪري پيا بس الله سائين بچايو عمارت جي حالت انتهائي خراب آهي ڪنهن وقت به ڪو وڏو حادثو پيش اچي سگهي ٿو اسپتال عملي سميت علائقي واسين مطالبو ڪيو ته بي ايڇ يو پلس سينٽر جي عمارت جي مرامت ڪرائي ڏنو وڃي يا پاسي ۾ ڪروڙين جي لاڳت سان تعمير ٿيل ۽ سالن کان غير فائل بڻيل رورل هيلٿ سينٽر کي فائل ڪيو وڃي ته جيئن رهواسين کي صحت جون سهولتون ملي سگهن توڙي چيڪ اپ ڪرائڻ لاءِ مريضن سميت اسپتال عملو محفوظ رهي سگهي.

بقايا 23 روزاني عبرت

معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه ڪرڻ جي ڪري هن وقت نه صرف سنڌ پر ٻين صوبن ۾ ڪيترائي گونگا ۽ ٻوڙا بيروزگاري کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسان سميت ٻيا گونگا ۽ ٻوڙا تعليم يافته هئڻ سان گڏ هنرمند پڻ آهن پر ان جي باوجود ڪين پنهنجي جائز حقن ۽ مراعتن کان محروم رکيو ويو آهي. جنهن ڪري اسان ريلي ڪيدي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو پهچي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو سميت ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀرڻ بعد دعا گهري، جنهن بعد نئون ديرو هائوس جي انتظاميه کي گذارش ڪئي ته اسان جي پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪرائي وڃي ته جيئن اسان ڪين پنهنجا مسئلا لکت ۾ ڏئي سگهون هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت سان ملاقات ڪرائي گونگن ۽ ٻوڙن جي مالي سهائتا ڪري معذور ڪوٽا تحت نوڪريون ڏيڻ سان گڏ قانون موجب مراعتون ڏئي جائز مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا 24 روزاني عبرت

۽ فرار ٿيڻ لڳا. واردات دوران شور ٿيڻ تي عرفات ڪالوني واسي شاهد علي ولد عبدالرزاق آرائين جوابدارن جو پيڇو ڪيو جنهن تي جوابدارن بنگلا روڊ تي راحت بيڪري پرسان مٿس فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ هو گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جوابدار زخمي شاهد آرائين جي سي ڊي موٽر سائيڪل پڻ ڦري، فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا..زخمي شاهد آرائين کي فوري طور تعلقا اسپتال ٽنڊوآدم منتقل ڪيو ويو جتي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد سندس حالت گنڀير هجڻ سبب حيدرآباد جي اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي جو اطلاع ملندي ئي پوليس پهچي واقعي واري هنڌ تان شاهديون گڏ ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي ٻنهي ڦر جي وارداتن جا ڪيس لاڳاپيل ٿاڻن تي داخل ڪيا ويا آهن هوڏانهن ٽنڊوآدم ۾ لڳاتار ڦر جي وارداتن تي شهرين ۽ سماجي ڌرين سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاريا آهن شهرين مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 25 روزاني عبرت

انهي سلسلي ۾ ميرپوربٺورو جي ڳوٺ ڏني ڪڏي ۾ قائم پرائمري اسڪول صديق مولاڻا جي مرمت ٿيندڙ اسڪول جي ڪم ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال خلاف مقامي ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو عرس ملاح جمن ملاح جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي ڳوٺاڻن الزام هنيو آهي ته ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي عملدارن ۽ ٺيڪيدار جي ملي ڀڳت سبب اسڪول جي مرمت واري ڪم ۾ وڏي پيماني تي ناقص مٽيريل جو استعمال ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسڪول جي عمارت جي ڇت سميت ٿيل ڪم ۾ لوهه جو تمام گهٽ استعمال ڪيو ويو آهي هنن چيو اسڪول جي عمارت ۾ مرمت جو ڪم مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي ڏار پوڻ شروع ٿي ويا آهن جنهن ڪري هي اسڪول جي عمارت اسان جي ٻارڙن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي مرمت واري ڪم ۾ ٿيل ناقص مٽيريل جي جاچ ڪرائي لاڳاپيل کاتي ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروس کاتي جي عملدارن ۽ ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 26 روزاني عبرت

جذبي سان ملهايو ويندو آهي لعل سائين ورڻ ديوتا نصرپور ۾ چاڻو هن جي دنيا ۾ اچڻ سان رڪليفون دور ٿيون اسان هندو مذهب جا ماڻهون هن ڏڻ تي چاليهه ڏينهن مندرن ۾ پوجا پاٺ ڪري ورت رکي آخري ڏينهن تي ميلي وانگر ريلي ڪيدي هن ڏينهن کي خوشي مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهائي درياهه بادشاهه کي پيدا پيش ڪندا آيون ان موقعي تي سنڌ امڙ جي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون گهريون وينديون آهن لالڻ سائين سنڌ امڙ کي قيامت تائين خوشحال ۽دائم رکجان .

بقايا 27 روزاني عبرت

وٽي امن امان جي صورتحال ڳڻتي جوڳي بڻيل آهي جڏهن ته مختلف افسوسناڪ واقعا پيش اچڻ سبب عوام ۾ بيچيني پکڙيل آهي هن چيو ته ڪوٽڏيجي ۽ خيرپور ضلعو ماضي ۾ امن جو گهوارو رهيو آهي جتي اهڙا سنگين واقعا تمام گهٽ ٿيندا هئا، پر هلندڙ سال خاص طور تي پيش آيل قتل جي واقعن تي انتهائي ڏک ڳڻتي آهي هن چيو ته انجنيئر فيصل گلزار ڀٽو جي قتل واري واقعي تي انتهائي افسوس ٿيو آهي واقعي جي صاف ۽ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ قتل ۾ ملوث سمورن ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي پوليس کي گهرجي ته ڪيس جي جاچ ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪري ۽ وارثن کي اعتماد ۾ وٺي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي هالار وساڻ چيو ته امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس کي وڌيڪ عملي ۽ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن هن چيو ته ڌرتي واري ڏينهن ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور پڻ مقتول جي وارثن وٽ پهتا هئا، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پوليس ڪيس جي جاچ کي وڌيڪ اڳتي وڌائي، واقعي جا سمورا رخ سامهون آڻي ۽ وارثن کي مطمئن ڪري هن چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي ان لاءِ امن امان جي صورتحال تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ٿيڻ گهرجي. هن اميد ظاهر ڪئي ته فيصل گلزار ڀٽو جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي جلد قانون جي گرفت ۾ آندو ويندو هالار وساڻ ملڪ جي ٻين واقعن جو ذڪر ڪندي چيو ته گل پلازا واري واقعي کان پوءِ وڏي وزير ۽ ميئر ڪراچي جي استعيفائن جا مطالبا سامهون آيا آهن جڏهن ته اسلام آباد ۾ اسپتال اندر پيش آيل افسوسناڪ واقعي ۾ نون ڄاول ٻارن جي فوتگين تي پڻ سخت افسوس آهي هن چيو ته پمز اسپتال جهڙي اهم اداري ۾ فائر سيفٽي بابت غفلت ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ٿيڻ گهرجي، اسپتالن ۾ مريضن ۽ سندن وارثن جي تحفظ لاءِ حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻائڻ لازمي آهي سنڌ جي ورهاڱي بابت ڳالهائيندي ايم پي اي هالار وساڻ چيو ته سنڌ کي ورهائڻ بابت مصطفيٰ ڪمال جا بيان سنڌ جي عوام لاءِ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن هن چيو ته سنڌ هزارين سالن جي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ سڃاڻپ رکندڙ ڌرتي آهي، ان کي ورهائڻ يا انتظامي طور تقسيم ڪرڻ بابت ڪنهن به قسم جون ڳالهيون سنڌ جي عوام کي ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي مختلف اڳواڻن جا بيان پڻ هڪ ٻئي سان تضاد رکن ٿا، جنهن سبب سندن پنهنجا ايم پي ايز به پريشان نظر اچن ٿا ته آخر ڪنهن جي ڳالهه تي يقين ڪن سنڌ جي ورهاڱي يا سنڌ کي تقسيم ڪرڻ بابت ڪنهن به قسم جون ڳالهيون سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل قبول آهن اهڙي ڪنهن به تجويز جي سخت مخالفت ڪئي ويندي هالار وساڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سالميت بابت سنڌ اسيمبليءَ ۾ قرارداد آڻي منظور ڪرائي ويندي، جيئن سنڌ جي عوام جي جذبن ۽ موقف کي واضح طور تي رڪارڊ تي آندو وڃي هن چيو ته سنڌ جي وحدت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ سنڌ جي عوام جي حقن امن ۽ سلامتي لاءِ آواز اٿاريو ويندو

بقايا 28 روزاني عبرت

خاص طور شرڪت ڪئي تقريب دوران معذور ماڻهن ۾ ويل چيئرز مجرداڻيون ۽ ايل اي ڊي سولر لائيٽون ورهايون ويون ان موقعي تي عشر ۽ زڪوات ڪميٽي سانگهڙ جي چيئرمين ذوالفقار علي چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته ايم اين اي شازيا عطا مري جي ڪوشش سان عشر ۽ زڪوات ڪميٽي ۽ OG DCL جي سهڪار سان معذور ماڻهن ۾ ويل چيئرز ورهايون پيون وڃن هن چيو ته ويل چيئرز جي فراهمي جو مقصد معذور ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ سندن خودمختياري وڌائڻ ۽ ڪين معاشري ۾ وڌيڪ فعال ۽ باوقار زندگي گذارڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي تقريب ۾ رئيس غلام محمد مري، آزاد عباس خاصخيلي، زاهد علي راجپوت ۽ ٻين معزز شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي

بقايا 29 روزاني عبرت

ڪيفيت بحال ٿيڻ بجاءِ بگڙيي پئي وڃي

بقايا 30 روزاني عبرت

سهڪار سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي عهديدارن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته پوليس ۽ صحافت معاشري جا ٻه اهم ٿنڀ آهن جن جو مقصد عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ معاشري ۾ امن ۽ آگاهي کي هٿي وٺرائڻ آهي هن چيو ته ضلعي ۾ امن امان جي قيام، ڏوهن جي خاتمي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا ويندا اوهان جي سهڪار سان عوامي شڪايتن جي ازالي ۽ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڀرپور قدم کنيا ويندا. ايس ايس پي لاڙڪاڻو وڌيڪ چيو ته ميڊيا جا نمائندا معاشري جون اکيون ۽ ڪن آهن، تنهن ڪري پوليس ۽ ميڊيا وچ ۾ محبت، باهمي احترام ۽ اثرائتو رابطو وقت جي اهم ضرورت آهي پريس ڪلب جي عهديدارن ايس ايس پي لاڙڪاڻو لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي ضلعي ۾ امن امان جي بهتري ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پوليس سان هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي ملاقات دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ باهمي رابطي ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو

بقايا 31 روزاني عبرت

تي ڏاڙي جلالپور سميت نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير خلاف سانگهي ڦرهو شهر ۾ عوامي سڄاڳي مهم جا هينڊ بل دڪاندارن ريڙهن ۽ هوٽلن تي ويٺل ماڻهن کي ڏنا ۽ چيو ته هن سڄاڳيءَ جي سڏ کي پنهنجي ڳوٺن ۽ گهرن تائين عام ڪريو ته جيئن سنڌ کي ايندڙ وڏين مصيبتن کان بچائي سگهون ڌرتي ۾ گڏ ٿيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو آهي ته آمريڪا ڏکڻ ايشيا ۾ نئون اسرائيل ٺاهڻ چاهي ٿو گوادر ضيائي ٽولي ۽ ڪراچي مڪمل طور ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن حوالي ڪري ڪراچي ۽ گوادر کي به اسرائيل جيان آمريڪي هٿيارن جو اڏو بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي آمريڪا جيئن اسرائيل وسيلي وچ اوڀر تي قبضو ڪيو تيئن پاڪستان کي غير مستحڪم بڻائي ڏکڻ ايشيا تي به مڪمل طور قبضو ڪرڻ چاهي ٿو سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ڪندڙ آمريڪي ايجنٽ آهن پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ پيپلز پارٽي سنڌ جا وسيلا آمريڪي سامراج حوالي ڪري ڇڏيا آهن پر سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي جي تحفظ لاءِ وڙهندي، جنگ ڪندي، پرامن جمهوري جدوجهد ڪندي. سنڌ جي حفاظت لاءِ سنڌ جو ٻچو ٻچو وڙهندو

بقايا 32 روزاني عبرت

ذخيرا مهم دوران واپارين سان ملي ڀڳت ڪري ڪڻڪ سمگلنگ ڪرڻ سميت ڪيترين ئي عوامي شڪايتون سامهون آيون هيون جن جو ڪمشنر سکر پڻ نوٽيس ورتو هو

بقايا 33 روزاني عبرت

جان جو خطرو آهي پيرسن واپاري موجب پٽ اڳ ئي ڪيس مختلف طريقن سان مالي نقصان پهچائي چڪو آهي جنهن سبب هو 30 لک روپين کان وڌيڪ رقم ادا ڪري نقصان برداشت ڪري چڪو آهي ڪيس پلاٽ به ڏنو پر ان باوجود ڪيس ڌمڪين ۽ مبينا زيادتين جو سلسلو جاري آهي رسول بخش چنا وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندس پٽ خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري ڪيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو خوف ۽ پريشاني کان بچي سگهي

بقايا 34 روزاني عبرت

ڪري منهنجي جڳهه 33 لک روپين ۾ وڪرو ڪري ڇڏي ۽ مون کي ٻي جڳهه ۾ ترسايو جنهن تي ڪجهه مهينن کان بااثر پاءِ شوڪت علي ڪوڪر ۽ مراد واهڻ پاڙي جا رهواسي اسٽيٽ ايجنسي وارا ارشاد مغيري، طارق مغيري ۽ جبار گوپانگ وارن منهنجي جڳهه جون پيسون ڏاهي مون کي جڳهه مان اٿاري رهيا آهن اهڙي ڏانهن مان ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي آفيس سميت حد جي دڙي ٿاڻي تي ڏني آهي پر هن وقت تائين بااثرن خلاف ڪاروائي نه ٿي سگهي جيڪي مسلسل مون کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي منهنجي لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاءِ ۽ بااثرن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 35 روزاني عبرت

محمد حسن ملوڪاڻي پڻ زخمي ٿيو جيڪو هن وقت اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته واقعي ڪانپوءِ پوليس ڪين خاطري ڪرائي هئي ته عورت جي تدفين ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪيو ويندو پر تدفين کي چار ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي هنن الزام هنيو ته پوليس پاران رڳو خاطريون ڪرايون پيون وڃن جڏهن ته نامزد جوابدار ڪين موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن وارثن آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري طور ڪيس داخل ڪري نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا 36 روزاني عبرت

عباس بگهيو سان گڏجي داتهيندي چيو ته اسان ابن ڏاڏن کان ڳوٺ ڪاراڻي پرسان بيلي ڪاٽي جي ساڍا 3 جريب زمين تي پنهنجا گهر ۽ دڪان اڏي رهائش اختيار ڪري ويٺا آهيون جڏهن ته ڪجهه عرصو اڳ مون سميت منهنجي ڀائرن غلام ياسين محمد عثمان رجب علي ۽ روشن بگهيو ڄاڻايل زمين جي ورهاست ڪئي جنهن کان پوءِ مون پنهنجي حصي ۾ آيل زمين تي جڳهن ۾ 3 دڪان ٺهرائي ڇڏيا هن الزام لڳائيندي چيو ته مان ٽڪسي ڊرائيور آهيان ۽ محنت مزدوري جي پئسن مان ڳوٺ ۾ ڪي ويسا زمين خريد ڪئي جنهن جا ڪاغذ به اسان وٽ موجود آهن پر ان جي باوجود سال 2020 ع کان وٺي خريد ڪيل زمين تي ڄاڻايل ڀائرن زبردستي قبضو ڪري جڳهون ۽ دڪان ٺهرائي ڇڏيا آهن جن کي يوسي چيئرمين محمد جمن بگهيو جي پٺڀرائي حاصل آهي جڏهن ته اهڙيون شڪايتون مان حد جي فتح پور ٿاڻي جي پوليس سميت برادري جي چڱن مڙسن کي ڪيون پر ان جي باوجود بااثر ڀائر مون کي زمين جي مالڪي تان هٿ ڪڍڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪا وڏي ناجائزي آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته بااثر ڀائرن خلاف ڪارروائي ڪري زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 37 روزاني عبرت

دراڻ جهڙيون ڌمڪيون آهي پيشيون ٿيون ۽ آهن اڳڙا ٿاڻي جي پوليس وٽ ڪوڙيون اينسيون داخل ڪرائڻ سان گڏ ايس ايس پي خيرپور جي آفيس ڪمپلين سيل برانچ ۾ درخواستون ڪري حراسان ڪرڻ سان گڏ گهر ۽ پلاٽ تان زبردستي هٿ ڪڍائڻ ۽ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون جاري آهن ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪرائڻ ان کان علاوه سموري خاندان کي به ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ڪو به چادر ۽ چوديواريءَ جو تقدس پائمال ڪيو ويو آهي انهن سڀني قبضا خورن اعليٰ اختيارين کان تحفظ جي اپيل سياسي سماجي علم وند ۽ صحافتي ڌرين پاران انصاف جي گهر ڪري چڪا آهن قبضا مافيا ۽ ان جي ساٿارين پاران ڪيل اهڙي ڪڌي عمل جي مذمت پڻ ڪئي اٿن ان کان علاوه علم دوست،ادبيات جي ڄاڻ وند حلقن به انصاف جي ڀرزور اپيل ڪئي آهي.شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو ويو آهي هوڏانهن متاثر ٿيندڙ صحافيءَ سموري ٿيندڙ مسئلي کي ڪجهه هن ريت واضح ڪيوته منهنجا وڏڙا سئو سالن کان رهائش آهن انهن جي موروثي گهر ۽ پلاٽ تي نام نهاد قبضاخور امير بخش عرف ممتازحجم منگي ۽ سندس جا مائٽ ۽ سهولتڪار ان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش سان گڏ مون کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون لڳاتار پنجن مهينن کان مون سان ويڙهيون پيا اچن ۽ تاراج ڪيون بيٺا آهن پر سان پاڙي جو لحاظ رکندو ٿو هنن مونکي عدالتن ۾ به گهرايو آهي قبضا خور جي خاندان جو هڪ وڪيل آهي جيڪو قبضي ڪرائڻ ۾ اڳڀرو آهي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سان گڏ موتمار ڌمڪيون ڏيندا اچن ٿا ان کان علاوه منهنجي خاندان تي ڪيترائي ڀيرا حملا ڪري چڪا آهن ۽ ڪندا رهن ٿا اڳڙا ٿاڻي تي اينسيون پڻ ڪرائي چڪا آهن ان سان گڏ ايس ايس پي خيرپور وٽ ڪوڙيون ڪمپلينون به ڪري چڪا آهن ان ۾ هو ڪوڙا ثابت ٿيا آهن پرهو پوءِ به نٿا مڙن ۽ منهنجي وڏڙن جي گهر ۽ پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جا سانباها ڪري ورتا آهن ۽ مونکي ۽ منهنجي خاندان کي گارگند ڪندا رهن ٿا هر وقت لوفرن جيان منهنجي پلاٽ تي بيهن ٿا ۽ منهنجا چوري وڻ به وڍي ويا آهن جيڪي سالن کان پوکيل هئا ۽ آهن جيڪي هنن جا ڪيل عمل تمام برداشت جوڳا ٿي ناهن منهنجي گهر جي ڏنل پناهه به پٽي ويا آهن ڏاڍ تي مون هنن کي ڪيترائي ڀيرا منع ڪيو آهي پر هو مڃڻ تي ڪونه ٿا مان انهن کي چتاءُ ٿو ڏيڻ چاهيان ته جيڪڏهن هو انهن حرڪتن کان باز نه آيا ته ڪو به قدم کڻندس جنهن جا سڀ قبضا مافيا ۽ ان جا ساٿاري ذميوار هوندا يا منهنجي ڪنهن به خاندان جي فرد کي جاني مالي ۽ منهنجي گهر کي نقصان پهتو ته اهو به انهن جي ليکي ۾ شمار ڪيو ويندو سان پاڙي جي لحاظ کان بار بار چوندو ٿو اچان ته اوهين پنهنجي زمين جي ماپ ڪرايو هنن قبضاخورن جي ٽوٽل ايڪٽيهه ويسا زمين آهي سا به سرڪاري پيڙهي جي آهي جيڪا پوري ڪن هنن جي ڪٽي ٿي نه مونکان وٺو جڏهن ته مان انهن جي زمين ڀاتي ٿي ناهي واضح ڪجي ٿو ته هنن قبضا خورن شهرين ۽ ڳوٺاڻن جي اچ وڃ جي سهولت واري شاهي گهٽيءَ تي قبضو ڪري ڇڏيو ۽ غريب ڳوٺاڻن لاءِ ميرڻ جي دور کان ڳوٺاڻن ۽ ويڙهن لاءِ مقرر اوطاق،امام بارگاهن سميت گهٽين ۾ لڳل بجليءَ جي ٿنڀن سان گڏ ٿنڀن ۾ لڳل تارن کي به چٽي ويا سرڪاري بجليءَ جي ٿنڀن کي به چٽي پٽ ڪري ڇڏيو ٻي وڏي دشمني شهرين ۽ ڳوٺاڻن سان انهن طرفان ٿيل ته راضيديرو مان بجليءَ جي سهولت هنن قبضا خورن جي ڪري ختم ٿي وئي ۽ ڳوٺاڻن کي لکين روپين جو قرض ڪرائي چڙيو آهي اهو ان کي جو انهن کي ٿنڀن کي رات جي پيٽ غائب ڪري ڇڏيا هنن ڪيترين ئي سرڪاري ملڪيتن جهڙوڪ بجليءَ جا ٿنڀا ۽ پٽي وياسڪول شاخن جي ڪوڙن ڪاپن واڙن هودن ناليون وغيره وغيره هنڌن تي قبضا موجود آهن ۽ عوامي گهٽين تي پڻ قبضا ڪيون ويٺا آهن سون سان لڳاتار پنجن مهينن کان چپ پئجي ويا آهن مون سان انهن سڀني ٿيل ناجائزين جو ضلعي انتظاميا سميت ڊي آءِ جي سکر محتسب اعليٰ سنڌ،انساني حقن جا ادارا،پڻ نوٽيس وٺن

بقايا 38 روزاني عبرت

وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

پاڻي جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ان موقعي تي جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عبدالفتاح چنو جمن لاکو سرمد ميراڻي جمشيد ڪيريو هالار ڪيريو عرفان لاکو گلشير ڪيريو ذوالفقار ڪيريو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اندر ڪنهن به صورت ۾ نوان صوبا ٺاهڻ نه ڏينداسين سنڌو درياهه سنڌ جي زندگي ۽ معيشت جو بنيادي ذريعو آهي ان کي سنڌو مان غير قانوني ڪئنال ٺاهڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي هنن چيو ته سنڌ سان ناانصافين جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي، جڏهن ته بلاول چانڊيو عامر انصاري سميت گهر ٿيل قومي ڪارڪنن کي فوري آزاد ڪيو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته سنڌي قوم پنهنجي ڌرتي، پاڻي ۽ قومي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جاري ٿي ۽ سنڌ جي وحدت تي ڪنهن به قسم جي وار کي برداشت نه ڪيو ويندو

بقايا 40 روزاني عبرت

جي احتجاج جو نوٽيس ناهي ورتو سنڌ حڪومت 97 هزار استادن کي ڀرتي ڪيو پر ويٽنگ 12 هزار استادن کي ڀرتي ڪرڻ بجاءِ نظرانداز ڪيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ڪائيم پيرڊ ۾ واڌ ڪري رهيل سمورن 40 پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن کي ڀرتي ڪيو وڃي، موجوده پاليسي ۾ ترميم ڪري اميدوارن کي تعلقي بدران ضلعي، ڊويزن يا صوبائي سطح تي ايڊجسٽ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو چونڊيل نمائندو يا انتظاميه طرفان ڪو به ڳالهين لاءِ نه آيو ته اسان جو ڌرڻو جاري رهندو

بقايا 41 روزاني عبرت

تحسين پيش ڪيو هن چيو ته غلام نبي ميمڻ جي ذاتي ڪاوشن ۽ جذبي جي بدولت ئي بدين جهڙي ضلعي ۾ يتيم ٻارن لاءِ ايترو اعليٰ ۽ معياري فلاحي توڙي تعليمي اداري جو قيام ممڪن ٿي سگهيو آهي جتي سندن بهترين سار سنڀال ڪئي پئي وڃي هن يتيم ٻارن جي پرورش، معياري تعليم اخلاقي تربيت ۽ نظم ۽ ضبط تي اداري جي انتظاميه جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ اداري جي روشن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

سنڌ جي ورهاڱي خلاف جلد سنڌ اسيمبلي مان ٺهراءُ منظور ڪرائينداسين: محمد علي ملڪاڻي

سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ان ڪري چاهيون ٿا ته اسيمبلي ۾ ويٺل سنڌ جو هر ماڻهو هن معاملي تي ڳالهائيندو

سنڌ جي ماڻهو کي پنهنجي ڌرتي، ملڪ ۽ صوبي سان پيار آهي، اهو پنهنجو نقطي نظر پيش ڪري سگهندو

جيڪو اسيمبلي ميمبر سنڌ جي ورهاڱي واري معاملي تي نه ڳالهائيندو اهو واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي نه سگهندو ۽ ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نه رهندو

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙو: سنڌ جي ورهاڱي خلاف جلد سنڌ اسيمبلي مان ٺهراءُ منظور ڪرائينداسين. صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ پ پ ضلع سجاول جي صدر محمد علي ملڪاڻي دڙي ۾ پ پ جي اڳوڻي ضلعي صدر ارباب وزير احمد ميمڻ جي رهائشگاهه تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته پ پ طرفان سنڌ اسيمبلي ۾ بحث ان ڪري چاهيون ٿا ته اسيمبلي ۾ ويٺل سنڌ جو هر ماڻهو هن معاملي تي ڳالهائيندو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دڙو: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ارباب وزير ميمڻ سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي

لاڙڪاڻي ۾ رٽائرڊ فوجي جو گم ٿيل نوجوان سيڪيورٽي گارڊ پٽ جي ڳولا لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي بهاريور پاڙي جي رهواسي پاڪ فوج جي رٽائرڊ سپاهي پنهنجي گهر ڀاتين ۽ پاڙيوارن سان گڏجي مبينا گم ٿي ويل نوجوان پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پاڪ فوج جي رٽائرڊ سپاهي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ٿاڻي تي نوجوان جي تذليل ڪري وڊيو وائرل ڪندڙ ايس ايڇ او معطل

ايس ايس پي گهوٽڪي وڊيو جو نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او قابل پير کي سسپينڊ ڪري ڪيس داخل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون

ٻيلي ڪاتي جي زمين تي قبضي خلاف نوجوان پورهيت مزاحمت ڪئي ته ٻاٿر جي چرچ تي پوليس تذليل ڪئي: ذريعا

ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ساڃاهه وندن پاران معاملي جي جاچ ڪري ملوثن کي سزا جو مطالبو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ: اشفاق بلوچ) ميرپور ماٿيلو ايس ايڇ او آندل سندراڻي ٻاٿر جي وينگار رهندي پورهيت تي انسانيت سوز تشدد لاڪپ ۾ تذليل ويهڻ واري جاءِ تي تشدد جي وڊيو پري وائرل ڪرڻ جو انڪشاف انساني حقن جون تنظيمون خاموش ايس ايس پي گهوٽڪي جو نوٽس ايس ايڇ او قابل پيو معطل، تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو آندل سندراڻي ٿاڻي جي ايس ايڇ او قابل پيو پاران مبينه طور ٻاٿر جي وينگار رهندي نوجوان ملهڻ شر کي لاڪپ جي گيٽ سان ٻڌي ڪپڙن کان آجو ڪري ويهڻ واري جاءِ تي بي رحمانو تشدد ڪري وڊيو رڪارڊ ڪري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏي اهڙي قسم جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران نوٽس

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: تذليل جو نشانو بڻيل نوجوان لاڪپ ۾ واڙيل آهي

ڏهرڪي: مال جي واپاري قتل ڪيس ۾ ٻه جوابدار عدالت پيش

هاشم ٻگٽي ڪيس ۾ جوابدار بشير ۽ اعظم خان ٻگٽي کي عدالت پيش ڪيو ويو

عدالت ٻنهي جوابدارن کي ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي پرسان ٻانڊي شاخ اسٽاپ تي مال جي واپاري هاشم ٻگٽي جي قتل ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن کي ڏهرڪي پوليس عدالت پيش ڪيو معزز عدالت 3 ڏينهن جو ريمانڊ منظور، ڏهرڪي پوليس ٻه ڏينهن اڳ ٻانڊي شاخ اسٽاپ تي واپاري هاشم ٻگٽي جي قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدارن بشير ٻگٽي ۽ اعظم خان ٻگٽي کي عدالت ۾ پيش ڪري ٽن ڏينهن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

مڪلي ۾ نوجوان کان موٽرسائيڪل ڦر، فائرنگ، قومي شاهراهه تي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

عيدگاهه روڊ تي هٿياربندن غلام نبي عرف ٻبلو سمون تي هوائي فائرنگ ڪري موٽرسائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

ڦر واقعي خلاف وارثن جو باءِ پاس چوڪ وٽ قومي شاهراهه تي احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ ٽريفڪ معطل

نئين ايس ايس پي جي مقرري بعد ٺٽي ۽ مڪلي تي ڏوهن ۾ واڌ ٿي آهي، اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن

ٺٽو (د ر) مڪلي عيدگاهه روڊ تي هٿياربندن نوجوان تي هوائي فائرنگ بعد ڪاڻس موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار وارثن جو باءِ پاس چوڪ وٽ قومي شاهراهه تي ڌرڻو روڊ بلاڪ مڪلي تي عيدگاهه پرسان گهر ويندڙ نوجوان غلام نبي عرف ٻبلو سمون جو پيڇو ڪري هٿياربند موٽر

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اگهم ڪوٽ ۾ بزرگ اولياءُ پير حسين شاهه جيلاني جو 106هون ساليانو عرس عقيدت سان ملهايو ويو

گلاب لغاري(ن ع) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي تاريخي ماڳ اگهم ڪوٽ ۾ مدفون

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سنڌ اسيمبلي ورهاڱي تي بحث لاءِ نه، سنڌ جي حفاظت لاءِ آهي: اياز لطيف پليجو

بلاول ڀٽو ۽ مراد علي شاهه فوري طور بحث وارو خط ۽ موشن واپس وٺي سخت ۽ واضح ٺهراءُ پاس ڪرائين

سنڌ کي ديوار سان نه لڳايو وڃي، سنڌين ۾ نفرت پکيڙڻ بند ڪئي وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه کي مخاطب ٿيندي چيو آهي ته فوري بحث وارو خط ۽ موشن واپس وٺو ۽ سنڌ اسيمبلي مان سخت ۽ واضح ٺهراءُ پاس ڪرائي ورهاڱي جي سازش کي رد ڪيو وڃي اياز لطيف پليجي چيو ته ميمبرن ۽ حڪمرانن کي سنڌ جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ورهاڱي تي بحث ڪنهن به صورت قبول ناهي، پيپلزپارٽي واضح موقف اختيار ڪري: ايس ٽي پي

نثار کهڙي جي تحريڪ التوا تي سوال، سنڌ جي وحدت خلاف سازشن بابت سڌي ۽ واضح قرارداد آڻڻ جو مطالبو

سنڌ تاريخي، جاگرافيائي ۽ قومي وحدت رکندڙ وطن آهي، سياسي سوديبازي جو موضوع نٿي بڻائي سگهجي

سنڌ جي زمين، وسيلن ۽ پاڻي تي حقيقي آئيني اختيار ڏنو وڃي، قومي وحدت تي ڪنهن به سمجهوتي کان انڪار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين جام عبدالفتاح سميجو انجنيئر گلزار سومرو حيدر شاهاڻي نثار ڪيريو ۽ ٻين پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته ملڪ جي اصل واڳ ڌڻين کي خوش ڪرڻ ۽ سنڌ دشمن خواهشن جي پوراڻي لاءِ پيپلزپارٽي سرڪار پاران سنڌ اسيمبلي ۾ اهڙي تحريڪ التوا پيش ڪرڻ جنهن ذريعي سنڌ جي ورهاڱي جهڙي حساس ۽ سنڌ دشمن معاملي کي بحث هيٺ آندو وڃي ڪنهن به ريت سنڌ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڦڦڙن جي بيماري ۾ مبتلا پورهيت جو سرڪاري خرچ تي علاج ۽ مالي سهائتا لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر پاڙي جي رهواسي بيمار پورهيت سرڪاري خرچ تي علاج توڙي مالي سهائتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت اظهر علي ميراڻي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته مان غريب مسڪين

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽالهي ۾ بي ايڇ يو پلس سينٽر جي ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا

ليبارٽري ڪمري ۾ ڇاپڙ ڪري پيا، عملو ۽ مريض معجزاتي طور محفوظ

37سال کان قائم سينٽر جي عمارت جي مرمت نه ٿيڻ سبب زبون حال آهي: هدايت الله دل

ٽالهي (ن ع) ٽالهي شهر ۾ قائم بي ايڇ آءِ بي ايڇ يو پلس سينٽر جي عمارت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا معجزاتي طور عملي سميت مريض محفوظ رهيا بي ايڇ يو پلس سينٽر جي ليبارٽري جي ڪمري جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب عملي سميت آيل مريضن ۾ خوف واري صورتحال پيدا ٿي وئي انهي سلسلي ۾ ليبارٽري جي مليريا سپروائيزر خير محمد گرگيز ٻڌايو ته

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عوامي سجاڳي مهم
دڙو: عوامي تحريڪ طرفان سنڌ جي ورهاڱي خلاف جاڳرتا ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميرپور ماٿيلو ويجهو دولتاڻي رائيس مل تان هٿياربند رقم ۽ سامان ڦري ويا

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ويجهو دولتاڻي رائيس مل تي گذريل ڏينهن موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن چڙهائي ڪري ملازم کي يرغمال بڻائي موبائل فون ، روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي واقعي بعد ايس ايس پي گهوٽڪي جي هدايتن تي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو ڊي آءِ بي انچارج واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل ورتا ۽ مل مالڪ خاطري ڪرائي ته ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي جلد قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڦر ٿيل رقم موبائيل فون رڪور ڪرايو ويندو

ڪنڊيارو: ڳوٺاڻو ٻئي ڏينهن به مختيارڪار خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٻيراڻي ۾ معذورن ۾ ويل چيئرز، مجرداڻيون ۽ سولر لائيٽون ورهائڻ جي تقريب

ايم اين اي شازيا عطا مري جي ڪوششن سان عشر ۽ زڪوات ڪميٽي ۽ OG DCL جي سهڪار سان تقريب منعقد

معذور ماڻهن کي ويل چيئرز فراهم ڪري خودمختياري ۽ باوقار زندگي جا موقعا ڏيڻ تي زور

جام نواز علي (ن ع) پيپلز پارٽي جي ايم اين اي شازيا عطا مري جي ڪوششن سان فضل ربي شادي هال ٻيراڻي ۾ معذورن ۾ ويل چيئرز، مجرداڻيون ۽ ايل اي ڊي سولر لائيٽون ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عشر ۽ زڪوات ڪميٽي سانگهڙ جي چيئرمين ذوالفقار علي چانڊيو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ نئين ايس ايس پي سان صحافين جي ملاقات، امن امان ۽ مسئلن بابت ڳالهيون

پريس ڪلب جي صدر عبدالقادر جاگيراڻي، حنيف سهاڳ، طارق محمود دراڻي ۽ ٻين ملاقات ڪئي

ڏوهن جي خاتمي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا ويندا: اظهر خان مغل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان مغل سان پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ذميوارن سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي صدر عبدالقادر جاگيراڻي، نائب صدر محمد حنيف سهاڳ، جنرل سيڪريٽري طارق محمود دراڻي، خزانچي ظهير ابڙو سينيئر صحافين منير احمد سومرو محمد عاشق پٺاڻ صابر شاهه لاڙڪاڻو يونين آف جرنلسٽس جي صدر سرڪش سڌايو فوٽوگرافر ايسوسيئشن جي صدر محمد وسيم پٺو سميت ٻين ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ملاقات دوران ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال شهرين جا مسئلا صحافي برادري کي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ پوليس توڙي ميڊيا وچ ۾ باهمي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ پيرسن واپاري جو نافرمان پٽ خلاف احتجاج، تحفظ جو مطالبو

دادو(د ر) ملڪيت ڏيڻ باوجود پٽ جان جو ويري بڻجي ويو پيرسن واپاري جو احتجاج، تحفظ جي اپيل ، دادو شهر جي مگسي محلي جي رهواسي پيرسن دڪاندار رسول بخش چنا پنهنجي نافرمان پٽ جي مبينا زيادتين خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي، ان موقعي تي رسول بخش چنا دانهيندي چيو ته سندس وڏو پٽ غلام قادر چنا نافرمان ٿي ويو آهي جنهن کي سندس حصي جي ملڪيت ڏيڻ باوجود هو وڌيڪ ملڪيت تي مبينا قبضو ڪرڻ لاءِ کيس مسلسل تنگ ڪري رهيو آهي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن چيو ته نافرمان پٽ مان کيس ۽ سندس خاندان کي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سانگي ڦرهو ۾ عوامي تحريڪ جي نون ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف سجاڳي ريلي

جهڏو ڪنڊوباگو روڊ کان ريلي ڪڍي مک چوڪ تي پهچي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

سنڌ جي حقن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد جاري رکي ويندي: اڳواڻ

بدين (د ر) عوامي تحريڪ پاران اعلانيل عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ عوامي تحريڪ سانگي ڦرهو پاران جهڏو ڪنڊوباگو روڊ تان عوامي سجاڳي ريلي ڪڍي شهر جي مک چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو آن کان صدر مهراڻ درس، مثل ميمڻ اڪبر ميمڻ ايڊووڪيٽ اميد علي رند لڇمڻ ڪولهي پرشوتم ڪولهي هيرالال ڪولهي ۽ ٻين سنڌ جي ورهاڱي جي سازش، سنڌو درياهه

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ڪٽڪ ذخيره اندوزي مهم دوران بدانتظامي جون شڪايتون، اي سي معطل

چيف سيڪريٽري سنڌ صلاح الدين گهمرو کي معطل ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري

گمبٽ (ت ر) چيف سيڪريٽري سنڌ اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ صلاح الدين گهمرو کي ڪٽڪ جي ذخيره اندوزي خلاف هلندڙ مهم دوران بدانتظامي مبينا طور سرڪاري معاملن ۾ غلط طريقيڪار ڪرڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ کي معطل ڪري ڇڏيو نوٽيفڪيشن جاري نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سندن معطلي جو سبب ڪٽڪ جي ذخيره اندوزي خلاف مهم دوران بدانتظامي مبينا طور سرڪاري معاملن ۾ غلط طريقيڪار ناجائز استعمال ۽ بدسلوڪي بابت مليل شڪايتون ڄاڻايون ويون آهن معطلي واري عرصي دوران اي سي صلاح الدين گهمرو جي هيڊڪوارٽر سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ مقرر هوندي ياد رهي ته گمبٽ تعلقي ۾ ڪٽڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت جو پاءُ ۽ ٻاٿرن خلاف مبينا دوکي ۽ زمين تي قبضي خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مراد واهڻ پاڙي جي رهواسڻ بيواهه پيرسن عورت پاءُ ۽ ٻاٿرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ بيواهه عورت رضيه بيگم زال مرحوم هادي بخش ڪوڪر ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 7 سال اڳ مڙس هادي بخش ڪوڪر ڪرونا جي بيماري سبب فوت ٿيو جنهن مان مون کي 13 ورهين جي پٽ تنوير جي اولاد آهي جڏهن ته مڙس پنهنجي زندگي ۾ مراد واهڻ ۾ منهنجي نالي 900 فوٽ جڳهه ڪري ويو هن الزام لڳايو ته ٻاٿر پاءُ شوڪت علي ڪوڪر گذريل سال مارچ مهيني ۾ فراڊ

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

گرينڊ هيلٿ الائنس سنڌ
حيدرآباد: گرينڊ هيلٿ الائنس سنڌ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد: موٽرسائيڪل سوار ريلوي اسٽيشن جي ويجهو ريلوي ٽريڪ پار ڪري رهيو آهي

سڄيون ۾ ڳوٺاڻن جو برادري جي ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ علاوالدين پاڳٽ واسي وزير، غلام نبي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ٻاٿر چوري جو ڪوڙو الزام مڙهي عورت ۽ ٻهرسن تي تشدد ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃ

سڄيون(ن ع) سڄيون پرسان ڳوٺ علاوالدين پاڳٽ جي رهواسين وزير علي پاڳٽ غلام نبي پاڳٽ ،بهاول الدين پاڳٽ ،گلزار علي پاڳٽ ،پيار علي پاڳٽ ۽ ٻين جو صدام حسين پاڳٽ ،نذير حسين پاڳٽ،امين پاڳٽ ،مولابخش پاڳٽ ۽ ٻين جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو سخت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ لاڙڪاڻي واسي جو ڌيءُ جي قتل ۾ انصاف نه ملڻ خلاف احتجاج

ٻاٿرن 25 ورهين جي ڌيءُ عاصمه کي اغوا ڪري ٽنڊوآدم ۾ قتل ڪيو: احسان جتوئي

پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي ٻيا ڌمڪيون ڏين، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) لاڙڪاڻي واسي احسان علي جتوئي الزام لڳايو آهي ته سندس 25 ورهين جي نياڻي عاصمه کي مبينا طور لاڙڪاڻي مان اغوا ڪري ٽنڊوآدم آندو ويو جتي کيس قتل ڪرڻ بعد لاش دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن دوران ڪجهه جوابدار پڪڙجي ويا ٽنڊوآدم پريس

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو نوجوان زهر کائي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ جلال الدين خاصخيلي ۾ 25 ورهين جي راشد انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

گمبٽ (ت ر) ڪرونڊي پرسان ڳوٺ جلال الدين خاصخيلي ۾ شادي شده نوجوان زهريليون گوريون کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو. ڪرونڊي جي علائقي ڳوٺ جلال الدين خاصخيلي جو رهواسي 25 سالا نوجوان راشد خاصخيلي ٽي مهينا اڳ شادي ڪئي هئي جنهن زهريليون گوريون کائي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پرسان ٽريڪٽر ٽرالي تي ويٺل نوجوان ڪري چيڀاڄجي فوت

ڳوٺ امين شيخ واسي 25 ورهين جو عجيب علي شيخ ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري پيو

نوجوان کي وارث ڪٺائي اسپتال پهتا جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ پرسان ٽريڪٽر ٽرالي تي ويٺل نوجوان ڪري چيڀاڄجي فوت ٿي ويو گمبٽ جي علائقي ڳوٺ امين شيخ جو رهواسي 25 سالا نوجوان عجيب علي شيخ ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي فوت ٿي ويو جڏهن علائقي واسين ۽ وارثن پاران مقامي اسپتال [illegible] ويا جتي ڊاڪٽرن پاران

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: فائرنگ ۾ مارجي ويل شخص جو لاش ۽ سندس حياتي جي تصوير

ڏهرڪي: صحافي نصير قريشي جو فرزند ذوهيب علي عمري جي سعادت حاصل ڪري وطن پهتو

ڏهرڪي پريس ڪلب جي وفد پاران رهائشگاهه تي پهچي ذوهيب علي قريشي کي مبارڪباد پيش

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي (رجسٽرڊ) جي سرپرست اعليٰ ۽ سينيئر صحافي روزاني عبرت جي تعلقه رپورٽر نصير احمد قريشي جو فرزند ذوهيب علي قريشي عمري جي سعادت حاصل ڪري وطن واپس پهچي ويو ان موقعي تي ڇنڇر ڏينهن ڏهرڪي پريس ڪلب ڏهرڪي (رجسٽرڊ) جي هڪ اعليٰ سطحي وفد، پريس ڪلب جي صدر آغا روز امان مرغزاني جي اڳواڻي ۾، ڏهرڪي جي نياز ڪالوني ۾ واقع رهائشگاهه تي پهچي ساڻس ملاقات

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

هالا تعلقه اسپتال ۾ چيسٽ پين يونٽ اپگريڊ ڪرڻ لاءِ اهم گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ سول سوسائٽي چيئرمين گلفام ڪاظمي عبدالرشيد ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

چيسٽ پين يونٽ لاءِ 2 ٽيڪنيشنن مقرري ڪيا ويندا، جن جون پگهارون سول سوسائٽي ادا ڪندي: اڳواڻ

چيسٽ پين يونٽ کي اپگريڊ ڪرڻ بعد ان کي اين آءِ سي وي ڊي جي سهولت ۾ تبديل ڪيو وڃي

هالا (ت ر) هالا تعلقه اسپتال ۾ چيسٽ پين يونٽ کي اپگريڊ ڪرڻ لاءِ اهم گڏجاڻي هالا تعلقه اسپتال هالا ۾ هلندڙ چيسٽ پين يونٽ کي اپگريڊ ڪرڻ ۽ شهرين کي دل جي بيمارين بابت بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سول سوسائٽي آف سنڌ جي ٽيم جي اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالسلام ميمڻ سان اهم گڏجاڻي ٿي گڏجاڻي ۾ سول سوسائٽي آف سنڌ جي چيئرمين سيد گلفام ڪاظمي ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ ننڊ ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي چيسٽ پين يونٽ کي جديد سهولتن سان آراسته ڪرڻ ۽ ان جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سول سوسائٽي جي اڳواڻن چيو ته چيسٽ پين يونٽ لاءِ ٻن ٽيڪنيشنن جي مقرري ڪئي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

سڄيون: ڳوٺاڻا ٻاٿرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

بٺورو لڳ اسڪول مرمت ۾ ناقص مٽيريل استعمال خلاف ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو احتجاج

مرمت مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي عمارت ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويا آهن: مظاهرين

ٺيڪيدار ۽ ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروس کاتي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو لڳ اسڪول جي مرمت واري ڪم ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال خلاف ڳوٺاڻن ۽ شاگردن جو احتجاجي مظاهرو اسڪول جي مرمت واري ڪم ۾ وڏي پئماني تي ناقص مٽيريل جو استعمال ڪيو پيو وڃي شڪايتن باوجود ڪير به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي ٿيل ڪم جي جاچ ڪرائي ملوث ٺيڪيدار ۽ ايجوڪيشن ورڪس کاتي جي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ڳوٺاڻن جو مطالبو خبر موجب تعلقي ميرپوربٺورو ۾ هڪ طرف سالن کان رڪارڊ ۾ هلندڙ اسڪولن جي عمارتن جو وجود ئي ناهي ته ٻئي طرف جن اسڪولن جون عمارتون زبون حال آهن انهن جي مرمت جي آڙ ۾ ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروس کاتي پاران وڏي پئماني تي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

راضيديرو ۽ پرپاسي بدامني تي ضابطو نه آيو، اهلڪار ۽ ڳوٺاڻن کان ڦرلٽ

ڪيمٽيا روڊ هٿياربندن بلاڪ ڪري پوليس اهلڪار ۽ راهه ويندڙن کان ڦرلٽ ڪئي

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان ٻهارو ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهن جي بازار ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر گرمائش وڌي وئي ٻهارو ٿاڻي هي ٻڄل شاهه اسٽاپ سائيڊي ڪيمٽيا روڊ وٽان هٿياربندن روڊ بلاڪ ڪري پوليس اهلڪار ۽ راهه ويندڙ جاڙل ملاح کان روڪ رقم موبائيل فون ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا پوليس کي وٽو ٿي نه پهچي سگهيو ته ڦورو ڪهڙي طرف ڏي رخ رکيو ياد رهي ته ضلعي خيرپور اندر ڏوهه ٿيڻ روايت پئجي ويا آهن امن امان واري

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم عورت جي فوت ٿيڻ جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج

ٽنڊوآدم ويجهو جهيڙي دوران عيدان ملوڪاڻي فوت ۽ مڙس زخمي ٿيو هو: مظاهرين

ڏندين کي چار ڏينهن گذرڻ باوجود ڪيس داخل نه ٿيو، پوليس رڳو خاطريون ڪرائي رهي آهي

ٽنڊوآدم (ن ع) زرعي زمين جي تڪرار تان ٿيل جهيڙي دوران عورت جي فوت ٿيڻ جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج رپوٽ موجب ٽنڊوآدم لڳ ڳوٺ ملوڪ ملوڪاڻي ۾ زرعي زمين جي تڪرار تان ٻن ڌرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي دوران ڏڪو لڳڻ سبب فوت ٿيل مسمات عيدان ملوڪاڻي جي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن ٽنڊوآدم پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ملو ملوڪاڻي، محبوب ملوڪاڻي، سعود ملوڪاڻي سليم ملوڪاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٿيل احتجاج دوران وارثن الزام هنيو ته زرعي زمين جي تڪرار تان خير محمد ملوڪاڻي، مزار ملوڪاڻي احسان ملوڪاڻي منور ملوڪاڻي ۽ ٻين عورت عيدان ملوڪاڻي کي قتل ڪيو جڏهن ته سندس مڙس

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جماعت اسلامي جي ڌرڻي کي اڳواڻ خطاب ڪندي

ڪمشنر حيدرآباد جو بدين ۾ "اعتماد هومز" جو دورو، يتيم ٻارن لاءِ سهولتن جو جائزو

فياض حسين عباسي پاران ٻارن جي تعليمي، رهائشي ۽ تربيتي سهولتن تي اطمينان جو اظهار

اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي فلاحي ويزن ۽ ڪاوشن کي ڀيٽا پيش

بدين (د ر) ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن جناب فياض حسين عباسي ضلعي بدين ۾ يتيم ۽ بي سهارا ٻارن جي ڪفالت، معياري تعليم ۽ تربيت لاءِ قائم فلاحي اداري "اعتماد هومز" جو تفصيلي دورو ڪري اتي فراهم ڪيل تعليمي ۽ رهائشي سهولتن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي پڻ ساڻس گڏ هو دوري دوران ڪمشنر حيدرآباد مختلف ڪلاس رومز ۽ رهائشي شعبن جو معائنو ڪيو اتي رهندڙ ٻارن ۽ استادن سان ملاقات ڪئي ۽ اداري جي عمومي انتظام تي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن فياض حسين عباسي اڳوڻي آءِ جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ جي ويزن ۽ انٿڪ ڪوشش کي زبردست لفظن ۾ خراج

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي ويجهو ميرواهه ڪئنال ۾ ٻڏي ويل چئن ٻارن جا لاش هٿ، گهرن ۾ ڪهرام

ريسڪيو ٽيمن مختلف ٽائيمن تي اي سي جي نگراني ۾ لاش هٿ ڪري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، جنازي نماز ۾ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني متاثرن وٽ پهچي تعزيت ڪري ڏک ونڊي دعا ڪئي

گمبٽ (رپورٽ :بريد حسين ڪانوري) گمبٽ لڳ ڪوٽڏيجي جي ڳوٺ مراد گوپانگ جا رهواسي ٻه اڳ ڪارگو رڪشا جو بريڪ ٿيڻ سبب هڪ ئي جا گهر کي سڳا ڀائر ۽ هڪ سڳو سئوٽ ميرواهه ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿيل هڪ ئي خاندان جي چئن معصوم ٻارن جا لاش اي سي ڪوٽڏيجي نگراني ۾ ريسڪيو پاران سرچ آپريشن بعد مختلف ٽائيمن ملندا ويا جڏهن معصوم ٻارڙن جي جنازه نماز درگاهه ديهه سوهو جي گادي نشين پاران پڙهائي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ADAM
PRESS
CLUB
ٽنڊوآدم: مبينه قتل ٿيل نوجوان عورت جو لاش ۽ سندس پيءُ احسان جتوئي ڳالهائيندي

ڏهرڪي جي دي ميڪ اسڪول سسٽم ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ محفل ميلاد

شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن پاران نعتون، درود ۽ سلام پيش، محفل ۾ عقيدت جو اظهار

سيرت النبي ﷺ نوجوان نسل لاءِ بهترين رهنما، زندگي تعليمات نبوي ﷺ موجب گذارڻ گهرجي: حسيب ذاڪر ۽ ذبيح الله مهر

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي جي مشهور تعليمي اداري دي ميڪ اسڪول سسٽم ۾ ڇنڇر ڏينهن جشنِ عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ هڪ روح پرور محفل ميلاد جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن شاگردياڻين استادن صحافين ۽ معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محفل ميلاد نهايت عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي، جڏهن ته سڄو ماحول

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

دڙي ۾ عوامي تحريڪ جو سنڌ جي ورهاڱي ۽ جلال پور ڪينال خلاف احتجاج

مختلف هنڌن تي سجاڳي مهم، ڪارڪنن پاران هينڊ بل ورهائي عوام کي آگاهي ڏني وئي

سنڌ جي وحدت تي وار ڪندڙن خلاف نعريبازي، زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضا ختم ڪرڻ جو مطالبو

دڙو (ن ع) دڙي ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف سجاڳي مهم / احتجاجي مظاهرو، سنڌ جي وحدت تي وار ڪندڙن خلاف نعريبازي، خبر موجب دڙي ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ جي ورهاست، جلال پور ڪينال، سنڌ جي زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضي خلاف عوامي سجاڳي مهم شروع ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ علي محمد پروين ضلع صدر عزيز ميمڻ ساگر پرهياڙ مير ڪڱڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن دڙو ٻنون لاڪيون بڪڪ موري، رڪا اسٽاپ سميت مختلف هنڌن تي عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ هينڊ بل ورهايا، عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف سڙڪي اسٽاپ تي احتجاجي مظاهرو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ جونيئر باڪسنگ چيمپيئن شپ، نوجوانن ۽ رانديگرياڻين جو شاندار مظاهرو

ٺٽو، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي باڪسرز حصو ورتو، رانديگرن وچ ۾ شاندار مقابلا

اي سي ۽ اسپورٽس آفيسر پاران بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن ۾ شيلڊون ۽ انعام ورهايا ويا

ٺٽو (د ر) ٺٽي ۾ پهريون پيرو باڪسنگ راند جا مقابلا ڪرايا ويا جنهن ۾ نوجوانن سميت رانديگرياڻين به حصو ورتو راندين واري کاتي جي نگراني هيٺ اسپورٽس ڪامپليڪس ٺٽو ۾ پهريون پيرو جونيئر باڪسنگ چيمپيئن شپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ٺٽي ڪراچي حيدرآباد سان تعلق رکندڙ باڪسر رانديگرن ۽ رانديگرياڻين حصو ورتو ۽ شاندار باڪسنگ جو مظاهرو ڪيو ان موقعي تي رانديگرن ۽ رانديگرياڻين باڪسر ڪوچ علي محمد جي نگراني هيٺ باڪسنگ جا مقابلا ڪيا جنهن ۾ جهمپير باڪسنگ ڪلب جي عبدالرحيم ريحان خان نقاش آزاد علي نواز تنوير خان ثناءَ حفصا اتيڪا عافيه بختاور کي شاندار باڪسنگ کيڏڻ جو اعزاز مليو باڪسنگ چيمپيئن شپ جي پڄاڻي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو لڳ ۾ سونا ويلفيئر اسپتال ۾ مصنوعي عضون جي مرڪز جو افتتاح ڪيو ويو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي جي صنعتي اداري ايف ايف سي جي CSR شعبي پاران مقامي عوام جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ صحت، تعليم رهائش ۽ هنر مند بڻائڻ جي شعبن ۾ ڪيترائي فلاحي منصوبا جاري آهن ان سلسلي ۾ سونا ويلفيئر اسپتال ۾ مصنوعي عضون جي مرڪز جو افتتاح ڪيو ويو جتي 261 مستحق ماڻهن کي مصنوعي هٿ ۽ پير فراهم ڪيا ويا، جڏهن ته مختلف تعلقن ۽ ضلعن ۾ مستحق معذور ماڻهن کي ويل چيئرز پڻ فراهم ڪيون وڃن ٿيون تقريب جو چيف گيسٽ جنرل مئنيجر پلانٽ ايف ايف سي خرم سليم هئا جڏهن ته آر ايم بريگيڊيئر عرفان ظفر ۽ CSR هيڊ ڪرنل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري فوت ٿيل نوجوان جو لاش

ڪنڊيارو ۾ ڳوٺاڻي جي ٻئي ڏينهن به مختيارڪار خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪنڊيارو(ن ع) ڳوٺاڻي جي ٻئي ڏينهن به مختيارڪار خلاف احتجاج انصاف جو مطالبو ڳوٺ ميرو ڪلو جي رهواسي محمد اسلم ڪلو پنهنجي پاٽين سان گڏ ٻي ڏينهن به احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته ڪنڊيارو تعلقي جي ديهه مڇڻ ۾ ٻاٿرن جي چوڻ تي منهنجي پاٽين محمد صالم ۽ محمد سليم جي کاتي جو سيل سرٽيفڪيٽ ڪڍي رهيو آهي هن چيو ته هڪ پاءُ محمد صالم فوت ٿيل آهي هن وڌيڪ چيو ته عدالت ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي پوءِ به قانون جي ڀچڪڙي ڪئي پئي وڃي هن سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ڪمشنر شهيد بينظير آباد ڊي سي نوشهروفيروز ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ڪڪڙ ۾ 3 سالن کان تيار گرلس مڊل اسڪول جي عمارت کي تالا، شهرين جو احتجاج

ٽن سالن کان گرلس مڊل اسڪول ڪڪڙ جي عمارت تيار هوندي به عمارت کي تالا لڳل آهن: مظاهرين

اسڪول جا ڪلاس شروع نه ٿيڻ ڪري نياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جيڪا نياڻين سان سراسر ناانصافي آهي

ايجوڪيشن ضلع انتظاميا ۽ اعليٰ انتظاميا ڪو به نوٽس وٺڻ لاءِ تيار ناهي، اعليٰ اختيارين معاملي جو نوٽيس وٺن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۽ مختلف ڳوٺن جي نياڻين جي تعليم سخت متاثر ايجوڪيشن کاتي دادو جي لاپرواهي ۽ نااهلي خلاف شهرين جو احتجاج مظاهرو اعليٰ انتظاميا کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ان موقعي تي فقير عبدالغني ساريو اياز حسين، برڪت علي جويو ممتاز احسان علي، نديم احمد، عبدالرزاق ۽ ٻين چيو آهي ته گذريل ٽن سالن کان گرلس مڊل اسڪول ڪڪڙ جي عمارت تيار هوندي به عمارت کي تالا لڳل آهن ۽ ويران حالت ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽالهي بي بي ايڇ آءِ بي ايڇ يو سينٽر جي عمارت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا، هڪ ملازم تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

ٽنڊوآدم ۾ ڦرجون ۽ وارداتون، فائرنگ ۾ شهري زخمي، ٻه موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم ڦر

ٽن هٿياربندن علي حسن جلالاڻي کان موٽر سائيڪل، موبائل ۽ روڪ رقم ڦري ورتي

ڦورن جو پيڇو ڪندڙ شاهد آرائين تي هٿياربندن جي فائرنگ، زخمي حالت ۾ حيدرآباد منتقل

وارداتن خلاف شهرين ۾ ڳڻتي، جوابدارن جي گرفتاري ۽ امن امان بهتر بڻائڻ جو مطالبو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ ڦرجون ۽ وارداتون، فائرنگ ۾ شهري زخمي ٻه موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم ڦر رپوٽ موجب ٽنڊوآدم ۾ ڦر جي وارداتن ۾ واڌ سبب شهرين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي ٽن نامعلوم هٿياربندن ٻن ڌار ڌار وارداتن دوران شهرين کان روڪ رقم موبائل فون ۽ ٻه موٽر سائيڪلون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن ته جوابدارن جي پيڇو ڪندڙ هڪ شهري کي فائرنگ ڪري زخمي ڪري ڇڏيو ذريعن موجب ٽن هٿياربندن باءِ پاس تي منگسي پيٽرول پمپ پرسان علي حسن جلالاڻي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندس روڪ رقم موبائل فون ۽ هنڊا 125 ماڊل 2026 موٽر سائيڪل ڦري ورتي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ قتل ٿيل فيصل گلزار پٺو جي وارثن سان هالار وسان جي تعزيت

قتل ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: هالار وسان

امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ پوليس کي وڌيڪ عملي ۽ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن

خيرپور(د ر)خيرپور پرسان حسين آباد اسٽاپ وٽ ڦر مزاحمت دوران ضلع ڪائونسل آفيسر فيصل گلزار پٺو جي قتل ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي سمورن جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هالار وسان خيرپور پرسان ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل انجنيئر فيصل گلزار پٺو جي وارثن سان پيپلزپارٽي جي ايم پي اي هالار وسان تعزيت ڪري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هالار وسان وارثن سان ملاقات دوران واقعي بابت تفصيل معلوم ڪيا ۽ کين يقين ڏياريو ته ڏکوئيندڙ واقعي جي شفاف جاچ ۽ انصاف لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي هالار وسان چيو ته ڪوٽڏيجي تعلقي سميت سڄي خيرپور ضلعي ۾ جنوري کان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: بزرگ اولياءِ پيرحسين شاهه جيلاني جي عرس ۾ عقيدتمند شريڪ آهن

راضيديرو پريس ڪلب صدر قربان گلال کي ٻاٿرن جون ڌمڪيون

پلاٽ تي قبضي لاءِ ٻاٿر ۽ سندن ساٿي قتل جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: قربان گلال

واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

راضيديرو(ن ع) راضيديرو جي سينيئرسٽيزن ڳوٺاڻو شهري سينيئر صحافي پريس ڪلب راضيديروجي صدرقربان علي گلال جي گهر ۽ پلاٽ تي ٻاٿرن طرفان قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ٻاٿر ۽ نام نهاد قبضا خورامير بخش عرف ممتازحجم منگي، عزيزالله حجم منگي مشتاق عرف ڪليري حجم منگي امجد حجم منگي ۽ سندس جا ساٿاري مهاقبضاخورلياقت عرف حضوربخش حجم منگي ۽ ان جا ٻيا سئوٽ پاٿيٽيا پاٿيجا سالا پيٽيواءِ ٻيا شامل آهن انهن طرفان صحافي قربان علي گلال کي سڀني پاران قتل ڪرڻ اگرا نتيجاڀوڳڻ موت مار ڌمڪيون ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ ڪورٽن ۾ بي بنياد حاضريون ۽ پيشيون ک

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي بعد جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم تعلقي پوليس سڃي موري وٽ مبينه پوليس مقابلي بعد هڪ جوابدار مراد علي پٽ علي محمد ٻگٽي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان ٽي ٽي پسٽل برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس موجب سندس هڪ ساٿي لالڻ عرف لالو باگڙاڻي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن تعلقه پوليس جوابدارن تي پوليس مقابلي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جا ڪيس داخل ڪري

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ جسقم آريسر جي احتجاجي ريلي، نون صوبن ۽ سنڌو درياهه مان ڪئنالن خلاف نعريبازي

سڪرنڊ (س ر) جسقم آريسر پاران سنڌ جي وحدت خلاف ، نون صوبن جي قيام سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ ۽ بلاول چانڊيو عامر انصاري سميت گم ٿيل قومي ڪارڪنن جي آزاديءَ لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي چانڊيا پمپ کان شروع ٿي شهر جي مختلف هنڌن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي جتي ريلي جلسي جي صورت اختيار ڪري وئي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سنڌ جي وحدت ۽ سنڌو درياهه جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي: ٻانڊي شاخ اسٽاپ تي مال جي واپاري هاشم ٻگٽي جي قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدار پوليس حراست ۾ بيٺل آهي

لاڙڪاڻي ۾ گونگن ۽ ٻوڙن جو 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا تي عملدرآمد لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پيپلز ڊيف اينڊ ڊمب يونٽ آرگنائيزيشن جي سڏ تي گونگن ۽ ٻوڙن طرفان پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن فدا حسين ٻڙدي، فياض احمد کهڙو آصف علي سومرو فرمان سولنگي سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪري هٿن ۾ بئنر ۽ جهنڊا کڻي اشارن جي ذريعي وس وارن کي اپيل ڪندا رهيا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پنهنجي پريس پڙهائي ۾ چيو ته اسان جي تنظيم 2011ع کان وٺي گونگن ۽ ٻوڙن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي افسوس آهي جو سنڌ حڪومت توڙي وفاقي حڪومت طرفان 5 سيڪڙو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ هندو پنچائت پاران لعل سائين جو چاليهون انتهائي مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

گمبٽ (ت .ر) گمبٽ ۾ هندو پنچائت پاران لعل سائين جو چاليهون انتهائي مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو هٿن ۾ ڀهراڻا صاحب ۽ مکين ۾ پرشاد وجهي ڏيا ٻاري وڏي ڪاڻي اُبل واهه گمبٽ کان شاندار ريلي ڪڍي روهڙي ڪئنال گمبٽ پرجوتي ٻاري ڀهراڻي صاحب کي درياهه پروان ڪندي درياهه بادشاهه کي ڀيٽا پيش ڪندي پلهيو پائي سنڌ سميت ملڪي سلامتي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون ان موقعي تي هندو پنچائت جي اڳواڻن ڊاڪٽر لعل ڪمار ،جڳ پرڪاش ،وجي ڪمار ،ساگر ڪمار ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جهولي لعل سائين جو ساليانو ڏڻ چاليهون انتهائي مذهبي جوش

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ زمين تي ٻاٿرن جي مبينا قبضي خلاف ٽئڪسي ڊرائيور جو پٽ ۽ پاڻيٽي سميت احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ڪاراڻي واسي ٽئڪسي ڊرائيور پنهنجي پٽ ۽ پاڻيٽي سان گڏجي ٻاٿرن جي مبينا ناجائزين خلاف هٿن ۾ پيپلز پارٽي جو جهنڊو کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ٽئڪسي ڊرائيور امداد ٻگهيو پنهنجي پٽ فياض ٻگهيو پاڻيٽي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڏهرڪي: روزاني عبرت جي تعلقه رپورٽر نصيراحمد قريشي جو فرزند ذوهيب علي قريشي عمري جي ادائيگي بعد گهر پهچڻ تي سندس والد سان گڏ ورتل فوٽو

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جو احتجاج جاري

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف هٿن ۾ پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جي تصويرن وارا بئنر هٿن ۾ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هٿن نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي ويٽنگ اميدوارن صدام سانداڻو فريد عباسي جميل پٺو مريم عباسي صبا ٽونيو مسرت ڪلهوڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ اسان جي احتجاج کي 37 هون ڏينهن آهي پر ڪنهن به اسان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.